
سچا ڪوڙا رشتا
ڪھاڻيون
منظور ڪوھيار

# سچا ڪوڙا رشتا

ڪهاڻيون

منظور ڪوهيار

# True & False Relations

Short Stories

ڊجيٽل ايڊيشن:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (216) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”سچا ڪوڙا رشتا “** ناماري ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار **منظور ڪوهيار** جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي.

افساني جي خمير ۾ ڏاڍي آدم جي حقيقت نگاري بدرجه اتم موجود ٿئي ٿي.پر ساڳئي وقت حوا واري رومانويت به ڪيس حقيقي حسن بخشي ٿي. ڪلاسيڪل افساني جي اها صورت اسان کي منظور ڪوهيار جي افسانن ۾ با ضابط طور تي نظر اچي ٿي.

هي ڪتاب **ڪنول پبليڪيشن قنبر** پاران 2009ع ۾ ڇپايو ويو. اسان ٿورائتا آهيون انجنيئر عبد الوهاب سهتي صاحب جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پاٺڪن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# فهرست

## مهاڳ ۽ رايا


- ’ڪلا سڪ‘ جي درجي تي پهتل ڪهاڻيون
- ساڌ ڪهاڻي ڪافر ڪهاڻي جي ڍنگ جي
- اعتراف
- لکت ۾ محنت جو قائل اديب
- روايتي ۽ جديد ڪهاڻي
- A writer of an individual identity
- Kohyar, the storyteller


## ڪلاسيڪل ڪهاڻيون


- مال غنيمت
- سچا ڪوڙا رشتا
- ساڌ
- فليگ آف آنر
- ڏانديءَ جي رشتي سان ڳنڍيل پيلو پاپڙ
- ٽيون سبب
- سچي ۽ لاجواب ڪهاڻي
- ڏوجهرن ۾ ڦاٿل زندگيون


## صوفي ڪهاڻيون

- ۽ شهر اونڌو ٿي ويو ....
- اصلي چهرا
- جاگيردار صوفي
- سزا ڏيندڙ منصف
- اسرارِ خودي
- رَمـلُ
- ٻہ انا پرست
- معاف ڪندڙ
- ناشڪُرو

## گرو چيلو ڪهاڻيون

- ٻڪيو
- روشنيءَ جو انڌو
- تون ۽ مان
- لانگ بوٽ وارو
- جنت ارضي
- اکيو ن ٻوٽ تہ ملڪ ئي ميدان
- جڳ جهڙا
- حق
- ادبي ڪچهري ۽ عقلِ ڪل
- ردي ڪتابچو
- ساڳيو ئي ٽئو
- ڏُکي ڪهاڻي
- ڊاڪٽريٽ
- گونگو

- سمجھ
- سازش
- نہ ڪٽندڙ وسيلا
- سياست
- اُداسي
- ڊگري يافتہ گڏھ
- چور جي تلاش
- نئين حڪمت عملي
- شوبز جو ماڻھو
- جدوجھد
- نحوست

# مهاڳ ۽ رايا

## 1.1 ‘ڪلا سڪ’ جي درجي تي پهتل ڪهاڻيون

سنڌ جي ادبي قلواڙيءَ ۾ سنڌي ڪهاڻي مني صديءَ کان پنهنجي سجاڳپ ڪرائيندي پئي اچي. سوين ڪهاڻيون ڪتابن جا ورق سينگاريون بيٺيون آهن. پر ايمانداريءَ سان ۽ وڏي ڳڻ ڳوت ڪري جڏهن اعليٰ معيار جي ڪهاڻين جي چونڊ ڪبي ته هرويرو هنيوچيون هٿڻ جي ضروت پيش نه ايندي.

اِن ڊ گهي سفر ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترن ڪجهه نالن ۾ جڏهن کان منظور ڪوهيار جو نالو شامل ٿيو آهي ته سچ پچ ايئن چوڻ ۾ ڪو به وڏاءُ محسوس نٿو ٿيئي، ته هن سنڌي ٻوليءَ جي ڪهاڻيءَ کي متي وني وجڻ ۾ پنهنجي ڀرپور صلاحيتن جو مظاهرو ڪرڻ ۾ وسان نه گهٽايو آهي.

سندس ڪهاڻين جي ڪتاب ‘سچا ڪوڙا رشتا’ جو جڏهن جائزو ونجي ٿو، ته انساني سماج ۾ ٿيندڙ انتهائي قسم جي بي حسي جي پٽ وائکي ٿئي ٿي. ٻي ڪهاڻي ‘مال غنيمت’ به ڏوهاري ماڻهن جي ذهنيت جي هڪ ڀرپور عڪاسي آهي. جيڪا اسانجي ڀھراڙين، خاص ڪري اتر سنڌ ۾ ڪچي واري علائقي ۾ هڪ درد جو داستان آهي. ‘ٽيون سبب’ ڪهاڻي، اسان جي روايتي مذهبپٽي جي قلعي لاهي، ان جي داغدار چهري کي نه صرف ظاهر ڪري ٿي.پر اِهو به احساس ڏياري ٿي ته غير فطرتي انداز ڪئين نه ابتا نتيجا ڪڍي ٿا.

چوٿين ڪهاڻي ‘ساڏ’ جيڪا اوڏن جي سماجي بيهڪ بابت آهي ۽ هڪ اهڙي شخص جي ڪهاڻي آهي، جنهن کي ساڏ ٽيڻ تي پڇتاءُ آهي، پر پوءِ به هو ‘ساڏ’ جي ڀرم کي رکيون اچي ٿو، پر پنهنجي پٽ کي ساڏ ڪرڻ نٿو گهري، جو ته سندس نظر ۾ اڄ ڪلهه ساڏن جو وقت ڪونهي.

هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ڀرپور سنجيدگيءَ سان ڪيل طنز ۽ مقصد آهي، ته ڪو ماڻهو جڏهن سچائي جي راهه تي اچي ٿو ته سندس گهر وارا به ڪانئس رُسي ٿا وڃن. جيڪو اسان جي اڄوڪي سماج جو الميو آهي. هن ڪهاڻي جي ٽين خوبي اِها آهي ته اوڏن جي ثقافت کي اهڙي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي، جڻ منظور اُن ڪميونٽي جو فرد هجي. ان حوالي سان هيءَ ڪهاڻي ثقافتي نموني جي حوالي سان اعليٰ درجي جي حيثيت رکي ٿي. اهڙيءَ طرح سندس ٻيون ڪهاڻيون ‘راڄڪرتهه’، ‘ڏوجهرن ۾ قاتل زندگيون’،

’سچي ۽ لاجواب ڪهاڻي‘، ’فليگ آف آنر‘، ’ڏانديءَ جي رشتي سان ڳنڍيل پيلو پاپڙ‘ ۽ ننڍڙين مختصر ڪهاڻين ۾ به تمام گهڻا سماجي منظر ۽ مقصد سمايل آهن.
مجموعي طور تي منظور ڪوهيار جي ڪهاڻين جي وڏي خوبي اِها آهي ته ڪهاڻين جا ڪردار جيترو تفصيل گهرن ٿا، منظور اُنهن کي اوترو وڌائي ٿو. اِن ڪري هو مختصر ترين ڪهاڻيون به لکي ٿو ته طويل به ....
منظور ڪوهيار جي ڪيترين ڪهاڻين جي روح ۾ لهي جيڪڏهن گهرائي سان چيد ڪجي ته خبر پوندي ته سندس ڪيتريون ڪهاڻيون ’ڪلاسڪ‘ جي درجي کي پهتل نظر اچن ٿيون، جن تي وقت جي ڌوڙ ۽ دز جمي نٿي سگهي.

**محمد علي پٺاڻ**

## 1.2ساڌ ڪهاڻي ڪافر ڪهاڻي جي ڏنگ جي

’روح رها ڻ‘ ۾ ڇپيل منظو ر ڪوهيار جي ڪهاڻي ’ساڌ‘ نسيم کرل جي ڪهاڻي ’ڪافر‘ جي ڏنگ واري لڳي. اوڏن جي سماجي ۽ مذهبي زندگي، سندن ٻوليءَ، گفتگو، رهڻي ڪهڻي، ريت مرجات ۽ مذهبي ريتن رسمن جي عڪاسي نهايت جاندار ۽ اثرائتي نموني ڪيل آهي. ڪهاڻي جا ڪردارجيئرا جاڳندا ۽ زوردار آهن. اهڙيون ڪهاڻيون اڄ ڪلهه گهٽ پيون ڇپجن.

**رسول بخش پليجو**

## 1.3اعتراف

عيسائين ۾ هڪڙو رواج آهي ته جيڪڏهن ڪنهن کان گناهه سرزد ٿي ويندو آهي ته اهو ’فادر‘ وٽ وڃي، پنهنجي گناهه جو ’اعتراف‘ ڪندو آهي. جيڪڏهن محبت ڪرڻ گناهه آهي ته اعتراف ٿو ڪريان ته آءٌ منظور ڪوهيار سان سندس ڪهاڻين جي ڪري محبت ڪندو آهيان. مونکي منظور جون ڪهاڻيون ڏاڍيون وڻنديون آهن. مون جڏهن به سندس ڪهاڻيون پڙهيون يا ٻڌيون ته محسوس ڪيم ته منجهس ذهانت، ادراڪ ۽ مطالعو آهي. سمجهندو هيس ته اڳتي هلي هو ڪهاڻين جي حوالي سان سنڌي ادب ۾ هڪ اهم جاءِ والاريندو. سندس مشاهدو ۽ ٻولي ته مون کي خمار ڏيئي ڇڏيندا آهن.

جڏهن به اسان عام طرح ڪهاڻيءَ تي غور ڪندا آهيون ته رواجي طور تي اهو سوچيندا آهيون ته منجهس پلاٽ هجڻ گهرجي، ڪردار هجڻ گهرجن، گفتگو هجڻ گهرجي، صاف سٿري ٻولي هجڻ گهرجي ۽ مقصد هجڻ گهرجي. پر ڪن جي خيال ۾ پلاٽ ۽ ڊائلاگ جي به ضرورت ناهي، پر ڪهاڻي ۾ ڪهاڻي-پڻو ۽ مقصد هجڻ گهرجي. ڪي چون ٿا ته ڪهاڻي زندگيءَ جي ويجهو هجي يا ان جو حصو هجي، ان ڪري ڪهاڻيءَ جي مختلف وصفن جي تحت مختلف اندازن ۾ ڪهاڻيون لکيون ويون آهن. منهنجي خيال ۾ بنيادي ڳالهه اها آهي، جيڪا پڙهندڙن کي ساڻ وٺي هلي ۽ متاثر هڪ طاقتور اثر ڇڏي. جيڪڏهن ڪهاڻي پڙهندڙن کي ساڻ ڪنيون هلي ٿي ۽ اثر ڇڏي ٿي ته ڪهاڻيڪار ڪامياب، نه ته ناڪام. ڪهاڻي جيڪا اثر انگيز هوندي، اها ئي ياد رهندي. باقي نه ته ذهن جي پٽي تان ميسارجي ويندي. اوهان دنيا جي وڏن وڏن ڪهاڻيڪارن کي پڙهيو هوندو، پر سندن اهي ڪهاڻيون ياد رهيون هونديون، جن اوهان تي اثر ڇڏيو هوندو ۽ سٺي ڪهاڻيءَ جي اها ئي ڪسوٽي آهي ته پرپور تاثر ڏئي ۽ حافظي ۾ رهي.

منظور جون سڀئي ڪهاڻيون، ڪٽي نه چوان، پر گهڻيون ڪهاڻيون پڙهندڙ يا ٻڌندڙ کي ساڻ ڪيون هلن ٿيون ۽ آخر ۾ هڪ پرپور تاثر ڇڏين ٿيون.

’ساڙ‘ ڪهاڻي جنهن تي ڪيترن ٻين دوستن به لکيو آهي، سچ اهو آهي ته اها ڪهاڻي، سنڌي ادب جي سٺين ڪهاڻين منجهان هڪ آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾، اوڏ ڪميونٽي تي گهري نظر وجهندي، هڪ ننڍڙي واقعي کي ڪٽي ’نيڪي ۽ بدي‘ جي فلسفي کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ اهو به ٻڌايل آهي ته چڱو مڙس ٿيڻ آسان ناهي، جي تجي ته پوءِ ٿي ڏيکارجي. هن ڪهاڻيءَ جي وڏي ۾ وڏي خوبي ان جو ماحول آهي، جيڪو ليکڪ فنائتي نموني چٽيو آهي. منظر نگاري، ڪردار نگاري به پنهنجي فطري

وهڪ ۾ هن ڪهاڻيءَ اندر نظر اچي ٿي. ٻولي ۽ تشبيهون ڪهاڻيءَ جي حسن کي ويتر وڌائين ٿيون.

**اياز قادري**

## 1.4لکت ۾ محنت جو قائل اديب

افساني کي ’نندي ڪهاڻي‘ سڏيو وڃي ٿو. علم و ادب جي دنيا ۾ ان جي اها ئي سڃاڻپ آهي. ’نندي ڪهاڻي‘ نالي پوڻ سان ڪيس کو فائدو پهچي يا نہ، ڪيس هڪ نقصان ضرور پهتو آهي، گهڻا ماڻهو ’نندي ڪهاڻي‘ سمجهي ان صنف جي ادبي حيثيت کي پڻ گهٽ وقت ڏيڻ جا روادار ٿيا آهن.
ناول بيشڪ ادب جي هڪ تابنده صنف آهي، جنهن پنهنجي اندر پنهان سچائين ۽ ان سان لاڳو ٻين سببن ڪري دنيا ۾ لامحدود حيثيت ماڻي آهي. اڄوڪي دنيا جي معتبر ناول نگارن جي وقار جو مک سبب انهن جي حقيقت نگاري جي بي انتها قوت آهي، اهوئي سبب آهي تہ ناول جي ان هڪڙي خصوصيت ان کي ’حيران ڪندڙ‘ حيثيت ڏياري هئي. ناول جي معجزاتي تاثر سبب اهو داستان، قصي ۽ ڪٿا کان عليحده ۽ ارفع هڪ شيءِ سمجهي وئي. ان ڪري ئي ان جو نالو ’نئين ۽ انوکي شيءِ‘ (ناول) پئجي ويو.
ائين جديد ادب جو ڏاڏو پيدا ٿي پيو، پر جيئن روايت آهي تہ ڏاڏو گهڻو وقت اڪيلو نہ رهيو. ان جي ڪبي پاسراتيءَ مان ڏاڏي حوا افساني جي صورت ۾ پڻ تخليق ٿي.
افساني جي خمير ۾ ڏاڏي آدم جي حقيقت نگاري بدرجہ اتم موجود ٿئي ٿي، پر ساڳئي وقت حوا واري رومانويت ئي ڪيس سندس حقيقي حسن بخشي ٿي.
ڪلاسيڪل افساني جي اها صورت اسان کي منظور ڪوهيار جي افسانن ۾ باضابطا طور تي نظر اچي ٿي. اڄوڪي سنڌي افساني ۾ هوندئن تہ منظر نگاري جي حوالي سان معياري نثر جي کوٽ هرگز ناهي پر اهڙا کي چند افسانا هوندا جن ۾ بيان ۽ ڪلام، نيٺ مقامي ۽ لاڳاپيل محاوري ۾ ادا ٿيل هجن.
افساني جي زبان تہ سنئين سڌي سنڌي چئبي پر هر جڳهہ ۽ هر پاسي جي ٻولي ۾ فرق ملي ٿو. ڳالهائڻ ۾، ادائگي ۾ تہ فرق آهي ئي پر معنائن ۽ مفهومن جو ڦيرو مزيدار آهي. هر هنر جو وکر پنهنجو، هر ڪرت جو استعارو جداگانہ ۽ هر شريعت ۽ طريقت جو محاورو يگانا آهي. جڏهن ڪهاڻي ڪنهن هڪ ماحول ۾ سرجي ٿي تہ ان جي ٻولي پڻ ان ماحول مان ئي هٿڻ گهربي آهي.
ڪوهيار جي اها قابليت آهي تہ هن هر ماحول کي موزون زبان سان ادا ڪيو آهي. جڏهن اوڏن جي وسندي ۾ ڪنهن واقعي جنم ورتو آهي تہ انهن جي سماج جي هڪ مکمل تصوير اکين آڏو اچي وڃي ٿي، اڳ ۾ بہ اسان وٽ اوڏ چند افسانن جو موضوع بڻيا

آهن، پر لاڳاپيل ٻولي نہ هئڻ ڪري ۽ ماحول جي حقيقي تصوير ڪشي نہ ٿيڻ سبب سندن سماجي تعلق ۽ عمومي اٿا-ويني مڙئي اکين کان اوجهل رهي آهي.

’ساڌ‘ انهن سيني پراڻن مثالن کان جدا هڪ اهڙي ڪوشش آهي جنهن جي پڙهڻ سان اهڙي ڪا بہ تشنگي نٿي رهي. اوڏن جو اٿڻ ۽ ويهڻ،ڪائڻ ۽ پيئڻ، سنئوڻ ۽ وسوسا، مطلب تہ سندن سماج جي پوري تصوير، افساني جي پسمنظر ۾ موجود رهي ٿي ۽ انهيءَ ’حقيقي فريم ورڪ‘ ۾ ڪهاڻي پلجي وڌي ٿئي ٿي ۽ پنهنجو جوپن ڏيکاري ٿي. حقيقت نگاري جو اهو اعليٰ مثال هڪ اعليٰ افساني ۾ ڪيئن ٿو ڍلجي اهو هڪ جداگانہ ڪمال آهي.

هت اسان وٽ خود افساني ۾ رومانويت جا بہ ٽچڪا ڪاڏل (دوآتشا) موجود آهن ۽ اهو بہ سوڊي جي پنهنجي ذات ۾ .... اديب جيئن تہ سماجي نفسيات کي هڪ علم طور پڙهندا آهن، ان ڪري اڪثر انهن جي نظرن آڏو اها حقيقت پنهنجن مختلف روپن ۾ بينل هوندي آهي، پنهنجي ان مشاهدي کي عام تائين پهچائڻ لاءِ، اُهي پنهنجي تخليقي صلاحيتن کي استعمال ڪرڻ تي مجبور ٿيندا آهن.

جنسي حوالي سان روا بندشون، عام صحتمند رجحانن جي پيداوار ۾ رڪاوٽ آهن، نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ ’غير معمولي افعالن‘ جو ذڪر ڪيترن افسانن جو موضوع رهيو آهي. ’ٿيون سبب‘ ان موضوع تي هڪ ڀرپور افسانو آهي، جنهن جي بي انتها حقيقي سيٽ تي، جيئري جاڳندي زندگي ۾، اسان جي اکين آڏو جڏهن اهو ڪيڏ ڪيڏيو ويو تہ نہ صرف غير صحتمند جنسي رجحانن جي خمير جي خبر پئي بلڪ يقين بہ ٿي ويو تہ اصلاح لاءِ اسان اجا تائين ڪو جوڳو انتظام ڪرڻ لائق بہ ناهيون.

ان افساني جي ٻولي، ماحول جي ڪيفيت کي وڌي سولائيءَ سان سمجهڻ لائق بڻائي ٿي. ’جهان گمگشتہ‘ جي هڪ صورت اکين آڏو اچي ٿي. اڄوڪي پڙهيلن لاءِ مدرسو هڪ نئين ڳالهہ آهي پر ڪوهيار مدرسي جي ماحول ۽ ان جي شب و روز جو ذڪر نفيس مزاح سان جنهن رواني سان ڪري ٿو اها سندس هنر ۽ علم جو ڏاڪو ويهارڻ لاءِ ڪافي آهي.

منظور ڪوهيار پاڻ تعليم ۽ ڪرت جي لحاظ کان سماجي علم جو ماهر چئجي. هن يونيورسٽي ۾ ۽ عام زندگي ۾ هميشہ سماج جو مطالعو جاري رکيو. هن فرد جي عمل کي سماجي روين جي ڪسوٽي تي پرکيو آهي ۽ سماجي چرخي کي فرد جي ٻل تي ڦرندي جاچيو آهي. هو سماجيات جي ماهرن جي نظرن کي ماڻهن جي لوڏ ۾ ڳولهي ڪڍي ٿو. اهڙيءَ طرح هن جون ادبي ڪاوشون پڙهندڙن کي گهري نظر عطا ڪن ٿيون. لکت ۾ محنت جو قائل هي اديب، ادب کي امير ۽ ٻوليءَ کي سرهو ڪندو نظر اچي ٿو.

اميد ته ڳوناٽيءَ زندگيءَ سان سندس ويجھڙائپ اسان جي ٻولي کي روايتي رستن کان ٻھراڙي جي انيڪ پيچرن تي وٺي ويندي، جنھن جي نتيجي ۾ ڪرت ۽ احساس جي ترجماني جو ھڪ نئون بندوبست ممڪن ٿي ويندو.

**ڪليم لاشاري**

## 1.5روايتي ۽ جديد ڪهاڻي

اسان وٽ روايتي ڪهاڻيءَ ۽ جديد ڪهاڻيءَ جو جڏهن بحث ٿيندو آهي تہ، ايئن لڳندو آهي ڄڻ روايتي ڪهاڻي ۽ جديد ڪهاڻي، فني ۽ خيال آرائيءَ جي لحاظ کان هڪ ٻئي کان الڳ ٿلڳ يا مخالف آهن. وري جڏهن اسان وٽ ڪهاڻي ۽ افسانيءَ تي بحث ٿيندو آهي تہ بہ ائين محسوس ٿيندو آهي تہ ڪهاڻي ۽ افساني ۾ ڪو زمين ۽ آسمان جو فرق آهي.

جڏهن تہ ائين ناهي. تهذيب ۽ تمدن، ثقافت ۽ معاشرت جي تسلسل جو نالو روايت آهي. روايت ڪا جامد شيءِ ناهي، پر زندگيءَ جو هڪ اهڙو تخليقي سلسلو آهي، جيڪو هڪ نسل کان ٻي نسل تائين منتقل ٿيندو رهي ٿو.

ادبي اصطلاح جي حوالي سان بہ روايتي نظم ۽ نثر پنهنجي ڪلاسيڪل هيئت ۽ حيثيت جي حوالي سان هڪ اهڙو ادبي ورثو آهي، جيڪا اسان جي ادبي عمارت جي پڪي پيڙهہ جيان جدت يا تجربي کي روايت جي مخالف سمجهيو ويندو آهي. اڄ جو روايتي انداز، ماضيءَ جو تجربو تہ آهي، جنهن کي اسان جدت سڏيون ٿا.

اِن ڪري روايت جي روايت کي برقرار رکڻ هڪ سُني روايت آهي ۽ جيڪو اديب ادب جي روايت کان پلي پٽ واقفڪار هوندو آهي، اُهو ئي ادب کي نوان لاڙا ۽ نوان انداز ۽ تجربا ڪري ڏئي سگهندو.

ڪهاڻيءَ جي لکت جي حوالي سان، جيڪو اسان وٽ تاريخي ثبوت آهي، سا آهي مصري ڪهاڻي 'ٻڌل ٻيڙو' - جيڪا چار هزار هڪ سئو سترنهن ورهيہ پراڻي پاپائرس (مصر جي نيل نديءَ جي پر ۾ ٿيندڙ گاهہ مان ٺهندڙ ڪاغذ) تي لکيل آهي.

جيڪڏهن فني نقطئہ نگاهہ کان اُن تي نظر ڊوڙائبي تہ اندازو ٿيندو تہ ڄڻ هيءَ ڪهاڻي 'هومر' جي تصنيف 'اوڊيسي' يا 'سند باد جهازي' جو بنياد آهي. اهڙيءَ طرح 'هيلن آف ٽراءِ' ۽ 'سنڊريلا' جهڙيون ڪيئي ڪهاڻيون مصر ۾ هلندڙ هيون، جيڪي پوءِ تراشجي ڪراشجي نئين اداز ۾ لکيون ويون. هم-جنسيت جي حوالي سان بہ پهرين ڪهاڻي مصر مان هٿ آئي، جيڪا بہ اندازن چار هزار سال پراڻي آهي، جيڪا فرعون 'نفرڪارا' ۽ 'جنرل سس نت' جي جنسي تعلقاتن متعلق آهي. 'خوش بيان هاري' بہ اندازن پوڻا چار هزار سال پراڻي لکيل آهي، جنهن ۾ 'شور' جي واديءَ ۾ هڪ هاري رهندو هيو. اُهو پنهنجو اَن گڏهہ تي ڪٽي جڏهن شهر وڃي ٿو تہ هڪ سرڪاري ملازم هاريءَ جي گڏهہ تي اَن سوڌو قبضو ڪري ٿو ۽ هاري اُن جي خلاف جڏهن سرڪاري آفيسر يا منتظم اعليٰ کي دانهن ڏئي ٿو تہ هو ٻڌي اڻ ٻڌي ڪرڻ لڳي ٿو. اُن تي هاري ڪڏهن ڪيس

ايلاز مصاف ڪري ٿو، ڪڏهن ڪيس ديوتائن کان ڏيڄاري ٿو تہ ڪڏهن ڪيس ڪريون ٻڌائي ٿو ـ هيءَ ڪهاڻي جهڙوڪر اشتراڪي ادب جو بنياد آهي. هيءَ ڪهاڻي خوبصورت زبان ۽ جديد جذبن ۽ تصورن جو اظهار آهي. ان جا ڪجهہ جملا هتي بہ پيش ڪجن ٿا، تہ جيئن پڙهندڙ بہ حظ حاصل ڪري سگهن.

هاري (رنسي) فرياد ڪندي چوي ٿو:

'اي منتظم اعلي ....! منهنجا آقا ....!

تون پنهنجي درٻارين سان گڏ آسمان تي فرمان روا (سورج ديوتا) وانگر آهين. تمام ماڻهن جي ضرورت تون پوري ڪرين ٿو. تون ڪچو ٻوڙيندڙ آهين. تون هاپي (درياهہ نيل جو ديوتا) جيان آهيان، جيڪو چراگاهن کي سرسبز ڪندو آهي. ويرانن کي آباد ڪندو آهي. مهرباني ڪري رهزنن جو سد باب ڪر، غريب ماڻهن جي حفاظت ڪر. فريادي کي نہ لوڙهہ. موت کان پوءِ ايندڙ زندگيءَ کي ڌيان ۾ رک. طويل زندگيءَ جي تمنا رک. جيئن چوٽي آهي تہ انصاف ڪرڻ، نڪ مان ساهہ کڻڻ مثل آهي.'

پر جڏهن ساڻس انصاف نٿو ٿيئي تہ کيس ڪتيون ٻڌائي ٿو:

'اي منتظم اعلي ....! منهنجا آقا ....!

ماڻهو حرص جي ڪري اونڌي منهن ڪرندا آهن. لالچي پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ناهن ٿيندا. انهن کي صرف ناڪامي ئي نصيب ۾ ملندي آهي. سچ چوانءِ تہ تون وڏو لالچي آهين. ليڪن توکي ان لالچ مان ڪو فائدو حاصل نہ ٿيندو. تون لٽيرو آهين ...! مگر اهو ڪم تنهنجي لاءِ سود مند ناهي ... جيڪو اڄ معزز آهي، اُهو سڀاڻي مفلسيءَ جو شڪار ٿي سگهي ٿو. ڏس، آءٌ فرياد ڪيان ٿو، پر تون ڪجهہ ٻڌين ئي نٿو. هاڻي مان هليو ويندس ۽ اُپنو (موت جي ديوتا) وٽ وڃي فرياد ڪندس. بس تنهنجو منهنجو فيصلو اُهو ئي ڪندو.'

جڏهن هاري ٻاهر وڃي ٿو تہ منتظم اعليٰ کي پڪ ٿئي ٿو تہ اُهو آخر ڪار کيس اَن سوڌو گڏهہ واپس ڪرائي ٿو.

سعادت حسن منٽو نئين ادب جي حوالي سان جيڪا ڳالهہ پنهنجي افسانن جي ڳُٽڪي 'لذتِ سنگ' جي مهاڳ ۾ 'ڪسوٽي' جي عنوان سان لکي آهي. سا نئين ادب جي تشريح پنهنجي دلچسپ انداز ۾ هن ريت ڪئي آهي.

'هي زمانو نون سورن ۽ نون دردن جو زمانو آهي. هڪ نئون دور، پراڻي دور جي پيٽ کي چيري ڦاڙي ٻاهر نڪري ٿو. پراڻو دور موت جي صدمي کان روئي ٿو، نئون دور زندگيءَ جي خوشيءَ وچان رڙيون ڪري ٿو. ٻنهي جون نڙيون پريل آهن. ٻنهي جون اکيون نمناڪ آهي. اُنهيءَ پريل نڙين ۽ نمناڪ اکين ۾ پنهنجو قلم ٻوڙي لکڻ وارو

لکي ٿو. نئون ادب ....؟ زبان اُها ئي آهي، صرف لهجو بدليو آهي. در اصل ان بدليل لهجي جو نالو نئون ادب، ترقي پسند ادب، فحش ادب يا مزور پرست ادب آهي.'
روايتي ڪهاڻيءَ جي استادن جو چوڻ آهي ته، روايتي ڪهاڻيءَ لاءِ ضروري آهي، ته اُن ۾ ستن عنصرن 'پڪدبوطما' جو هجڻ ضروري آهي. يعني 'پ' مان مراد 'پلاٽ' ـ 'ڪ' مان مراد 'ڪردارنگاري' ـ 'ڊ' مان مراد 'ڊائلاگ (مڪالما) ـ 'و' مان مراد 'واقعا' ـ 'ط' مان مراد 'طرزِ تحرير (اسلوب) ـ 'م' مان مراد 'مرڪزي خيال (مقصد) ـ 'ا' مان مراد 'اختتام' ـ.
وري هيئت جي حوالي سان روايتي ڪلاسيڪل ڪهاڻي اُها سمجهي ويندي هئي، جيڪا گهٽ ۾ گهٽ هزار لفظن تائين ۽ وڌ ۾ وڌ ست هزار لفظن تائين هجي. اُن جي شروعات دلچسپ يا حيران ڪن هجي. ڪهاڻي جيئن اڳتي هلي ته ڪو مسئلو نمودار ٿئي. مسئلي کي حل ڪرڻ يا رڪاوٽ وجهڻ وارا نيڪ يا بدڪردار ظاهر ٿين. ڪهاڻي هلندي پهريان ننڍا مونجهارا، پوءِ ٿورا وڏا مونجهارا ۽ آخر ۾ هڪ وڏو مونجهارو پيدا ٿي وڃي ۽ پوءِ ڊرامائي انداز ۾ اُن ڪهاڻيءَ جو خاتمو ٿئي، جيڪو چرڪائيندڙ هجي.
روايتي ڪهاڻي جي حوالي سان ڪهاڻي جا استاد هڪ چارٽ، هينئين ريت ناهي پيش ڪن ٿا.

شروعات Beginning
مسئلو Problem
ننڍڙو مونجهارو sub crisis
ٿورو وڏو مونجهارو $2^{nd}$ crisis
وڏو مونجهارو major crisis
اختتام End

**منظور ڪوهيار**

# 1.6 A writer of an individual identity

A writer retains individuality, when he adopts his own style and idiom in his writings. Manzoor Kohyar is among such writers who have maintained their individual identity in diction and style in short stories.

Manzoor Kohyar has dexterously delineated a panorama of different dimensions of human behavior in simple essay to understand form of writing. He hurls a satire on queer characters without provocation. That is also an apt art of the writer to expose condemnable crimes of the criminals in covert words.

In little story "Sacha koora rishta" (The so called relations) he reveals rapacity of blood relations, brothers and sisters who became bitter and brawl at the property bequeathed by their bachelor brother.

In "Radi kitabcho" (Useless booklet) the writer berates a braggart and short-sighted literature who remains in a shallow shell of self glorification and does not acknowledge ability and scholarships of others. In "Biti saza" (Dual punishment) he delineates courtly characters of jaded judges who punish the people to please their patrons and dictators.

In "Shahar andho thi wayo" (the city gone upside-down) he depicts deplorable apathy and insensitivity of modern man who appears indifferent to the suffering of the humble souls.

In "Mal-e-Ganimat" booty) the writer has drawn discerned delineation of the plight of a helpless widow and her daughters, who like dreaded dears, were attacked unawares by their relatives as if they were voracious wild wolves prompted by bestial lust. It indicates disappearance of worthy values of saving sanctity of woman in villages by villagers who were once known by their rectitude and respect for woman.

In "Sadh" (An upright-man) the writer depicts duplicity of the people who do not let a person lead a peaceful life when he quits crimes, but start persecuting him persistently.

In "The flag of honour" the writer narrates negative role of sponsors, teachers and leaders who exploit and abuse enthusiastic handsome youth that disheartens and dampens the spirit of the budding youth.

In "Dughran man, phathal zindagi" (Lives smarting under sufferings) Mr. Kohyar portrays the persecution of the police inflicted upon the innocent people whose where withal are often snatched by the police.

As the police use dacoit-factor as an alibi to exact money from the villagers.

In "Jagirdar zehan" (Feudal mind-set) he depicts true colors of aristocrats who maintain their myopic mindset even in mingling with modest mystics.

In "Degree yafta gadah" (degree holder donkey) he likens an idiot scholar with an ass, who does not demonstrate discernment, sober sagacity and erudition, but acts stupidly like a dunce decorated with degrees.

In brief, Mr. Manzoor Kohyar's both short and short-short stories will provide penetrative perceptions to readers to see human behavior through the prism of his pen.

He deserves his laudation for his short-short stories which are pregnant with meaningful message for readers who will conform to Coleridge are this point of view.

"A dwarfish whole, its body brevity and wit its soul"

Jam Jamali

House no. 62-B
Sachal Sarmast Township
LARKANA Cell no. 0307-3474831

# 1.7 Kohyar, the storyteller

Story-telling, perhaps is as old as the oldest spoken language itself. Ever since humans started using language to share their life experiences, these communications often took the form of stories.

Stories emanate from personal experiences and observations. Needless to say, that a story-teller is an ardent observer of the daily life.

Storytelling has gone through different themes, ever since it took the form of published literature. From Romanticism to Realism, the writers have kept the tradition going. Nathaniel Hawthorne, an early Romanticist, had *history* as an important theme in his tales of love. Hiding away, lessons for the readers in such writings. Authors such as Henry James, Nikolai Gogol, Anton Chekhov and Herman Melville paved the way for Realism through their writings. Forced to 'get real', since creativity and imagination were less than appreciated, they still managed to create masterpieces out of the boring, everyday life.

The twentieth century in its early years, gave birth to many a factors that were to change the face of the world. Industrialization, rapid transportation, First World War, mass communication, the studies of Sigmund Freud, Darwin and Marx and the rapid advancement of science and technology, created the most confusing periods of human history. This is what brought to us, what we call today the modern history or the trend of modernism. The modern short story reflected the tensions and transformations of this confusing period. Writers began to experiment with the traditional form of writing and challenged the readers' preconceived notions of value and order. Ernest Hemingway, Scott Fitzgerald, William Faulkner and Djuna Barnes were a few of the modernist writers.

After the Second World War, a general sense of depression and hopelessness prevailed. Having witnessed the cruelty, the destruction and inhumanity, writings too became estranged. Post-modern fiction tends to use irony, contradiction, surrealism and absurdity, reflecting reality in a disjointed and dangerous manner, if at all.

Come the 1970's and 1980's, a new mode of writing known as minimalism became very popular. Minimalism presents a bare, simplified version of some event, insisting that the reader imagine the rest of the circumstances and their probable impact. It is characterized by ordinary subject matter and straightforward narratives. It is, in a way,

an attempt to reflect upon the growing complexities of the world without trying to explain the presented reality to the reader.

Over the past decade, short stories have taken many forms and no longer follow a general theme as opposed to early times. Writing styles such as Micro Fiction, Flash Fiction, the Short Short-Story, Sudden Fiction and Fast Fiction have come into existence.

Sindhi Short Story too has been affected by most if not all of the above factors. Writers have embraced the different styles, whether consciously or not.

Manzoor Kohyar's stories span from the traditional diction to minimalism and everything in between. This book in particular is an amalgamation of his life experiences and observations. He shows the cultural objectivity in stories, 'Sachaa koorra Rishta' (So called Relations), 'Maal e Ghaneemat' (Booty), 'Saadh' (Saint) and 'tyon subub' (the 3rd reason).

He goes on to show the subjectivity of life, the human emotions, and paints nostalgia in 'Sachi aen Lajawab Kahanni' (the true story), 'Dojhiran men phaathal zindagi' (life of misery) and more.

His commentary on the prevailing socio-political condition comes to life in 'Raj-karth' (the kingmakers) and others.

He has also included in this book some of his Sufi Stories, presenting collective wisdom and pluralism.

He ventures into satire and social and technological realism in 'Doctrate' (Doctorate), 'Syaasat' (Politics), 'Showbiz jo maanho' (the show-man) to name a few.

His unique style of writing is unmistakable in all of his stories. He uses it to successfully convey the story, making the user experience the situation rather than just read through.

This being his third book of short stories, is a roaring reply to the fraction of the literary community that believes the short story to be dead. While the oral storytelling will never die as long as humans continue to communicate, Kohyar's stories are a proof that the written Sindhi short story lives on.

Balach Hussain
Thursday, January 08, 2009.

# 2. ڪلاسيڪل ڪهاڻيون

## 2.1مال غنيمت

استاد منل چڱو ڀلو هو. معمول مطابق رات جو ٻارنهن وڳي پنڪچر جو دڪان بند ڪري گهر پهتو. هٿ منهن ڌوئي اچي کٽ تي ويٺو. جوڙهس چانور ۽ پٽاٽا اڳيان آڻي رکيا.ڪائي ڪير جو وٽو پي، اوڳرائي ڏئي، اچا ليٽيو مس ته اوچتو سيني ۾ سور جي سٽ اُڀريس. دانهن ڪري چيائين: ‘نصيبان الائي ڇا ٿو ٿئي!؟’جيستائين نصيبان پاڙي جي ڊاڪٽر(ڪمپائونڊر) ڏي ڀڳي، وٺي آئي، تيستائين ساهه نه ٿو ڏنو نه مون ڏنو.
سڄو پاڙو صبح سان اٿلي پيو. استاد منل جي سڀ سان ٻانهن ٻڌڻ واري وات هئي. ڪنهن سان ڏند اگهاڙي نه ڳالهائين، نه ڏيگهه رکيائين. ڪم سان ڪم رکڻ وارو شخص هيو. جنهن ٻڌو سو لڙي آيو.
ڪفن دفن کان پوءِ پاڙي وارن، پردي پنيان مائي نصيبان سان عذر خواهي پئي ڪئي ۽ پڇيو: ‘ادي ڀلا، ڀائو منل جو ڪو مٽ مائٽ ....؟’
‘نه ادا، الله کان سواءِ ٻيو ڪو به نه ... باقي ٻڌائيندو هيو ته دادو ڪئنال کان پريان سندس مٽ مائٽ رهندا آهن.’
نصيبان کي مڙس جي مرڻ کان وڌيڪ غم هيو ته پٽاٽي اولاد نه هئڻ جو. اولاد هئي به ته چار ڌيئون. جن ۾ به سامائل هيون ۽ ٻن جا ارهه انبوريا پئي.
ائين سڌ ٻڌ تي، استاد منل جي ڪنهن سؤٽ کي خبر پئجي وئي ته ان هڪ ڏينهن اچي نڪاءُ ڪيو. همراهه ٻه دستو ۽ حوالي هيو. نالو اڪرم هيس. نصيبان جا آڌتن سان پلوَ پري چڏيائين. ‘تون اسان جي پيڻ آن ... هتي ڪا تڪليف هجئي ته ڳوٺ تنهنجو پنهنجو آ .... ٻي ڏڙڪ هلي اچجانءِ ، جمعي جي واند ... ان پاڻي الله جو آهي، مٽان ڪو حجاب ڪيو ٿئه.’
ٻي واهي نصيبان کي آسرو ٿي پيو. ڪو ته آهي دنيا ۾ منل جي آکهه ڪي، دم دلاسي ڏيڻ وارو، نه ته ڪيس ڪجهه سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڪاڏي وڃي، ڪئين ڪري ...!؟
جيئن تيئن عدت وارا ڏينهن گذري ويا. انهيءَ دوران منل جو پنڪچر وارو دڪان به ڪپي ويو، جو منل جي شاگردن حساب ڪتاب ۾ ڪپت پئي ڪئي. نصيبان ويهي جو ليکو چوکو ڪيو ته گهر ۾ تي چار هزار مس پيا ها. ڪٽي جو چؤڦير نظر ڦيرايائين ته پاڙي جا لُچ لڦنگا، جن کي مڙسنهس هوندي، گهٽيءَ ۾ ٻيهڻ جي همٿ نه هئي، سي در

ڪان ٻاهريان ٽينگريا ٻينا ها. ڌوتين، دلالن اچڻ شروع ڪري ڏنو هو. پڪل ٻير هجي ۽ ڪو اوهي واهي نہ هجي تہ اينڊز وينڊز ڪي پلا ڪهڙو پئو پولو چاپڙ هٽڻ ۾. نيٺ سمجهي وئي تہ اها روز روز جي چاپڙ، سروٽو، پتر ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري وجهندو. خبر ناهي تہ پوءِ پرنئين ڪجهہ تي پوي ...!؟ زائفان ذات، جيڪا گهر جي چائنٺ اورانگهيندي بہ ڊڄي، سو ڪهڙا منهن مقابلا ڪندي ۽ سينو ساهيندي زماني سان.

پنهنجي پٽ ورائي ڏنائين تہ پنيان ڪو بہ اوهي واهي نظر نہ آيس. اهو سهو هيا بہ، تہ رياست (خيرپورميرس) واري پاسي ڏانهن، جن کي چڏي سندس ماءُ پيءُ ڪي ئي ورهيہ ٿيا ها. هاڻي، اُهي ماءُ پيءُ ئي نہ رهيا تہ ڪهڙو نانءُ نشانبر ڪري وڃي پهچي. نيٺ انهيءَ ڳالهہ تي وڃي پهتي تہ ، وري بہ مڙس جي اڳن سڳن ڏانهن منهن ڪري تہ بهتر آ.

اڪرم جي ٻڌايل ڏس پنڌ تي، چارئي ڏيڙون ساڻ ڪري گهر جو تورو تڪو قيمتي سامان بيگ ۾ پري، گهر کي هفتي کن لاءِ پاڙيوارن ۽ الله جي آسري تي ڇڏي نڪري پئي. پير شير، شهر کان اوير ۾، پنج - ڇهہ ڪلو ميٽر کن پري هيو. پير شير تائين هڊ لڳل سوزڪي ڪيئري ۾، پنج روپيہ في ماڻهو ڪرايو ڏيئي، پهچڻ ڪاڻ تہ پهچي وئي، پر پوءِ جنهن بہ بگيءَ واري کي ڪٽي چئي 'ابا، جمعي جي وانڊ هلندين؟' تہ بگي واري نصيبان ۽ ڇوڪرين کي هينان ڪان متي گهوريندي ڳُنڪ پئي ڪئي. آخرڪار هڪڙي اڌڙوٽ بگيءَ واري ها ڪئي. پر ٻڌي پنهنجي ٻينو، پورا پنجاهہ روپيہ. مجبور هئي. ان ڪري ڇوڪرين سوڌو چڙهڻ ۾ دير ئي نہ ڪيائين. بگيءَ جي پنئين سيٽ تي ٽي ڇوڪريون ٽي وينيون، اڳئين سيٽ تي نصيبان ۽ ننڍي ڇوڪري، بگيءَ واري ٻمر تي ويهي گهوڙي کي هڪلڻ شروع ڪيو. گهوڙو بيزاريءَ مان بگيءَ کي ڇڪڻ لڳو. بگيءَ جو تختو تختو چيڪندو پئي هليو. بگيءَ وارو ڳُنڪرا ڏيندي ۽ 'هل منهنجا بابا' چوندي ٽڪجي پيو تہ گهوڙي کي سڌيون ٻڌائڻ شروع ڪيائين: 'هلڻ ڏيس ٻوا جو .... هلي ائين ٿو جڻ دادو ڪئنال جو آبدار آ ... سڌو ٽي هل بيلدار وانگر تہ ڊونگرو نہ پيجاءِ ...'

گهوڙي جي متان لڪڻ جو سٽڪو ٽيو تہ بگيءَ جي رفتار تيز ٽي وئي. پنيون ڇوڪريون ڪچ ڪچ ڪرڻ لڳيون، تہ نصيبان ڪنڌ ورائي ڪين تنبيهہ واري انداز ۾ ڏنو. ڇوڪرين کو خاص اثر نہ ورتو. هاڻ بگي، دادو ڪئنال جي پل ٽپي، ڪچي رستي تي ڌوڙ اڏائيندي پئي هلي. ڇئن ڇوڪرين بي حجاب ٽي ڇوڏسا پئي نهاريو. پهريون دفعو زندگيءَ ۾ ڇوڪرين ڪليل فضا ۾ ساهہ ڪنيو هو. ليون، ٻبر، ٻيريون، پاٽيءَ جي ڊورن ۾ بيٺل پڻ، نسريل سر، هر شئي ڪين عجيب پئي لڳي.

'امان! هي ڪهڙو پکي آ!؟' سڪل ڪنديءَ تي پر سوئينڊڙ پکي ڏسي، ننڍيءَ ڇوڪري، نصيبان ڪان پڇيو. جيستائين ماءُ سوچي سمجهي جواب ڏئي، سسي ڪان اڳ ڏڙ ڳالهايو:

انتي! اها سائي فيروزي ڪبري تي.‘ بگيءَ وارو ڪل ۾ ٻتجي ويو ۽ پوءِ ڪيس ٻڌائڻ لڳو: ’امان، ڏاڏي! اهو چانهه پکي آهي.‘
’ڪاڪا، چانهه ٻه پکي ٿيندو آ چا ... چانهه ته پيئبي آ.‘ ننڍيءَ ڇوڪريءَ جي جواب تي، پنيان ويٺل سيئي ڇوڪريون ٽهڪن ۾ پئجي ويون. بگيءَ واري ان وقت ڪين جواب نه ڏنو، ڇو ته اڳيان ننڍڙي موري هئي، جنهن تان گهوڙي کي ٽڪڙو چاڙهي، آهستي لاهڻو هيو. گهوڙو جيئن ئي موريءَ کان هيٺ لٿو ته سرن جي ٻوڙي مان اوچتو پکي پڙڪ ڏيئي ٻاهر نڪتو ته پنئين سيٽ تي ويٺل ڇوڪرين مان هڪ رڙ ڪئي: ’ائي چوريون ...! ڏسو ته ڪارو ڇوزو ڪيئن نه ٽپا ڏيئي اڏامي تو!؟‘
’امان، اهو ڪارڙو تتر آ، ڇوزو ڪاتي آ... تهان پلا هيڏي پهريون پيرو آيا هو چا ...!؟‘ بگيءَ واري ڪين سمجهائيندي پڇيو.
نصيبان محسوس ڪيو ته ڇوڪريون وچن ٿيون وڌنديون ۽ بگيءَ وارو وچي ٿو پڇندو ۽ ويجهو پوندو، الائي ڪير نه ڪير ....؟ سو پهريائين پنئين سيٽ تي ويٺل وچين ڇوڪريءَ کي رهڙ ڏنائين: زرينه ... ٽيڪي ڪان مڙين نتي!؟‘ پوءِ وري ڳالهه بدلائڻ لاءِ بگيءَ واري کان پڇيائين: ’ڇو ادا، ٻيا بگيءَ وارا جمعي جي واند نه پئي هليا، سبب؟!‘
بگيءَ واري کي ڇڻ وارو ملي ويو:
’آئي ...! ڪنهن کي سر ڪٽائڻو آ يا ٽانگو ڦرائڻو آ جو ايڏانهن هلي ... مان آهيان چولي جي جونءِ، تڏهن ٿو هلان ...... نه ته خير سلي ايڏانهن دشمن جو ٻه منهن چڱو ناهي ....!‘
گهوڙي ٿورو گهه ڪيو ته سندس ڳالهه ڪنجي وئي. ’انڌو آن چا ٻي غيرت ......! جيستائين ڪوسڙا نه ڪائين، تيستائين سڌو نه هلين!‘ بگيءَ واري لڪڻ سان گهوڙي جون ڄنگهون ڪٽڻ شروع ڪيون ته گهوڙو هٽڪيو ۽ پوءِ زور زور سان پڇڻ لڳو ته هن گهوڙي جو ريبان ڇڪي رفتار کي ڊرو ڪيو ۽ پنهنجي اڌ ۾ ڇڏيل ڳالهه کي اڳتي ڪيو:
’وڏڙا ڳالهه ڪندا ته هن ... انگريجن (انگريزن) جمعي جي واند تي دفعا ساڙائي، وري الله نيڪي ڏي توکي، آئي ...! ايوب جو وکت هو، قاضي فضلاهه (فضل الله) وزير هو، ان وکت ۾ اها واند ٻه دفعا سڙي ... پر هنن ابي ڏاڏي واري ڪرت نه ڇڏي ... جبل هن جبل ...! هاٽي ٻه جمعي جي واند جو مهاندو، حاجي ڏتو ، ٻڌي چوڙيءَ ۾ ملڪان ملڪ مشهور آ. موري ڪان ڪشمور تائين نانءُ تس ... جهيڙي جو ٻه جُنگ آ ڪنهن کي چڪ هنيائين ته ڇڻ جندا مڙي ويا. ماريس يا ڪاريس ... جوءِ وار چوندا ئي حاجي ڏتو ۽ ڪتو چتو تس ...!‘ اڳيان جهلي بند اچي ويو ته بگيءَ واري گهڙي کن ڳالهائڻ بند ڪري، گهوڙي جي پنيءَ جو ڪندو ڪٽڻ شروع ڪيو. بند ٽپڻ ڪان پوءِ، گهوڙي انگڙ ونگڙ

چارن تي ڏگ پچڻ شروع ڪيو ته بگيءَ واري به زبان جون رينان چڻ ڏريون ڪري ڇڏيون.
‘جاڙي الله تو ، آئي ...! ته اهڙا ارڏا ۽ اڪيل هن، جو هنن جو هي بند ته ڇا ، پر ڪو مُٽ به ناهي اورانگهيندو ...توڙي جو رت پت آهيون پر مان به ڪذاني ايڏانهن ويندو آهيان. اسان جو ڳوٺ وانڊ کان به ڪوهه به پري ناهي، پر پوءِ به ڪڏهن ڪائيندا آهيون ته هنن جي آڙ ۾ ڪو متان اسان کي نصقان (نقصان) تي وجي ....!’
اهڙيون ڳالهيون ٻڌندي نصيبان کان ساهه ڇڏائبو پئي ويو. تارون خشڪ ٿي ويس، بگيءَ جي سيٽ ۾ سسي وئي. دل ڳائون مائون پئي ٿيس ڪيس سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڪهڙي اهور ۾ ٿي وڃي!؟ اوچتو بگيءَ واري جي ذهن ۾ روڪيل سوال ڪر ڪٽي اٿيو.
‘ادي، اوهان ڪنهن ڏي وينديءُ!؟’
‘ادا، ادي اڪرم ڏي!’ نصيبان هبڪندي جواب ڏنو.
‘اڪو به پاونگ جواڻ آ ... جيل ڪمايل ٿس ... ان ڏينهن ڪيسن مان ڇٽڻ جي خيرات ڪئي هيائين. مان کي به سڏ ڏنو هيائين .... خير سان هاڻي ٿن ڏينا داستي ڪيل خونن جي ڪيسن مان ڇٽي ويو آ .... حاجي ڏٿي کان پوءِ، ان جو سِر آ .... تنهنجو ڇا ٿئي ادي؟’
‘ادا، منهنجو ڏير ٿي!’ نصيبان نه چاهيندي به بگيءَ واري کي ٻڌايو.
‘تون ڪنهنجي گهر واري آن!؟’ بگيءَ واري هاڻي حجاب کي پاسيرو رکي ، سئنون سڌو سوال ڪيو.
نصيبان منجهي پئي ته مڙس جو نالو ڪيئن ڪٽي ٻڌائي ته نندي جوڪري، ڳالهه سمجهندي هڪدم جواب ڏنو: ‘ڪاڪا، اسان منل خان جا ٻار آهيون!’
‘هان .. منل جا!؟’ بگيءَ واري کان چڻ چرڪ نڪري ويو ۽ ڪين حيرت مان تڪڻ لڳو. پوءِ ڪيڪار واري انداز ۾، بسم الله ڪيانوَ! ڇئي پڇي وينو، ‘منل کي ته ورهيه ٿيا هن ڳوٺ مان وئي ... پاڻ ڪاٿي آ؟!’
‘گذاري ويو ادا!؟’ نصيبان ٿڌو ساهه ڪٽي چيو.
‘ابئول ....! هي ڙي ادا منل تو ڪاڻ ... واهه جو جنگاور جوان هئين ... توسان ڏٺي ۽ اڪوءَ جي پچڻ جي بات هئي ...! وڏو وانگارو مڙس هيو ... مان سان به هڪڙي اهڙي وانگار اڙهو جو پاءُ به نه وهي ، ادي ...!’ گهوڙي اڙا گوڙي ڪيس ته ڪنجهه ڪدي سڌو ڪيائينس ۽ پوءِ ساڳي سلسلي کي جاري رکيائين. ‘الائي ته ڪاٿئون ڪاٿئون ملڪ هٽي ايندو هو، ڪڏهن تر مان تر جيتري به شڪاس (شڪايت) نه ٿيس. نندي پاءُ ڳل بهار سان دل هيس. پاڻس کي صبح جو هلڪو بخار ٿيو، شام جو رضا ڪري ويو. بس اتئون

همراهه جي دل کي اهڙو ڌڪ آيو. چيائين: ’ڪنهن جي آهه لڳي آ.‘ ڳوٺ ئي ڇڏي ويو. تو مان گهٽو سمجهايس، پر اٺموٺ هو . پلاءِ مائي سوني جيئري آ!؟‘

’نه ادا، مان نه پنهنجي سس ڏني نه ڪونه، رڳو نالو ٻڌو اٿم.‘ نصيبان وراڻيو.

’چئبو، اها نه ستت گذاري وئي. پٽ جي غم ۾ .... ڇوڪرو نه اهڙو سهڻو هيو. اصلي شهزادو ... جوءِ ۾ اهڙو ٻاروچڪو ٻار وري نه ڄمندو.‘ ٻگيءَ واري ٿوري جهٽ لاءِ خاموشي اختيار ڪئي جو هاڻي ڪيس درياهه جو بند سامهون هيو. نصيبان جيڪا گهڙيون اڳ سسي ويني هئي، سا مڙس جو نانءُ نيڪي ٻڌي ڦندي وئي هئي. ڪيس آٿت اچي وئي نه هوءَ نه ڪا جهڙي تهڙي جي جوءِ ناهي.

ٻگي، درياهه وارو بند ٽپي، درياهه پڪ لهڻ شروع ڪيو نه وڏن وڏن ٻبرن ۽ لوَن جا جهمٽ شروع ٿي ويا، جن ۾ پکي پکڻ جي چرڙ .. چرڙ ۽ ٽٽون ٽٽون لڳي پئي هئي. وٿاڻن ڏانهن ورندڙ مال جو چڙ واءُ، چونگار ۽ هونگار لڳي پئي هئي، وچ وٽن مان چارو واسينگ جيان وڪڙ هڻندو، جڏهن سڌو ٿيو نه مڙس تار ڪنڌين ۽ لوڙهن جا گهر نظر آيا. جن مان دونهون ور وڪڙ هڻندو اڏامندو آسمان پئي ويو. عورتن ۽ مردن جي اچ وڃ ظاهر ظهور پئي نظر آئي، ڪن پول پلال پئي ڊويو. ڪن ڪک ڪهجر پئي اڃليو ۽ ڪن ٻيني پاڻ پئي ڪنديريو. ٻگي ور وڪڙ هڻندي، ڳوٺ اندر ٽپي نه ٻار ۽ ڪتا لر ڪري نڪتا. ٻچڪر تي گهوڙو ٻينو نه نصيبان پنجاهه روپيه ڪڍي ٻگيءَ واري کي ڏنا نه هن ونڻ کان انڪار ڪندي چيو: ’ادي، تون منل مرحيات جي گهر واري آن. هاڻي توکان ونندي شرم نه ايندو!؟‘

’نه ڀاءُ، تو غريب جو حق چو کاوان!‘ نصيبان زور ڀريس نه ٻگيءَ وارو جذباتي ٿي ويو. ’ڀيڻ برابر آن ... ڀادر لاهي هڻ ، وڌيڪ هڪ لوظ (لفظ) نه نه ڪيجانءِ!‘

جڏهن ويڙهي وارن کي، ٻگيءَ واري جي واتان خبر پئي نه منل جا ٻار آهن نه گهگهلين جن پهريائين کين حيرت مان پئي تڪيو. سي کين آجيان ڪندي ائين گهلي ويون، جئين ڪوليون چانورن کي ڏر ڏانهن ڪٽي ويندي ويون آهن.

سج لهي چڪو هو. ڳوٺ ۾ ڪٽي مترن جي پلي منڌيٽي هينان ڇتجي رهي هئي. ڪٽي چٽن جي پلي آخري تچڪا پئي ڪاڏا. جڏهن چوڏهين جي چند جهڙي ڳول اچي چانورن جي ماني ۽ ڦتيءَ وڌل پلي نصيبان ۽ ڇوڪرين جي اڳيان آئي نه منجهند واري لنگهڻ جي ڪسر نڪري وئي.

اڪرم دير سان گهر آيو هو. ماني تڪر ڪائيندي نصيبان کان چلهه تي ئي حال احوال ونڻ لڳو. باقي گهر جا ڀاتي ڪن سرلا ڪيون، ٻنهي کي ٻڌي رهيا ها.

’ادي، خير سان پهچي وئينءَ!؟‘

’ها، ادا!‘
’ادي، مان پاڻ توکي وٺڻ اچان ها، پر ٻہ ٽي ڪڦا اهڙا ٿي پيا، جو واندڪائي نہ ملي.‘
’ادا تون نہ آئين تہ اسان هليا آياسي، ڳالهہ مڙيئي ساڳي آ!‘
’هي تنهنجو پنهنجو گهر آ، ڪو حجاب نہ ڪجانءِ ... منل منهنجو سڳو سوٽ هو. هن ئي ويڙهي ۾ رهندو هو. منهنجي پيڻ ناڻۂ هيس. ننڍو ياڻ جو گذاري ويس تہ وڃي شهر وينو. موٽائڻ لاءِ لولٽ ڪيا سينس، نہ مڙيو تہ پوءِ ڪسر جي ٻہ وياسي.‘
’بس ادا! جا تي لکيو.‘ نصيبان وراڻيو.
’بيشڪ، جاتي قسمت!‘
اڪرم ماني ڪائي گرڙي پئي ڪئي تہ نصيبان ڪيس سڙٻاتن ۾ چيو: ’ادا، مان آئي آهيان توسان صلاح ڪرڻ، اڪيلائيءِ ۾ ....!‘
’ها ادي ... پوءِ هلي ڪوٺيءِ ۾ تا ڳالهايون.‘
ٻئي ڄڻا چلهہ تي وينل ياتين کي دالان ۾ ڇڏي ڪوٺي ۾ تي وينا. چلهہ تي وينل چوڪرين ۽ ياتين اڪيلائپ ۾ ڳالهائڻ جو اندازو پئي هنيو ۽ ڪن اوپڙا ڪري ٻڌڻ جي ناڪام ڪوشش پئي ڪئي.
نصيبان خوش خير عافيت کان پوءِ اچڻ جو اصلي مقصد ٻڌائڻ شروع ڪيو. ’ادا، ٻيو مڙيئي خير ...! توسان صلاح ڪرڻي هئي. نياڻين جي باري ۾ ... چار وياۂ وينا هن ... تون ياۂ وينو آن تہ ڇڻ نند حرام آن!‘
’بيشڪ آ‘ اڪرام وراڻيو.
’چوندا هن تہ نياڻيون اهي نياڻيون، جيڪي شينهن جا ٻہ ڪنڌ ڀڃن، مان تہ زائفان ماڻهو .... هاڻي الله ۽ تهان کان سواءِ ٻيو پر سير ڪير آ ... تهان کي ئي ڳڻ ڳوت ڪري، هنن کي شينهن ڪلهي چاڙهڻو آ.‘
اڪرم ڳالهہ جي تہ تائين پهچي ويو تہ سئنون سڌو پڇڻ لڳو: پيڻ جي ڪاٽي ڏيون تہ تڪا گهٽا وٺئون؟‘
’باهہ ڏيان، ادا تڪن کي ....! تڪا ڪاڏي ڪنديس. جئين مان پنهنجي مڙس جي گهر في سبيل الله آئي هيس، تيئن چوڪريون بہ ڏينديس بس چوڪرا ڪمائڻ ڪرڻ جهڙا ... اشراف هجن.‘
اڪرم کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ سندس گهر ۾ الاهي ڪڪر وسي پيو هو. هڪ هڪ چوڪريءَ جو منهن مهاندو سندس اکين اڳيان تي چار گهمرا ڦري ويو. هڪ ٻئي کان وڌيڪ هيون. ڪيس ائين پئي لڳو ڄڻ طوطن جا ٻچا پور مان ڪڍي، مائي سندس جهوليءَ ۾ وڌا ها. هن اڳ پُٺ سوچي نصيبان کي چيو: ’ادي، هاڻي هيئن تا ڪيون جو

سياڻي شام جو ڳوٺ جي چئن چڱن کي ويهاري تا ڪيون صلاح ... هڙيئي پاڻ ۾ مٽ آهيون، پوءِ جئين صلاح بيني.'

'بس ادا ... پارت ٿئي .. پنهنجو رت اٿوَ ... مان بہ ان ڪري آيم جو اَڙي آ ، اُڌي آ .... لڳائي آ ، چڱائي آ، جا ٿي اوهان جي رت کي چڪي ايندي، ٻي ڪي نہ ايندي ...!'

'بس تون وڌيڪ ڳڻتي نہ ڪر .... الله ڪي چڱي وڻندي.'

ٻئي ڄڻا اٿي آيا. نصيبان کي تہ ننڊ اچي وئي، پر اڪرم کي ڳپل رات تائين ننڊ نہ آئي. الائي ڇا مئون ڇا پئي سوچيائين ۽ نصيبان واتان ڇوڪرين جا ٻڌايل نانءُ پئي ورجايائين : 'زرينہ ....! شبانہ ....! ثمينہ ...! تهمينہ .....!'

صبح ٿيو تہ ڇوڪرين ۽ نصيبان کي ڳوٺ وارين ماين ڳوٺ جي چئن ئي ويڙهن ۾، هٿ آيل نئين نموني واري ٽڪ جي رلهين ۽ رلهڪن جيان پئي ڦيرايو گهمايو. جنهن بہ گهر پئي ويون، لک بسم الاهين سان سندس آجيان پئي ٿئي. پوڙهين ۽ پڪين ڇوڪرين مان ڏاڏاڻن جا وصف پئي ڪيا ۽ اڌ پئي چڪي:

'وڏي سود پود پنهنجي ڏاڏي سونيءَ تي وئي آ. ان وانگر ڏسينس نٽي چپ سنهڙا، نڪ ڏکو!'

'ٻي بہ جهڙي ماسي خاتون ويني آ، هلڻ نہ ٿي ڏسينس جهڙي ڇيهل ..'

'ٽئين بہ الله حياتي ڏيس، گهٽ ڪونهي، پيءُ وانگر مورن جهڙي آ ..'

'چوٿين نانڪ تي آ ....!'

'نہ مائي! اڌ نانڪ تي، اڌ ڏاڏڪ تي آ.'

هر گهر ۾ ننڍين وڏين کين ٻڌا ٻڪ وڌا. سڪرن سان سندن ڳُنا آلا ٿي ويا. مردن بہ کين 'امان ڀلي آيئہ ... ادي، ڀلي آيئہ' چئي هڪ دفعو پنيان شڪ هٽي ضرور ڏنو هو. نصيبان ۽ ڇوڪرين کي ائين پئي لڳو تہ ڄڻ ڳوٺ ۾ قرب جا اهڙا ٻنا آهن، جن تان هلندي حياتي ڪٽي وڃي پر ٻنا نہ کُٽن.

ٻئي ڏينهن تي شام جو هڙئي چڱا لڳا اچي اوطاق ۾ سٽ ٿيا ها. ڳاسليٽي ٻتيءَ جي وٽ ڇڳي ٻلي مٿي هئي. ان ڪري ڇيريون وٽيل، تنبيل، ۽ تور ڏاڙهين جا پاڇا، جنن پوتن جي شڪلين جيان اوطاق جي ڳاري لٽل ڀت تي ڇنبڙيا پيا ها. ڪنهن نہ ڪنهن ڪنگهي ڪڙڪي، ڪانگهارو ڪڍي ڀت تي ائين پئي اڇليو هنيو، جئين سيون ايم ايم رائيفل جي گولي ڇٽي وڃي دشمن کي هيانوَ ۾ لڳي.

ڳوٺ جو مهاندو ، حاجي ڏتو 'السلام عليڪم' ڪندي اوطاق ۾ لنگهي آيو. 'وعليڪم السلام' سان سور پور تي وئي. ڪيس ٿلهن پاون واري کٽ جي سيراندي کان جاءِ ملي. کٽ جي سيراندي کان لوڊ تيل ڪلاشنڪوف رکي، اڪرم کان پڇائين:

‘ها، حوال ڪر!’
اڪرم جنهن ويني ڇهپر پئي مهٽيا، سڌو تي وينو ۽ ٻڌائڻ شروع ڪيائين: ‘حوال خير جو حاجي ....! ڇهه ست مهينا کن ٿيا جو، مان ويو هوس، محراب ۽ نذرو جي ملاقات تي، اتي صابو مليو هو ...’
‘ڪهڙو صابو ..؟’ وچ ۾ ويڙهي جي ڪنهن چڱي پڇيس.
‘اهو، جيڪو شهر ۾ وڃي ڪير وڪٽندو آ، موٽر سائيڪل تي!’
‘او اهو ....! ان جو ياءُ رمن بہ جهليل آ اتي .... ان ٻڌايو تہ يار منل گذاري ويو تي ....!’
‘اُن کي ڪيئن خبر پئي؟’
‘پئنچر (پڪنچر) ڳنڊائيندو هو منل کان ...!’
‘بهاذر، ڏاڍو واترو آن ... هاڻي اهي سوال جباب بند ڪر تہ حوال اڳتي بہ هلي ...!’ حاجي ڏتي ويڙهي جي چڱي مڙس کي رهڙ ڏني تہ اڪرم اڳتي چريو:
‘پوءِ منهنجي دل بہ ست ڪاڏي تہ پڇائي پڇائي وڃي گهر لڌم. مائي سان رضا الله جي ڪيم ۽ ڳوٺ اچڻ جو صلاحيو مانس .... سو ڪلهہ اچي پهتي آ .... مائي کي هن چار ڏيئرون .... مائي تي چوي تہ آئي آهيان ڌيئرن کي اٿارڻ ....!’
‘ٽڪا گهٽا تي ٻڌي؟’ حاجي ڏتي پڇيس.
‘توسان ڪهڙو ڪوڙ حاجي ....! او ٽڪو بہ نتي گهري ... چوي تي، مخت (مفت) ۾ ....!’
‘وهہ ڙي واهہ مائي ....! ’ ڪچهريءَ مان ملان دادن سٽر تي ٽپڪي هٽندي چيو.
‘منل ڇُٽي ويو ... هيءَ ڳنڍڻ آئي آ ... وونٽ آ مائيءَ کي سائين!’
‘مائي اصيل آ!’
‘ڪي، کي آهن، ڏارين ۾ بہ ... ائين ناهي.’
جڏهن ڪچهري واه واه ڪري ٽڪي تہ حاجي ڏتي اڪرم کان مشڪندي پڇيو: ‘پوءِ چا سوچيو اٿئي؟’
‘وڏي پنهنجي ٻلي تو کيان، باقي جئين تون فيصلو ڪرين.’
‘ڪهڙي ساون لٽن واري؟’ بهاذر پنهنجي پچ پچ واري عادت کان نہ مڙيو.
‘نہ، آسماني لٽن واري.’ اڪرم وراڻيو.
‘شڪر ٿيو مان وارو ڏينو تہ ساون لٽن واريءَ تي ٻوچاڻد لڳو تو وتي، چئي تو، ان ٻوٻتيءَ تہ مان کي ٻاهيون ٻڃي ڇڏيون هن.’ بهاذر ير ۾ وينل سنهڙن ڇهپرن واري چوراٽي نموني وينل نوجوان جي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو.

’بس ڪر ڪتا ...! ته واڇان نه چيريانءِ ... ننگن ۾ تو اڪيون وجهين.‘ حاجي ڏتي ڪيس ڪيل شهپرن کي وٺيندي گجي پيو. سيني جا ڪن چپا تي ويا. ڪا گهڙي ته سانت تي وئي. هر ڪو سمجهي ويو ته حاجي ڏتي والار ڪري ڇڏي.

’يلا، ٽيون لمبر (نمبر) ته ڏيندين نه ...!؟ ڪن اُها به نه ڏيندين؟‘ حاجي ڏتي جي ڏينا داستي جهپڙ جو سور پيئندي، ٽين نمبر ڇوڪري تي هٿ رکيائين ته متان ڪو ٻيو والار ڪري.

’چگو، اُها توکي آئي!‘ حاجي ڏتي سوپ ڪٽڻ واري انداز ۾ چيو.

’او ڇوٽين منهنجي توَ! منهنجي ..!‘ اپڪئي وچتي هڪ ڪراڙي پپ ٽپو ڏنو.

’او ڪاڪا وندر! جيسين ڇوڪري وڏي ٿئي، تيسين تون ته رضا ڪري ويندين!‘ ويٺلن مان ڪنهن ٽوڪ ڪيس ته ڪلڪو ٿي ويو. وندر به گهٽ نه هو، ٺڏي تي موٺ ڏنائين:

’آتر ڏاڙر ڪري هفتي ۾ تيار نه ڪيومانس ته منهنجو نانءُ ڦيرائي ڪتي تي رکجو. توهان رڳو هٿ ڪيو.‘

’اها تون ڪٽين يا شاهن ... اهو پاڻ ڄاڻو. هاٺي ڇئن ئي ويڙهن کي هڪ هڪ اڇي وئي.‘ حاجي ڏتي ورهاست تي اطمينان ڏيڪاريندي چيو.

’نه ابا، وندر کي ٽا ڏيون ... مان اها غلاموءَ لاءِ ڪنئي، وندر جو آ متو خراب ...!‘ ويڙهي جي چڱي مڙس شاهو هڪدم ورندي ڏني ته وندر چڙي پيو.

’حاجي ڏسين تو، شاهوءَ جا ظلم ...! باقي جنهن مهل گلي جيئنداٽيءَ کي ماري آيو ته ٽتان ڦتان ڪندو مون وٽ آيو، ته ڪارو ڪاريءَ جو ڪيس ناهيو ته جان بچي. سڄي ويڙهي وارن پنهنجا سونا ٿانوَ لڪائي رکيا. مان پيٽان پنهنجي جوءِ چڪي آٽي ڏني مانس ته ماري سر بچاءِ ڪر جو ويڙهي جو چڱو آن ...‘

’ها سائين ياڏ مارائي چيهه ڪيئي.‘ شاهن ڏاڙهيءَ کي منين سان پڪوڙي وراٽيو.

’ياڏ به مارائي نه تو ڪاڻ، تون ته پنهنجي پوپري مارين هان.‘ جهوني وندر هيانوَ جي باهه ڪان ورندي ڏنس.

’اڙي قرآنن هنيا ....! ته تنهنجي لاءِ فقير گلا حسين ( غلام حسين) کي مُنجو (موڪليو) آ هوسڙيءَ، پندرنهن هزار ڏيئي، ڪا نه ڪا بنگالڻ وني ايندو تنهنجي لاءِ، تسيتائين نر ڪوتو لڳو وت ڳوٺ ۾ .........‘ شاهن جي انهيءَ سمجهائڻ تي، سڄي ڪچهري ڪوڪرا ڪري کلڻ لڳي ته وندر ويتر ڇتو ٿي پيو!

’نه کپي بنگالڻ، مان کي کپندي ته اها ڇوري!‘

’هاٺي وڏيڪ لڙ ڪيو ته پشتول نوڪيندو سانءِ، هر هر تو منهنجي ننهن جا نالا ڪٽين.‘ شاهن ور مان ڪٽي تي - ٽي جو پستل ڪڍيو ته حاجي ڏتو وچ تي پئجي ويو.

‘بس ڪيو ڙي ته هٽاوَ نه ٻٽيون ....! ٻينا ٽڪان ٽا ولوڙيو، ماٿهو ٻڌندا ته چا چوندا ته ماٿهو ئي ناهن جمعي جي وانڍ وارا جو ٽڪي جي رنن ڪري وڙهي مئا هن.’
او حاجي، ابا تون انصاف ڪر ...!’ وندر هٿ ٻڌي حاجي ڏتي کي ايلازو ٿي چيو.
‘بس انصاف ٿي ويو. ڇوڪري غلاموءَ جي آ.’ حاجي ڏتي جان ڇڏائڻ واري انداز ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو.
‘اسان بس ڪئي سي ... مني به مات ته مُني به مات ....! اسان کي ڪجهه نه ڪپي ... اسان کي ڏيندو پيران پير ... توهان وچي عينش ڪيو.’ وندر پرئي ڪچهريءَ مان داسي جهڙي لٺ زمين تي ٺهڪائيندو ، ڪاوڙ مان اٿي ويو.
‘ملان دادن! جلدي ڪر. نڪاح پڙهه ته هر ڪو وڃي پنهنجي پاٿاري تي ويهي.’
حاجي ڏتي، ملان دادن کي هوشياري وناڻيندي چيو. ملان دادن جيڪو خيالن ۾ ڪنڊ جو جهاز غرق ڪيون وينو هو. تنهن ڳٽڪ ڪري منهن قيرائي ڇڏيو.
‘ڪرين چا تو ....!؟ ڪداڻ چا، چپ مان جهلي چندا!؟’ حاجي ڏتي ڌمڪي ڏنس.
‘ڪٽي مان کي تيرنهن تڪر ڪر ....! اج ننهن وارا نو ڪوت تي!’
‘توکي وري چا ٿيو!؟’ اڪرم حيرانگيءَ مان پڇيس.
‘پيٽان! تي تي شاديون ته به هاڻُ نه تو پرجيوَ .... چو ادا، دادن کي ساهه ڪونهي!؟’ ملان دادن ٻنهي هٿن سان پاڻ ڏانهن اشارو ڪندي چيو.
‘اهو پهريون ڦات ڪائين ها ته ڪجهه ڪيون ها نه، هاٽي آڱوٺو بچيو آ چا!؟’ حاجي ڏتي خار مان وراٽيس.
‘چورين جي ماءُ جو ويني آ.’ ملان جي جواب تي سڄي ڪچهريءَ وارا حيرت ۽ حسرت مان هڪ ٻئي جو منهن تڪيندا رهجي ويا.
‘مار پيٽسان ....! ملان ڪاٽي وچي ڳوت پڳي آ .... اسان جي خيال خاب (خواب) ۾ ئي نه هو.’ بهاذر کي جڻ ارمان ٿي پيو.
‘مائيءَ ۾ هاٽي چا رکيو آ!؟’ اڪرم، ملان کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.
‘چا رکيو تس ... پُور لڳي پئي آ!’ ملان جواب ڏنو.
‘تون آن ٽڪل ساڻُ ، چا ڪندين پور کي ڙي!؟’ ڪنهن ڪچهريءَ مان ٽوڪيس.
‘ٽڪل ساڻُ آ جو بس پئي آ ... طور سينا نه ڏيکاري مانس ته منهنجو ناڻُ به ملان دادن ڪونهي!’ ملان جوش مان جواب ڏنو.
‘واه ڙي واه ملان، تنهنجا پانور ..!’ ڪنهن ڪچهريءَ مان چاڙهه ڏنس.
‘ڏاڻڻ به هڪڙو گهر تاريندي آ، ملان! اجائي هوڏ تان لهه.’ حاجي ڏتي احساس ڏياريندي چيس.

’اڄ تہ ڪٽي مان ڳوٺ جي چڱن مڙسن جي چوڻ تي، زور مارين سان نڪاح پڙهايان! پر جڏهن دوار محشر پڇاڻو ڪندو تہ ڪير جواب ڏيندو؟ مان ڪي پنهنجي قيام ڪاري ناهي ڪرڻي ... اوهان بہ ان وکت کان ڊڄو، جڏهن الله جل شان هو امن و آلہ جي سامهون تيندءُ .... اتي اها اتڪي ٻتڪي ۾ ڏاڍ مڙسي نہ هلندوَ ... يتيمن لاءِ حديث شريف ۾ آيو آ تہ ....!‘

’ٻيڻ جو ... ملان! هاڻي چتو تيو توَ ... حديثان تو ٻڌائي ....! ڏئي جان ڇڏايون، ادا ...! آئي، آئي توکي حصي ۾ مائي نصيبان!‘ حاجي ڏتي، فيصلي ٻيرڻ ۾ دير ئي نہ ڪئي تہ ملان بہ ’جزاڪ الله‘ چئي حديث ٻڌائڻ تان هٿ ڪنيو.

ملان ڪنگهي ڪڙڪي، دستار کي ناهي نڪاح پڙهڻ کان اڳ ۾ اڪرم کان پڇيو: ’يلا شروع ڪيون؟‘

’مائي نصيبان کان تہ پڇي اڃجي؟‘ اڪرم خيال ڏيڪاريو تہ حاجي ڏتي کي جڻ ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين باهہ وٺي وئي.

’اڪو ... ڳالهائين چا تو ....؟ اهو تہ دادو ڪينار کان پريان جو رواز (رواج) آ تہ ماين کان پڇجي تہ توکي فلاڻو قبول آ ... ڪچهريءَ ۾ فيصلو ٿيو تہ چتو ...نڪاح ملان پڙهندو تہ قبول ٿي ويندي، باقي توکي ڪا اندر ۾ آ تہ ٻڌاءِ...‘

’رب تو چاڻي، مان کي دل ۾ ڪجهہ بہ ڪونهي ... جئين سنگت جي صلاح ...!‘ اڪرم حاجي ڏتي جي ناراضگيءَ ڏسي پنهنجي ڦتڙڪ تان هٿ ڪٽي ويو.

واري وٽيءَ سان، ملان دادن سين جو نڪاح پڙهندو ويو. پاڻ ئي گهوٽ، شاهد، وڪيل ٿيندا ويا. آخر ۾ ملان دادن جو نڪاح ٻانگي خادم پڙهي پورو ڪيو. سيئي هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏيئي وٺي، ائين ڪڙا ٿيا جئين حاضرات (جنن) جو لشڪر ٻي گاهہ وقت ۾، انسانن جي وسنديءَ ڏانهن راتاهيءَ لاءِ اتي پيو هجي.

نصيبان ۽ سندس چار ئي چوڪريون ، ٻي اونيون ٿيون، اڪرم جي کهول سان باهہ تي وينيون، هيڏانهن هوڏانهن جا قصا پئي ڪيا. اوچتو ’سلا ماليڪم‘ جي گڏيل آواز تي، ٻيڙهن تي وينل سيني عورتن سلام جو جواب ورائيندي، ان ايڏي لالوءَ جي لشڪر کي حيرت ۾ تڪيو تہ اڪرم حيرت کي ختم ڪرڻ لاءِ نصيبان کي ٻڌائڻ لڳو: ’ادي، حوال خير جو ....! تنهنجن هڙيئي چوڪريون، تو سميت شينهن ڪلهي چاڙهي ڇڏيون سي. هاڻي هر ڪو پنهنجي ٻانهن وٺڻ آيو آ.‘

ائين چئي اڪرم ڪٽي زرينہ کي ٻانهن کان ورتو تہ چوڪري اکين سان ايلازو ٿي، زبان سان منت ميڙ ڪيس: چاچا ....! ڇڏ!‘

’چاچا وري چا جي؟ سؤٽ ڪري ڳالهاءِ!‘ اڪرم شينگهرجي وراڻيس.

شباڻ جي سنهڙي ڪرائي ۾ حاجي ڏتي جو هٿ، هٿڪڙيءَ جيان قبي ويو ته ساهه سڪي ويس. خوف مان ڪسجندڙ چيليءَ جيان رڳو ٻيبڙاٽ نڪتس: اَ ..... ما ....اَ ما ... ان ان ....' ثميني همٿ ڪري پڄڻ جي ڪئي ته ديئوءَ جي ارهاٽ ۾ اچي اهڙي نموني ڪجي وئي، جڻين چور ڪانهين ڪٽي پڄندو آهي.

پريرو وينل تهمينه ماءُ سان چنبڙڻ لاءِ وڏا وس ڪيا، پر غلامُو اهڙو جُهٽ هڻي ڪڍيس، جهڙو ڪر ڪوئا مار ، ڪوئي کي ڏر ۾ پڄڻ کان اڳ هٽي ڪيندو آهي. جڻين ڪڪڙ پنهنجي چوزن کي جهنگ ٻلن کان بچائڻ لاءِ ڪُر ڪُر ڪندي لوهان ۾ سٽان ڏيندي آهي، نصيبان ڏنيون. پر جڏهن نصيبان جي چوٽيءَ ۾ ملان دادن جو هٿ پئجي ويو ته پاڻ چڏائڻ ۾ آزرتي ٿي وئي. چڪ ۾ مڪان هٽندي چيوٽين پئجي ويس. خبر ناهي ته، پڪي عمر واري ملان کي ايڏي ايماني طاقت ڪاڏنهن اچي وئي ، جو هو نصيبان کي پنهنجي ويڙهي ڏانهن ائين گهلي ويو، جڻين شينهن، ڳئون کي ڦتڙڻ جي باوجود به اوڏڙ ۾ چڪي ويندو آهي.

رات جي پيٽ ۾، پنجن ئي عورتن جون دانهون ۽ ڦتڙڻ ائين ثابت ٿيو، جڻين وچ سير ۾ ٻڏندڙ ماڻهو ٿوري دير لاءِ درياهه ۾ ڏانڌول وجهن ۽ ٻڏڻ کان پوءِ ائين لڳي ته جڻ درياهه پيٽ ۾ ڪجهه ٿيو ئي نه هو.

## 2.2سچا ڪوڙا رشتا

جيئن لٺ هڻئي پاڻي جدا ناهي ٿيندو، ائين رت جا رشتا به جدا ناهن ٿيندا. پل ڪٽي ڪيڏا به رساما هجن، هڏ ضرور سڏ ڏيندو آهي.
رجب جو لاش، اسپتال مان ڪٽائي، جڏهن ڪامريڊ دوستن سندس مسواڙي گهر ۾ آندو ته پاڻ ۾ سرِ جوڙي صلاح ڪيائون ته، توڙي جو مرحوم جا مائٽن سان تر سنوان نه هيا، نه وري انهن سندس طويل علالت ۾ ڪا واهر ۽ وارثي ڪئي. پر پوءِ به رت رت آ، دانگيءَ تي وريو پئي. ان ڪري ٻڌائڻ ضروري آ.
سنگت ، اهو سڄو بار استاد غفار ۽ نجيب تي رکيو ته ڪيئن به ڪري سندس ڀن ڀائرن ۽ هڪ ڀيڻ کي ڳولي ڦولي هٿ ڪن، ڇو جو مرحوم آخري گهڙين ۾ انهن جو پڇندو رهيو ۽ آسروند نظرن سان دروازي ڏانهن ڏسندو رهيو.
صبح صبح سان اهو قصد ڪري نڪري پيا ته انڌن ملتان لڌو آ، خيرپور ڪو هرويرو ايڏو وڏو شهر به ڪونهي، جو مرحوم جي قريبن کي نه ڳولي سگهجي. ڀنهي ڄڻن کي هلڪي سلڪي ڪڙڪ هئي ته سندس وڏو ڀاءُ محرم، بس اسٽينڊ جي پر پاسي ۾ حجامت ڪندو آ.
محرم کي جڏهن ڀنهي ڄڻن اچي ٻڌايو ته گراهڪ جي حجامت ڪجهه گهڙين لاءِ بيهجي وئي. محرم ٻڏتر ۾ اچي ويو.
’يلا ڀائو ...! ڪفن دفن جو بندوبست ڪيو ٿوَ يا ....؟‘
’ڪا به ڳڻتي نه ڪريو، سڄو بار سنگت تي آ، رڳو توهان اچي منهن ڏسو ۽ ٻيو ته محرم جوڪجهه سامان سرڙو به آهي، توهان کڻڻ چاهيو ته اڳ ۾ توهان ، نه ته .....!‘
استاد غفار ڪيس ٻڌايو ته محرم جي رت کي ٿهڪو اچي ويو:
’اهڙي ڳالهه ناهي سائين ...! ناهي ته مولا تو چاڙي، سڄو بندوبست ڪيون اچان ها. آخر ڪار ننڍو ڀاءُ هو. پٽ جي آچار، پالي تاتي وڏو ڪيومانس .... بس ، هي گراهڪ ڇڏائي ، انهيءَ پير تي ٿو اچان.‘
استاد غفار ۽ ڇوٽو نجيب ، جڏهن ڪائنس سندس ٻي ڀاءُ شبو ۽ ڀيڻ ڪمالان جو پتو ڳرو پڇيو ته محرم ٻڌاين: ’ڪمالان ته مينسپالٽي جي پر پاسي ۾ رهندي آ ... مڙسنهس جو نانءُ رمضان ٺئوس ... مينسپالٽي ۾ ڪم ڪندو آ ، باقي شبو هوندو آ ڪدڙن سان، ڪڏهن هِت ڪڏهن هُت ... ملنڊؤ ڪو نه ... وڏيڪ اوهان جي مرضي!‘
ڪامريڊن کي شبو ڳولڻ ۾ تڪليف ٿي. پر آخرڪار هٿي هنڌ ڪيائون. ڪيس ڪدڙن جي مڙهي ۾ سوگهو ڪري وڏائون. جي پهچڻ ۾ به منٽ به دير ڪن ها، ته شبو (شبانه) ٻين

سان ميهر شاهه جي ميلي تي نڪري وڃي ها. پهريان ته شبو (شبانه) ڪي ذڪر چڙهي ويا. پر جڏهن محرم جو تڏي تي اچڻ ۽ سامان سرڙي جو ٻڌائين ته سندس رت ڪي چڪي اچي وئي. سينگار پيتي، ڪپڙن جو ٿيلهو سهيلين کي ڏئي تاڪيد ڪيائين ته، اڌ رات مڌ رات جوميلي ۾ پهچي ويندي، متان ڪنهن ٻي کي جوڙ ۾ ڪٽن.

استاد غفار ۽ نجيب چوٿو، جڏهن ڪمالان کي، گهر جي در تي پاءُ جي مرڻ جي خبر ٻڌائي ته اکيون مهتي مهتي ڳاڙهيون ڪري ڇڏيائين. سڏڪي سڏڪي، مسڪي مسڪي پڇيائين. 'ادا... پائڙي جو ڪفن دفن الائي ڪيئن ٿيندو ....؟'

ٻنهي جٹن کيس دلجاءِ ڏيندي ٻڌايو. 'پيڻ ....! دلگير نه ٿيو، سنگت ڪلهو ڏنو آ ته توڙ ٻه نيائيندي. اها ڳالهه محرم ۽ شبن کي به اگ ۾ چئي آ، ته اوهان رڳو اچي منهن ڏسي وڃو ۽ ڪجهه مرحوم جا ٽپڙ ٽاڙي ٻه آهن، اوهان حصي وارث آهيوس ... اگ ۾ اوهان پوءِ سنگت ....'

'پائو، اوهان کي لک شابسون هجن، نه ته ڪير تو ڪري اڄ ڪلهه ايئين.' ائين چئي ڪمالان پار ڪڍڻ لڳي.

'اڙي ...! سو ... ريتيون ... اڄ مون ڪان منهنجو دلبر جدا ٿي ويو ...! اڙي ... پا.... ڙي! .... وا .... ريون .... مون کي منهنجو پاءُ موٽائي ڏيو .... يه ...وو....!'

پاسي وارن گهرن جون ٽپڙيون متي ٿي ويون ته ڪامريدن، ٻڌائڻ واري فرض کي پورو سمجهي پنتي موٽ ڪئي.

ڪمالان در تان موٽي ته پهريائين سٹ ڏيئي ٿابر پٽ کي اٿاريو، جيڪو اڃان ڪٽ تي پئسترين ۽ پئتيز ڪائڻ جا خواب ڏسي رهيو هو.

'اٿ چورا .....! مامنهن گذاري ويو آ ... انهيءَ ٻيڙيءَ ٻُڌي کي ته وني آ ... بينو هوندو صابوءَ جي دڪان تي ٽنگا ٽيڙيون .....!'

چوڪرو اکيون مهٽيندو، پهريان نلڪي ۾ ويو، پوءِ اڳي سان منهن اگهندو ٻاهر نڪري ويو.

'پڏر پڳي کي ڪا خدا جي مار پوي، ڪنهن مهل جو صابڻ، پائونڊر لاءِ موڪليو ٿمانس ته اڃا ناهي موٽيو.'

ڪمالان پٽڪندي غسل خاني ۾ گهري. جلدي بالٽي پري صابڻ جي چٽ سان متي ڌوءِ ڪيائين، جو ٻاهر نڪرڻ جهڙي نه هئي. تڙ تڪڙ ۾ سرمي جو سرايون وڏي نه وڏي جهڙيون وڏائين. پائونڊر جي خالي دٻي کي ڪٽ جي پائي تي ڪڙڪائي، نڪتل پائونڊر جي چند کي بوٽ تي هنيائين ته تڏي تي الائي کهڙا نه کهڙا ماٹهو ، ڏسڻ جهڙي ته

هجي. ايتري ۾ مڙسهنس به اچي منهن ڪڍيو ته ڪمالان متانهانس ڇڙي پئي، ’ماريا! ڪو پلي وانگر چيري لوڻ ڏيڻ جهڙو آن ...‘

’ڇا ٿيو، نڪ وڍي!؟‘

’وڃي جو پيءُ وٽ ٿو ويهين ته پنيون جي خبر ئي ڪو نه ... هوڏي جو ادو گذاري ويو آ .... خبر ناهي ته پنيان محرم ۽ شبن ارڪو ترڪ اگهي ويا هوندا، الائي ڪيئن!؟‘

’ڪفن دفن جو بندوبست ڪير ٿو ڪري؟‘ ڪمالان جي مڙس ڳڻتيءَ وچان پڇيو.

’ساهه نه وڃئي ٽنگيا ...! سڄو خرچ دوست ٽا پرينس .. اسان کي ٻڌائي ويا هن ته حصي وارث آهيوس، اچي سامان سرڙو ڪٽي وڃو.‘

’ها، پوءِ اها ڳالهه ڪر نه ....! رڪشو ڪرائي ٿو اچان ....!‘

رڪشا در تي بيٺو ته ڪمالان پٽاشڙي جيترو ڪلف ٻاهرين در تي هنيو. پاڙي وارن کي پارت ڪري، پٽ، مڙس سوڏي تڙ تڪڙ ۾ رڪشا تي چڙهي پئي.

اڱڻ تي ڪانڌي مچيون ڪيو ن وينا هئا. محرم ۽ شبو غم جي تصوير بڻيو سوچن ۾ غرق هيا ته اندر ڪونيءَ ۾ الائي ڪيترو ۽ ڪهڙو سامان هوندو؟ ڪمالان جي اچڻ سان خاموش وايو منڊل، ڪيڏارو ٻڌجي ويو. اُهي آهون دانهون ڪيائون جو سيني ٻڌندڙن جون اکيون آلو ساهه تي ويون.

جنازي نماز لاءِ ڪٽ کڄي ته ڪمالان اپ ڏاري ڇڏيو.

محرم هانءُ ڦاڙي رڙيون ڪيون، پر ٻيڙين ڇڪڻ ڪري، نڙيءَ جي ڇاري سندس اندر جي آهه کي گهٽي ڇڏيو. شبو (شبانه) به جڏهن سيني تي هٿ هٽي، هاءِ ...! هاءِ! ڪئي ته شام غريبان جو منظر ٿي ويو. صدمي جي ڪري محرم اٿڻ جهڙو نه هيو، پر پوءِ به جهڙو تهڙو جنازي سان گڏ هلڻو ۽ ڪلهو ڏيڻو پيس.

جيستائين ڪانڌي موٽن، تيستائين ڪمالان ۽ شبو (شبانه) ڪمري ۾ اندر رکيل سامان کي، هڪ هڪ ڪري نظرن سان ڳڻي ڇڏيو ته ڪل چار ڪٽون، پنج ڪرسيون، هڪ ٽيبل، هڪ لوهي ٽرنڪ، پنج بسترا، هڪ رنگين ٽي - وي، هڪ ٽيپ رڪارڊر، پيتين تي ٽنگيل ڇهه کن تصويرون ۽ ٻيا هلڪا سلڪا ٿانوَ ٿپا آهن.

ڪٽ جڏهن خالي موٽي آئي ۽ عذرخواهيءَ جو نه ٽٽندڙ سلسلو شروع ٿي ويو. حيرت ته محرم ۽ رمضان کي هئي ته ٻيڙين ٻانڌي جي ٿڌي تي شهر جا شاعر، اديب ۽ ڪامريڊ مڪين وانگر اچي مڙيا هيا؟ جڏهن ماڻهن جي اچڻ وڃڻ جو سلسلو شام تائين به ڍرو نه ٿيو ته محرم اوٻاسيون ڏيڻ لڳو. رمضان ڪياڙي ڪنهندي ڪنهندي وڃي زال کي ماجرا ٻڌائي.

ٿوري دير کان پوءِ ڪمالان جي هيانوَ ڏارينڌڙ پارن ۾ شبو (شبانه) جي پٽڪي  ٻڌنڌڙن ڪي سيرون وجهي ڇڏيون.
’ا .... ڙي ....ي ... ا ... ا... اا ...ا  ... مان توکي اجا ميندي به نه لاتي، موڙ به نه ٻڌا ....! جهڙو آئين جڳ ۾، تهڙو وئين موتي منهنجا ...پ ...اا ..ءُ ... الائي کهڙي ڏائڻ دوست توکي زهر جي سئي هٽائي .... ا .. .. و ... مان تنهنجي بيڙين ٻڌڻ وارين آگرين تان صدقو . ... ٿ ....يا ... ن ... ه ... اون ... اونهه!
تون مهينو اڳ خوش چڱو ڀلو  ه ... ه ...ئہ .. ين ... تو ٻڌايو هو ته تو شاديءَ لاءِ ويهه هزار به گڏ ڪري رکيا ه .... ه ...يا  اا ... اونهه! ... ا ... ڙي ...ي ، ڪو ملڪ ۾ هجي راڻو راڻي ... ته هن نياڻيءَ نماڻيءَ جي فرياد وني ... دا ... د ... ڪ ... ري ....! اونهه ... اونهه!‘
ٽڏي تي وينلن ڪامريڊن ۾ ڦڙڦوت پئجي وئي. سس پس شروع ٿي وئي، جيڪي سياڻا هيا، تن سُر کي سمجهي کسڪڻ شروع ڪري ڏنو. جن جي مرحوم رجب سان ويجهڙائپ ۽ پيارپ هئي، تن به آخر ۾ صلاح اها بيهاري ته عزت انهيءَ ۾ آهي ته پجي جان ڇڏائجي. استاد غفار ۽ چوٿو نجيب سنگت جي صلاح سان اندرئين ڪمري ۾ ويا ۽ ادي ڪمالان کي ٻڌايائون: ’پيڻ! اسان هلون ٿا ... هي چابيون ٿوَ گهر جون ... هاڻي هي گهر ۽ اوهان ... جنهن مهل وجو ته سامهون دوڪاندار کي ٻڌائي وججو، اهو ئي گهر جو مالڪ آهي.‘
’چڱو ...ادا ... جئين اوهان جي مرضي!‘ ڪمالان چابيون وٺندي دل ۾ ڪجهه پيو چيو.
محرم ۽ رمضان ۽ شبو (شبانه) کي جڻ ساهه پئجي ويو. رجب جي دوستن کان جڏهن گهر پالهو ٿي ويو ته وارثن ۾ سامان جي ورهاست شروع ٿي وئي.
اُٿندي ڪمالان وجي ٿي - ويءَ ۾ هٿ وڌا. ’هيءَ ته مان ڪٽندي سانوَ ، ڳالهه اَتو سڌي.‘
’تون چو ڪٽندينءَ؟‘ محرم وڏي ڀاءُ جي حيثيت سان اعتراض اٿاريو.
’آخر هڪڙي پيڻ آهيانس، منهنجو ايترو حق به ڪونهي.‘
’عورتن جو اسلام ۾ حصو، مردن جي اڌ جي برابر آهي.‘ محرم وراڻيو.
’ها، جائي به!‘ شبو (شبانه) به محرم کي ٽيڪو ڏنو.
’باقي مردن ۽ ڪدڙن جو بيٺو آ ... ها نه!؟ خبردار جو مان سان اٽڪي ٻٽڪي ڪئي اَتو! ... جئين ڪامريڊن کي کسڪ صورت پڙهائي ڇڏيم، ائين توهان جي تڏا ويڙهه نه ڪرايم ته منهنجو نالو به ڪمالان ناهي.‘
’اُهي ڪامريڊ هيئي نڌڙڪا ... اسان ته تنهنجي ٻڻ ٻٽياد کان واقف آهيون!‘
رمضان ڏنو ته ڳالهه وجي ٿي وڌندي، هڪ دم وچ ۾ ٽپو ڏئي زال جو پاسو کنيائين:

’مان کي رڳو اهو ٻڌايو، جي مڙس ماڻهو هيئہ تہ ڪڍي ڏيکاريو ها نہ، ڪامريڊن کي. اهي ڪمالان جو دهمان هيوَ جو انهن کي ڦُٽايو ، نہ تہ اوهان کي ڏين ها، آنگوٺو ... اهي اهڙا اگرا آهن، جو حڪومت سان وڙهڻ ۾ بہ دير ناهن ڪندا.‘
’هاڻي ڪاٿي آهن، اهي ڪامريڊ ... ڪامريڊ پنهنجي مُٺ تان پاڻ ٽا ترڪن.‘ محرم وراڻيو تہ شبو (شبانہ) بہ تاڙي وڃائي وراڻي ڏني، ’جائي تہ چوي ٿو ويچارو!‘
’تون تہ بس ڪر، ڏبر ۾ ٽاٽا ... پرائي ٽٽ تي سندرو ٻڌيون بيٺو آن ..‘ ڪمالان شبوءَ (شبانہ) کي رهڙ پٽي.
’اها پاپر، نونين ميري مڙس جي ڪري تي ڪرين چا؟ مون کي بہ پنهنجو اڙيل گريو (خطرناڪ يار) آهي! اُهو آندم تہ پوءِ وڏو گند ٿيندو.‘ شبوءَ (شبانہ) نڪ کي موڙو ڏيندي چيو.
’ٻڌايانوَ تي تہ مان بہ اهڙي پوتي لٿي آهيان، جو پاڙي وارن کي جڏهن اهو ٻڌايم تہ بابي مئي ڪان پوءِ محرم ، رجوءَ کي موچڙا هڻي گهران ڪڍيو هيو ۽ شبوءَ کي بابي، تہ پٺ هٽائڻ تي، پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي گهران تڙي ڪڍيو هو ، تہ ليڙ بہ هٿ نہ ايندوَ.‘ ڪمالان ڪاوڙ جي ڌمڪي ڏنن.
’پوءِ، اسان کي وات ڪونهي چا!؟ اسان بہ هڪ هڪ کي جڏهن ٻڌايوسين تہ ڪمالان ٺمٽي ٽڏڪي آٿو، هن سان تہ رجو پورو منهن ڏئي بہ نہ ڳالهائيندو هو تہ پوءِ ڪاڏي وينديئہ؟‘
محرم کي پٺو تي پيو تہ ڪمالان ۽ شبوءَ جي ڪتراڳ ۾ آيل مال هٿن مان نہ هليو وڃي تہ ٻنهي کي سمجهائڻ لڳو:
’آهستي ڳالهايو ... ماڻهن ٻڌندا تہ چا چوندا؟!‘ پوءِ ڪمالان کي چوڻ لڳو:’تنهنجو ئي پٽ گهاتو ....! تون ئي تي - وي ڪڻ ... مان ڪٽي تو ٽيپ ۽ لوهي ٽرئنڪ ڪٽان!‘ محرم اٿي وجي ٽيپ ۾ هٿ وڌا تہ شبو ٽپو ڏيئي، لوهي ٽرئنڪ تي چڙهي بيٺو. هٿن کي نچائيندي چيائين: ’هيڏي وڏي تہ ڏيکار، ٽرئنڪ ڏي، هٿ تہ پڇاءِ!‘
’تون پيٽان ... نونيوال، تون ٽرئنڪ ڪاڏي ڪندين ....!؟ تون ڪٽي ڪا ٻي شئي ڪڻ.‘ محرم ڪيس سمجهائيندي چيو.
’تتر ڪٽو پاڻ، پتر ڏيو مان کي ... چو؟ مان چڻ رجوءَ جو وارث ناهيان ... اسان تہ فقير آهيون ... اسان کي تہ وڏيڪ ملي نہ ....!‘
فقيري واري دعويٰ تي رمضان کي منيان لڳي تہ چئي وينو. ’اڙي، وري توهان ڪڏهن ڪان فقير ٿيا آهيو؟ توهان تہ آهيو ڪو تما ...! جيڪي نر ... نر ...ڪري ٿوئري هٽندا وتو .... مرد هوندي بہ ويچارن ڪدڙن جو حق ڪايون وينا آهيون.‘

‘ڪدڙن جو حق ڪاڏو سي، ڪو  پڙون جو تہ ڪو نہ ڪاڏو سي. جو وچ ۾ پُرچڪ ٿو هٽين ... تنگر ٿويا!’ شبو (شبانہ) رمضان کي طعنو ڏنو تہ رمضان بہ جوش ۾ اچي ويو:

‘گھٽو گھٽو ڪندڙ تہ مان بہ پيٽيوي جي حيثيت سان حق چڪيندو سانوَ ... قانون ۾ گھٽو ڪجھ لکيل آ ... ائين نہ سمجھو ... اسان بہ سرڪاري ماڻھو آهيون ... پانور ٿا رکئون ....!’

‘سجاڻانءِ ....! بالشتر(بئريسٽر) ناهين. مينسپالٽيءَ ۾ پٽيوالو آهين. جن کي ڇھ ڇھ مهينا پگھار ناهي ملندي.’ محرم متائنس ڏاڍر ڪئي تہ متان، رمضان بہ حق چڪيندي، ڪا شئي نہ ڪٽي وٺي.

‘گھٽي گھٽي ، ٽين ٽين! ڪيوَ تہ ڏڪ ۾ هٽائي ڇڏيندوسانوَ!’ رمضان گنل پنل ميونسپالٽي جي ملازمن واري پراٽي ڌمڪي ڏنس.

‘اسان وڪيل ڪري پراٽي زماني جون ڳالھيون ڪولرايوسين تہ پوءِ ڪاڏي ويندين!؟’

‘ڪھڙيون ڳالھيون ڪولرائيندئو؟’

‘ڪمالان کي پڇائي، جيڪا پنج لڙهي دهري ڪٽي ويو هئين!؟’

محرم هٽ جو ڪيس ناهيندي ڪيس ڊيجاريو.

پر اڳيان بہ ناٽ هيو، ٽنهن موٽ ڏنس. ‘گھر ۾ ٽامي جي وٽي بہ ڪو نہ هيوَ تہ سون وري ڪاڏهين آيؤ؟’

شبو (شبانہ) جيڪو ٽرئنڪ تي چڙهيو ويٺو هيو ٽنهن زور سان ٽاڙيون وڄائيندي ڪڪ تي ڇيو. ‘جلدي ڪيو مال ورهايو ....! مان کي ميلي تي بہ وڃڻو آ ....!’

‘چڱو ٽرئنڪ ٽان تہ لھ تہ کولي ڏسئون!’ محرم ڪيس زور پريندي ڇيو.

سيني کي شڪ هيو تہ ٽرئنڪ ۾ ڪو گھڻو مال آهي.

‘اڳ ۾ اوهان ٽيپ ۽ ٽي - وي مان هٽ ڪيو!’

‘چڱو نيڪ آ.’ محرم ۽ ڪمالان وراٽيو ۽ پوءِ ٽيپ ۽ ٽي - وي  رکي ٽورو پريرو ٽي ويٺا.

ڪمالان ڪلف کي چاٻي هٽي، بسم الله ڪري ٽرئنڪ جو پڙ کوليو ۽ جڏهن منڊي هٽي ڳولھا ڦولھا ڪيائين تہ ڪتابن ۽ پمفليٽن کان سواءِ ڪجھ بہ نہ نڪتو. چوڻ لڳي:’هي ڏسو، چريي پاءُ جا ڪم، ٽرئنڪ ڪٽي ڪتابن سان سٽي اٿئين، اهي ڪتاب پڙهي پڙهي تہ پاڻ کي بيمار ڪيائين.’

شبو (شبانہ) ڪتاب ڏسندي بي مزي ٿي ويو.

‘هئي مُنيس! چڱو ٿيو، جو ٽرئنڪ کلي، نہ تہ مان ويچاريءَ کي نولھي جو مولھو ملي ها.’

‘ٽرئنڪ ۾ هٿ وڌا هيئي ته هاٽي ڪڻ نه ...!؟’ رمضان، شبوءَ کي ٽرئنڪ کڻڻ تي زور ڀريو.
‘ڪتابن کي باهه ڏيندس چا ...؟ سچا ڪتاب پڪوڙن وارن کي ڏيان ته سئو روپيه به نه ٿئي ...!’ شبو (شبانه) وراڻيو.
سيئي منجهي بيهي رهيا ته هاٽي ورهاست ڪيئن ٿيندي؟ ڪمالان جو ٽاہرو پٽ، جيڪو پاسي واري ڪيسي ۾ وڌل سينٽ جي اڌڙ شيشي، ماچيس ۽ خالي بال پين کي هٿ سان سوگهو جهليون بيٺو هيو، تنهن جون گهمنڊڙ ڦرنڊڙ نظرون، ڪنڊ ۾ رکيل ڪٽ جي هينان، بيگ تي پئجي ويون. هن رڙ ڪئي: ‘امان، ڪٽ جي هينان بيگ پئي آ.’
جسيتائين بيا جهڪي هيٺ ڏسن، شبو (شبانه) هانوَ جي باهه کان بانبڙا پائيندو، ڪٽ هينان گهري، بيگ ڇڪي ٻاهر ڪڍي آيو. ڪٽ تي رکي کوليائين ته سيئي اچي بيگ متان بيٺا.
‘گهڻا جوڙا اٿس ...!؟’
ڳڻپ شروع ٿي وئي. ‘هڪ .... ٻه .... ٽي .. چار ... پنج !’
‘پنج ته نوان آهن!’ رمضان ڏسي چيو . ‘بيگ جا کيسا جاچيو.’ محرم ڪياڙي کنهندي چيو. کيسا جاچڻ کان پوءِ ٻٽون نڪتو. ٻٽوڻ ۾ پئسا هيا. ڳڻڻ شروع ڪيائون ته ڪل ٻه سئو پنجٽيهه روپيه نڪتا.
‘هاڻ ته مان ٽيپ ۽ ٽرئنڪ ڪٽان نه ...؟!’ محرم، شبو (شبانه) کان پڇيو. شبو (شبانه) بيگ تي راضي ٿي ويو ، جو ته ڪيس بيگ ڏاڍي وٽي وئي هئي. تنهن ڪري ڪنڌ ڌوٽي هائوڪار ڪري ڇڏيائين.
‘بسترن جو چا ٿا ڪيو، ڪل پنج آهن!؟’ رمضان تڪڙ ڪندي چيو ته جيئن ورهاست ٿئي ته جان ڇٽي. ‘ٻه مان، ٻه محرم ۽ هڪ شبو ڪٽي.’ ڪمالان وراڻيو.
‘ڪجهه ڪپيو ئي نه ٿو.’ شبوَ جواب ڏنو
‘توکي ڪنهن بي شئي ۾ ڪسر ڏينداسون!’ محرم شبوءَ کي سمجهائيندي چيو. بسترن جي ورهاست کان پوءِ ڪٽن، ڪرسين ۽ ٽيبلن جو وارو آيو.
‘ڪرسيون ۽ ٽيبل مان ڪٽندس، دوڪان لاءِ ...!’ محرم والار ڪندي چيو.
‘الله ڪيو ... رڳو مان مان لڳي پئي اٿوَ ... اهي ڪرسيون ۽ ٽيبل مان ڪٽندس، اسان کي نه کپنديون هن چاه آئي وئي جي لاءِ .....!’ شبو (شبانه) هاڻ ڪس ڪائڻ کان نابري واري بيٺو ته ڪمالان ۽ محرم پاڻ ۾ ٻه ٻه ڪري ڪٽان ورهائي ڇڏيون.
‘باقي چا بچيو؟’ محرم پڇيو.
‘ڪجهه به نه !’ ڪمالان وراڻيو.

‘ها، ڪجهه به نه .... رنڌڻي ۾ ٿانوَ ٿپا ناهن پيا ..!’ ڪمالان جي ٿابري پٺ انڪشاف ڪيو.
سيئي وني رنڌڻيءَ ڏانهن ڀڳا. رنڌڻي ۾ به ديڳڙيون، ٿي چار چمچا، پنج ڇهه ڪوپ، چانهه جي ڪٽلي، تئو، ڪفگير، ڏوئي، بالٽي ۽ هڪ ٻهاري پئي هئي. ٿانون جا ٽي حصا ٿيا. هر هڪ ٿوري بحث مباحثي کان پوءِ پنهنجو پنهنجو حصو کنيو. اوچتو ڪمالان کي ياد اچي ويو. سٽ پائي غسل خاني ۾ گهري ته ڪيس ڪجهه نظر نه آيو ته ٻاهر نڪري پڇڻ لڳي: ‘اتي جو اڌ صابڻ جو، آئينو، برش، ڪئنچي، سيفٽي، ۽ بليڊ پيا هيا، ڪاڏي ويا!؟’
‘محرم، اڱوڙي ا ندر ويو هو.’ رمضان شاهدي ڏيندي چيو.
‘مان ناهن کنيا.’ محرم جواب ڏنو.
‘تلاشي ڏيڻي پوندءِ.’ رمضان چيس.
‘چڱو مان کنيا هن! وڏو ياءُ آهيانس جو ايترو به حق ڪونهي چا!؟’
پوءِ ته شبوَ (شبانه) جي تاڙ ٽيپي شروع ٿي ويس. ‘ڪڏهن مال ٻاهر، چور ڏٽا!’
‘بس ڪر، ٻيلائو!’ رمضان اکيون ڏيکاريندي چيس.
‘بس ڪر ، ٽيڪي جا!’
‘ٻاگڙ دلا!’
‘پاڪي مار!’
‘ٻڌايانوَ ٿو، چيٽين جي پورهئي ڪي چڏي، رڪ سان راند نه ڪر!’
‘چوانءِ ٿي، اسان فقيرن سان نه اُچاءِ، نه ته چترن سان دمچي نه ڪٽايانءِ.’
ٻتيڪو وڌي ويو ته رمضان هيسائڻ لاءِ کين ڌمڪي ڏني:
‘مان تو چوانوَ ته ، شرافت سان مڪ مڪاءَ ڪيو نه ته چونڪي تي وڃي جمعدار خانوءَ کي ٻڌائيندس ته ڪو به حصي وارث ڪونهي. سيئي پٽ ۾ لوڻ وجهي پائيوار ٿيا هن.’
خانوءَ جمعدار جو ٻڌي سيني کي نانگ سنگهي ويو. رد ڪد سان ڪمالان کي اڌ صابڻ ۽ ڪئنچي ملي. شبو (شبانه) آئينو کنيو ۽ محرم کي سيفٽي، برش ۽ بليڊ حصي ۾ آيا.
‘ٻاڻ ۾ آهيون، نهت چڱي آ. باقي چا بچيو!؟’ محرم سمجهائيندي هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي پڇيو.
‘تصويرون!’ ڪمالان جي پٺ ڳالهايو. جيڪو وات ڀتيون تصويرن کي گهوري رهيو هو.
‘ڪل ڇهه آهن، سيني کي ٻه ٻه ايندين!’ رمضان حساب ڪندي ٻڌايو.
‘مان انجمن ۽ ماڌوريءَ جون ٿو ڪٽنديس !’ شبو (شبانه) ڪرسيءَ تي چڙهي پنهنجي پسند جون ٻه تصويرون پٽ تي ٽنگيل لاهي ورتيون. محرم به ٻه تصورون لاٿيون، جن ۾

فطرتي نظارن سج لهڻ ۽ ايرڻ جي منظر ڪشي ٿيل هئي. پر ڪيس مزو نہ آيو تہ هن شبو (شبانہ) کي ايلاز ڪرڻ شروع ڪيا.

’ياءُ ناهين ....! اهي تصويرون مان ڪي ڏي ... تون هي ڪڻ ...!‘

’چڱو ، هي ماڏوريءَ جي ڪڻ ... باقي انجمن تہ اسان جي گرو فنڪار آ، اُها نہ ڏيندي سانءِ ... اتان وري هڪڙي تون بہ ڦينڪ!‘

ايئن ٻنهي ڄڻن تصويرن جي مٺ سٺ ڪري ورتي.

باقي وجي بہ تصويرون بچيون هيون. هڪ رجب جي، جنهن ۾ مرحوم ڪاري عينڪ پايون مشڪي رهيو هو ۽ ٻي ڪنهن بين الاقوامي ڪامريڊ اڳواڻ جي هئي. جيڪو ڪنهن ڳوڙهي سو چ ۾ ٻڏل هيو. ڪمالان، مڙس ڪان ياءُ جي تصوير لهرائي سيني سان لڳائي. باقي ٻي تصوير لاهڻ ڪان ڪيس منع ڪئي.

’ان ڳنجي جي تصوير نہ لاهجانءِ ....! مئو ڏسي تہ ڪيئن ٿو ٽڪ ٻڌي ... پلي وجي دوست ڪٽنس، آخر انهن ويچارن جو بہ تہ حق آ!‘

ٿوري دير ڪان پوءِ، هڪ ٻئي پنيان، ٽي ڳڏهہ ڳاڏا اچي ويا. هر هڪ، حصي ۾ آيل سامان ڍوئي ڳاڏي تي رکرايو. سواءِ هڪ تصوير جي، جيڪا چتايون خالي ڪمري کي گهوري رهي هئي ......

## 2.3ساڏ

دادن جي ٽڪريءَ تي، پنگ جو پيالو هٽي، ڪچيون گاريون ڏينديءَ ۽ ونندي جڏهن جوا ڪيڏي رهيو هيو تہ اوچتو نارو پٺنچ ٻڌايس: “ادا سوڍا! تيڏا با مرتي گيلاهي.” پيءُ جي مرڻ جو ٻڌي ، هٿ مان پتا ڇڏائي وجي پٽ پيس، مٿ جيترا ڪتيل روپئي روپئي جا مروڙيل سروڙيل نوٽ بہ ڪٽڻ وسري ويس. تيزيءَ سان ڪانهن جي نهيل اوڏڪن پکن ڏانهن ٻرانگهون هنيائين ، سرڪي (پکي) ۾ گهڙيو تہ پيٽس ۽ جوٽس، ٻين عورتن جي پاڪرن ۾ پار ڪيدي روئي رهيون هيون. پٺهنس رامن خوف وچان ڪرونڊڙو ٿيو سُسيو وينو هيو، مکي هرچند پٺنچن سان گڏ ڪچ ۾ ڪيسيري پٽڪو ڪيون بينو هيو. ٻتيءَ جي جهيٽي روشنيءَ ۾ مکي ۽ پٺنچن جون ٽانڊي جهڙيون اکيون ۽ ڪنن جون سونيون ڪيوٽيون پئي چمڪيون، ڪاوڙ ۾ مکيءَ جو هڪ هٿ وڏي اڇي سندس پڳڙيءَ ۾ پيو.”هائو ڙي سويا! تنهنجي ڪا ادا...! پٺهين تہ ايترو بہ ناهي سکيو تہ جنهن جا پيئر مردا آهن ، اهي پڳا ناهن پائيندا.” مکي سندس پڳڙي لاهي سرڪيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ اڇلي ۽ پوءِ پنهنجي پڳ ان جي مٿان رکيائين. آهستي آهستي ڪنڊ ۾ پڳن، پوڳڙين ۽ انگوڇن جو ڍير لڳي ويو.

“واڏڻ ڪٽي لاش ڪچي ڇڏيو بابا!نہ تہ صبح سان وڏو ٿي ويندو!” مکي اوڏڪو سونسو ڪندي رڙ ڪئي. وزيري پٺنچ نئين واڻ جي نوڙي ڪيدي لاش ڪچي، اهو ٽڪرو ڪوڏر سان ڪپي لاش جي سرانديءَ ڪري رکيو.

“نارو! ڪاڏي ڪاڏي ماٺهو مڪاتو؟” مکيءَ پڇيو.

“مکي ، باڊهہ وارن جيپڙوتن ڏي ، مديجي وارن گڏاهين ڏي، ڳيريلي وارن گڙگٽن ڏي ..” نارؤ واٺيو.

“اڙي لاڙڪاٽي وارن ڪروڙن ڏي بہ ماٺهو ڪيو، ڏوڪريءَ وارن ڏيواتن کي بہ ٻڌايو، ڪندياري وارن ڪليهن ڏي بہ مُنجو .... پيٽان سويو ساڏ هو ، ڪو جهڙو تهڙو هو چا؟”

‘جي مکي!’ ائين چئي نارو سرڪي مان ٻاهر نڪري ويو.

‘هائو مکي! چئين سچ ٿو، سويو مور هو مور، وڏي مجتا هئي سويي جي بابا! اوڏ تہ چا پر گوچا (مسلمان) بہ فيصلن ۾ امين وارينڊا هيس!’ ائين چئي هڪ همراه روئڻ ۾ چتڪي پيو.

‘پائي! ڪو جهڙو تهڙو ساڏ هو چا؟ پيڙهاتو هو پيڙهاتو !....اڙي ادا، اڄ هرچند اڪيلو ٿي پيو.’ مکي هرچند جو هيانءُ پرجي آيو، ڳلي ۾ڪانگهارو اٽڪي پيس. هن زور سان ڪدي ٻاهر اڇليو ، ڪانگهارو ڳلي مان نڪتو تہ ڪنڌيءَ جي ڪانن کي پاڪر پائي

چنبڙي پيو.
’بس پائي! جنهن جو هتي ٻه ڪپ ته ، اُتي ٻه!“ ٻي ڪراڙي اوڏ تڏو ساهه ڪٽي گوڏ جي پلئه سان نڪ جو ريشو اُگهندي چيو.
“ڪهڙي ڳالهه ڪجي ، سوڍي ساڏ جي پائي! ... آنڌي مانجهي ، تڏي ڪوسي، مَرُ جيءُ ۾ جاڏي هڪليس ته گوهي نه ڪندو هو ... ڪچهري ۾ چوندو ٻه اکر، پر نبيري وارا... اوڏڪي ڪل جو لال هو پائي!.... تڏهن ته پڳوان گهر پري چڏيس، اهڙا پلا گڏه جو ڪنهن جي سرڪي ۾ نه، اهڙي سيٻتي ننهن جو ويڙها ڳول ته نه ليي ... پر پٽنهس ۾ اُها مٽيا ڪونه ... بس ڏٽي اگنان مت ڏيندس!’ وزيري پئنچ جي اها ڊيگهه، سوڍي ڪي ائين لڳي جڻ لوسي گڏهه ٻي مهلي هينگ ڪئي هجي، هن اندر ۾ ڪٽ ڪائيندي چيو.
’وزيرا! جي پيءُ مئل نه هجي ها ته اڄ پٽڪو ڏوڙ ۾ روليانءِ ها، پوءِ جيڪي تئي ها، ڏنو وڃي ها“.
رکي رکي هوا جي جهوٽي تي اڇي چادر جو پلئه لاش مٿان ڪجي پئي ويو، جنهن ڪي ماڻهن هر هر پئي ناهي وڌو. سوڍي پيءُ جي لاش ڪي اچرج وچان چتايون بيني پئي ڏٺو، جڻ ڪيس يقين ئي نه پئي آيو ، ته واقعي سندس پيءُ مري ويو آهي يا ڏرتيءَ تي نئون سنئون ٿيو چهندو ڪيون ستو پيو آهي. هن پڪ ڪرڻ خاطر، جيئن ئي پيءُ جي لاش مٿان چادر هٽائي ته پٽهس جون پوٽيل اکيون ۽ بند ٿيل ساهه ڪيس جهنجهوڙي وڌو. هو پيءُ ڪي بي اختيار چنبڙي رڙيون ڪرڻ لڳو، جڻ ڪيس گهري ننڊ مان جاڳائيندو هجي.
“بابا!... بابا!.....” سندس بي رخين اکين مان پاٽي ائين ٻني ڏئي ٻاهر آيو جڻ ڪوهه ڪوٽيندي، ڳر ۾ ڪوڏر جو ليو لڳي ويو هجي.
“بس منهنجا لال بس!... ڙي بس!” مکي هر چند ڪٽي سيني سان لاتس، هڏڪين ۽ سڏڪين ۾ مکيءَ ڪي نينڊڙي ٻار جيان چنبڙي پيو.
“هين پيٽان گڏهه! رنن وانگر تو روئين ... اڙي مڙس ٿيءُ، زندگيءَ جو ٻار ڪيئن ڍوئيندين؟” مس مس سمجهائي، مکيءَ تڏي تي ويهاريس.
رات جي پيٽ ۾ الائي ڪتان ڪتان اوڏڪو راڄ جام پور ۾ ڪهي آيو هيو ، جن سوڍي جون ڳالهيون ۽ ڳڻ ڳائيندي ساري رات اکين ۾ ڪاٽي ڇڏي.
ماڻهو بيهي هٿ متي ڪري، ايڏي گهري، ٻه هٿ موڪري، پنج هٿ ڊگهي قبر تيار تي وئي هئي. ڪچڙي منجهند جو سوڍو سينگارجي گهران تتري (ارٿي) تي ڍونڍڪارن ۽ اوچنگارن ۾ ڪجيو ته مکيءَ ماڻهن ڪي جهليو: “پائي نه روئو!..... پنهنجي ڏرتي ماتا ڏي تو وڃي ، متان ماتا ڪاوڙجي ڪيس پيڙي نه!”
سوڍي جو لاش ڏادي ڌيرج ۽ آهستگيءَ سان قبر ۾ رکيل نئين رلهيءَ تي لاتو ويو. متان

چادر جهلي متي آهستي آهستي ريڙهي وئي ۽ ڌرتي ڪيس ائين ڍڪي امرلت ڪري چڙهيو جيئن ماءُ پنهنجي ٻار کي ڪپڙي جي پلئه سان ڍڪي چڙهيندي آهي.
ڪانڌين ڪانڌپو ڪائي بس ڪيو ته سوڍي کي متن وهنجاري سنهنجاري، ناهي نکي، وني وچ تڏي تي ويهاريو ، مکي پئنچن ۾ چگن مڙسن کيس راڄ اڳيان ور ورائي نئين پڳ ٻڌائي ، هرچند مکيءَ جي حيثيت سان کيس نصيحت ڪئي : "پُٽ سوڍا! تونجو پيءُ اوڏان ويو، جاڏي سڀ کو ويندو آ.. اڄ گهر جو وڏو تون آ... راڄ ۾ اُتي ويني توکي ڪرڻي آ ... هاڻي تون اهو ناهين جو ٻاراڻيون ڪرين ۽ راڄ سهي".
سوڍي کي مکيءَ جي نصيحت ائين لڳي جڻ راڄ اڳيان کيس لٽ اولاري ڪدي هيائين ته اڳتي خرمستيون ۽ چلولايون بند، نه ته جيئن سمجهي تو. پيٽيوي رانول ، جڏهن اوڏکي رسم مطابق ڳڏهه جا آتر آڻي هتن تي رکيس ته هن کي ائين لڳو جڻ چيو هجيائينس ته هاڻي هو ننڍڙو ڪوتڙو ناهي، جيڪو زماني جي ٻارن کان آجو پستيءَ تي پستي ڏيندو وتي. هاڻي هن کي پڙ ڳڏهه جيان زماني جا بورا مڙسيءَ سان ڍوڻا پوندا.
ان سمي، پيءُ جي هڪ هڪ ڳالهه ياد ڪندي اُتلي پيو ته پٽس هوندي کيس ڪنهن ڳالهه جي لڪائي ڪونه پئي هئي. هن ته ماءُ مئي ٻه پاڻ کي چورو نه سمجهيو هيو پر هاڻ پاڻ کي ٻي واهو تي سمجهيائين. جنهن کي هر ڪنهن ٻڌائي چيو ته ڪوئي ٻه ڪونهي جيڪو سندس ڪئي جا ڏنڊ ڀري، چل ڪپٽ اکين تي رکي. اهڙيون ڳالهيون ذهن تي رکندو ويو ته اکيون ، پنل لئي جون ٽاريون تي ويس، جن کي انگوڇي جي پلئه سان هر هر پئي اُگهيائين.
مکي، پئنچ ۽ راڄ جا ماڻهو، پنهنجا لٿل پٽڪا، پٽڪيون، انگوڇا چنڊي ڦوڪي متن سان ٻڌي چڪا هيا. سڄي رات ۽ ڏينهن جي اوجاڳي ۽ ٿڪ ڪري موڪلائڻ لاءِ آتا هيا.
هن اُتي ، وينل ڻڙيءَ سان سڄي راڄ کي ڪرٽين جو ٻڌايو: "يائي !ڏهن ڏينهن ڪانپوءِ ڪرٽين جو ٻڌو هجيوَ!" راڄ وارا ڪرٽين واري ايندڙ وار جو حساب آڱرين تي ڪندا اُتي ويا.
ڪرٽين واري ڏينهن تي، جڏهن نياٽين سياٽين ڌاڳي ٻڌل ڪوري دکيءَ متان رکيل ماني ڳيو ڪائي باقي بچايل ٽڪر ۽ جل دان ڪري سوڍي جي قبر طرف اڇلايو ته براهمڻ شنڪر لال سوڍي کي ٻڌايو: "يائي! هاڻي تنهنجو برت پورو ٿيو." هن اجا مانيءَ جو گرهه پيچي منائي ۽ گيهه ۾ ٻوڙي وات ۾ پئي وڌو ته مکي پڇيس.'يائي! ڪرٽيون ته خير سان تي ويون، هاڻ سکو ڌاڙ ڪڏهن ڪندين؟' هن کي لڳو جڻ مکي کيس ساهي پٽڻ نه ڏيندو. هو اجا ويچارن ۾هيو ته کهڙو جواب ڏي ته مکي لفظن جون وري ٻيون سوٽيون وهائي ڪديس: "سوڍا! هتي پٺين جي وهي وارا وينا تي، جنهن کان وٽئي،

تنهن کان پڇ ته ڏاڏنهن سيتل جي ڪرٽين جي ٻي ڏينهن تي سويو، جيءَ چڙهيو، چئي: متان بابي جي آتما کي ان ۽ جل جو دان نه ملي ، تون ٻڌاءِ، پنهنجي پيءُ جي آتما کي گهٽا ڏينهن سڪائيندين؟....مهينو اڌ، سال يا سدائين لاءِ.'

سوڍو سمجهي ويو ته مکي سندس اندر جي گدڙ کي سڃاڻي ورتو هيو. هاٽي ڪيس سڄي راج ۾ ڏنو پئي ڪيائين، سوڍي جنهن سڄي عمر رڏيءَ ۾ گذاري هئي، سو ڪاٽي پئي مڙيو. مکيءَ کي مند جي ٻڌائڻ ۾ دير ئي نه ڪيائين:

"هونهه!..... بار گڏهه تي چنگهي ڪوتي.... مکي! ساڏن جا پٽ ساڌ ٿيندا ڪو تنهنجا يا چورن جا ته ڪونه ٿيندا.... هفتي ڪانپوءِ پلي مهاراج گهرائي سکو ڏاڙ ڪرايو."

مکي اهو سوچي ڪيس ڪا ورندي نه ڏني ته گپ گپ سان نه ڏوئبي آ. هن مهاراج شنڪر لال سان سس پس ڪري اها صلاح ڪئي ته جي وارو ڏنو ٿئين ته جانو هٽي ڪڍجيس هن پوءِ وڏي واکي وينل راج کي ٻڌايو : "ٻڌو هجيو ڀائي... آرتوار آتوار اٺ، نائون سوموار، ڏهون منگل وار ... منگل وار تي سکو ڏاڙ ٿيندي."

سکو ڏاڙي واري ڏينهن تي سوڍي جي سرڪي ۾ تر ڇڻڻ جيتري جاءِ به ڪونه هئي. جنهن ٻڌو هيو، سو آيو هيو. ڪو سڏ تي، ڪو ٻي سڏيو رونشي خاطر.

سرڪيءَ جي اڱڻ تي، وڻن هينان وچ تي مکي هرچند ، سوڍو ۽ مهاراج شنڪر لال ۽ پاسن کان پئنچ پلٿيون هنيون وينا هيا. مهاراج شنڪر لال ڀاڳيرت جي ڪٿائن سان اوڏڪو راج ريجهايون وينو هيو.

"سائين ڪانن جي نئين مڙهي تيار آ." وزيري پڃنچ سرڪي ۾ گهرندي مهاراج جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪايو.

"هر شيءِ تيار ڪري رکي اٿو ... ڪانن جو پڃرو ، جل پريل دلو، پرساد ۽ چئومکي واري ٿالهي؟ " مهاراج پڇيو.

"هر شيءِ شئين تيار آ." پئنچ وراڻيو.

" بس ته پوءِ أٿو!" مهاراج سيني کي أٿڻ جو اشارو ڪيو. مڙهيءَ ۾ گهرڻ کان اڳ، سوڍي ۽ شنڪر لال جدا جدا شنان ڪري، پنهنجي پنهنجي ڏنگ جا ڪپڙا پهريا. ڪانن جي مڙهيءَ اندر مهاراج ۽ سوڍو گهريا، باقي سڄو راج، مکي ۽ پئنچن سان گڏ ٻاهر بيٺو رهيو.

سوڍو انگوڇي جو گهونگهٽ هنيون . مهاراج اڳيان، ڪنهن نويل ڪنوار جيان ڪنڌ جهڪايو وينو هيو. مهاراج منتر ۽ اشلوڪ پئي پڙهيا. سوڍي ائين پئي ڀاسيو ڄڻ مهاراج ڪيس هڪ نه سمجهندڙ دنيا ۾ پٺيون ڪنيون پئي ويو. انهيءَ ڪري ڪيس هڪ عجيب قسم جي آسيس ۽ فرحت پئي آئي.

جڏهن مهاراج منتر پڙهي پورا ڪيا ته هن ٻن پتل وارين ٿالهين ڪي جيڪي مڙهيءَ جي ڪنڌ ۾ رکيل هيون، سوري وچ تي ڪيو. هڪ ٿالهيءَ ۾ ڪوپرو ، چونهارا ۽ پرساد پيل هيو، ٻي ٿالهيءَ جي وچ تي اٽي جو چئومکو ٻري رهيو هيو. پاسن کان اٽي جا ٽي چاٽا پيا هيا. هن هڪڙو ٻوٽو ڪٽڪ جي اٽي مان ۽ ٻيو مانهه ۽ مڱن جي اٽي کي ملائي ناهي، ٻنهي ٻوتن جي نرڙ تي سندور جو ڳاڙهو ٽڪو ڪڍي پوءِ سوڍي کان پڇڻ لڳو:

”پائي سوڍا مل! تون مري ويل ساڌ جي جيءَ چڙهين ٿو؟“

”جي مهراج!“ ، سوڍي آهستگيءَ سان وراڻيو.

”ڪام ، ڪروڌ ، لوڀ، موه ۽ اهنڪار کان پاسو ڪندين؟“

”ها، مهراج!“

”آسري ڳڻن، پڪنڊ ، گهمنڊ ، ايمان ، ڪروڌ، ڪنورتا، ۽ اگيان جي اوڏو نه ويندين؟“

”نه!“

”هميشه سچ کي ڌرم سمجهندين؟“

”ها مهراج!“

”سوڍا جي تون پنهنجي وچن جو پالن نه ڪيو ته توکي ڪشٽ ڀوڳڻا پوندا، تنهنجي پوجيه پتا جي آتما رلي ويندي، تنهنجي ڪئي جي ڀوڳنا، تنهنجو بالڪ ڀوڳيندو، تنهنجو پريٽام اهو ٿيندو جو تون اڳلي جنم ۾ ڪتي جي پيٽ ۾ ڪينئي جي صورت ۾ ٿيندو.“

مهاراج شنڪر لال جون سُر سان ڊيڄاريندڙ ڳالهيون ٻڌي سوڍي کي هيڪر جوڄڪي آئي ته چئي ڏي: ”ڪڻ پنهنجو ساڌپو، مان هي ٿو وڃانءِ، اهڙو سون ئي ٻَن ، جو ڪَن چني، پر چئي نه سگهيو جو اهو به سوچيائين پئي ته جيڪو ٻڌندو سو کلندو ۽ سڄي عمر ماڻهن کي منهن ڏيکارڻ جهڙو نه رهندو.“

مهاراج اوٽارن جون ڪٿائون ٻڌائيندي آخر ۾ نصيحت ڪندي چيس: ’سوڍا! اڄ کان وني تون سچ جي ٻيڙيءَ تي سوار آن، سچ جي ٻيڙي لڏندي آ، پر ٻڏندي ڪونهي. ڀڳوان جي پيارن کي پيون ڪٺنائون اينديون آهن، جيڪو انهن مان پار، تن ڪٽيو.“

مهاراج جون اهڙيون سياويڪ ۽ وٽندڙ ڳالهيون ٻڌي ، سوڍي جو اندر ماٺار ۾ اچي ويو. پڪو ارادو ڪري ڇڏيائين ته جي ڪلهو ڏنو آ ته نيائي وجبو پر پيءُ جي آتما نه رولبي، نه پاڻ اڳلي جنم ۾ ڪتي جو ڪينئون ٿيندو ۽ نه وري پنهنجي ڪرمن جو ڪڙو ڦل رامن کي کارائيندو.

مهاراج وري اشلوڪ ۽ منتر پڙهندي ٿالهيءَ مان به ٻوتا کڻي مڙهيءَ جي ڪنڌ ۾ رکيل ڪانن جي پڃري ۾ وڌا، پوءِ ڪوري دلي ۽ پڃري جو پئنچن کان ڀهراٽو ڪيرائي، پرساد جي ٿالهيءَ سان گڏ سوڍي کي وني مڙهيءَ مان ٻاهر نڪتو ته سوڍي کي

چئوطرف واڏاين جي آوازن ۾ مهاراج کي هٽن جو گهيرو ٿي ويو، جيڪي ڪانئس پرساد وٺي نه جڻ قري رهيا هيا.
"واڏايون سوڍا!..... واڏايون پائي!.... وا.... ڏا..... يون......" واڏاين جي متر آوازن تي سوڍو اندران ئي اندران ٻلوان ٿيندو پئي ويو . ڪيس وشواس ايندو پئي ويو ته هاٽي هو اڳيون پاڪنڊي ، نڳ ۾ چور سوڍو ناهي رهيو. هاٽي سندس اندر مان هڪ نئين سوڍي جنم ورتو آهي، جيڪو سچو، ڌرمي ۾ ديوتائن جو ماڻهو آهي. هن جو پاٽمرادو ڪنڌ جهڪي ويو هيو. نظرون زمين تي ڪپي ويون هيس ، ڪميا ۾ ڏيرج سان پئي هليو. هر ننڍي وڏي اڳيان پئي جهڪيو. هن کي ڏسندي مکي هرچند کي ته جڻ يقين ئي نه پئي آيو ته ڪڏهن پاپي شخص جي به ڪا ائين ڪايا پلٽجي سگهي ٿي.
هفتي اندر نه صرف مکي، پر پئنچ به اچرج ۾ اچي ويا هيا. جڏهن وزيري پئنچ جهڙي مخالف ، جنهن کي اڳ سوڍو ڏٺي نه وڻندو هيو، تنهن به پئنچن جي ڪچهريءَ ۾ سوڍي جي ساراهه پئي ڪئي: "مان کي هاٽي لڳي ٿو ته سوڍو ، سويي جو پٽ آ، نه ته پڳوان ٿو جاٽي اڳي شڪ هو."
نارو پئنچ جنهن وڻي چلم چڪي، نڙ هٽ مان چڏائجي هيٺ ڪري پيس: "اهو وري ڪيئن؟" هن پٽ تان نڙ ڪٽندي وزيري ڪان حيرت مان پڇيو.
"ڪلهه ڪو سوڍي سان وڏيري جو ڪمدار سير ۾ ڳڏيو ، چيائينس ته، هزار سوا ڪانو ڪَڙ ڪيائٽي آ، تنهان اوڏن ۾ ڪهڙو هوشيار آ ڪاٽيءَ ۾، جو جهٽ ڪري ڏي، ته مانجو نالو ڪنيائين. اچئي ٿي پٽ!؟"
"تون چوين ٿو ته پٽ اچي ٿي، نه ته تنهنجو نالو وٺندي ته ڪتڙيون چڙهنديون هيس. اڳي ته تنهنجا نهيل ڪم به ڏاهيندو هيو؟" نارو عجب مان وراٽيو.
"چڱو ٿيو پائي! پلي پلي پاڻ آئي ، سا به نه چئبو پلي!" مکي سک جو ساهه ڪٽندي چيو ۽ پاڻ کي هلڪو محسوس پئي ڪيائين.
"پر اجا ته پاتي به ناهي پيني، مکي اڳتي ڏسجي ته ڪهڙا تو ڪلياڻ ڪري؟"، نارو کي اجا به ڳٽتي هئي ته سوڍو ڪهڙي مهل به بلٽ ڪائي سگهي ٿو.
اهو چئوبول نه صرف چئن چڱن جي ڪچهريءَ ۾، پر محمدي گوچي جي چانهه جي ماندڙيءَ تي به لڳو پيو هيو. سيئي ڏٺل وائنل ۾ سندس جُهٽ حيران هيا ته سوڍو جيڪو پهرئين درجي جو ڪوڙو، قسمي، جواري، چور، نڳ ۾ اوڙي پاڙي جي ننگن جو دشمن هيو، سو ڪيئن سنت ٿي ويو؟ جيترا وات اوتريون ڳالهيون هيون، ڪنهن ڪيئن پئي چيو ته ڪنهن ڪيئن.
سيتل جيڪو ايرڪا جي آنچ ۾ جلي رهيو هيو، تنهن پڙڪو ڪاڏو: "ماڻهو ڪجهه به چون

، پر مان ڪي دل سان لڳي ئي نٿي تہ سوڊو ۽ ساڌ .... ؟ ساڌ ٽيڻ ڪو يوڳ يا مشڪري آ چا؟ مکڻ سيخ پچائٽو آ، مکڻ سيخ ... مڙيئي مُکي ، ڳڏه جي مٽان گهوڙي جا سنج رکيا هن.”

“تون چو تو ارهو ٽئين ... جنهن کي ڏٺي سمڪ ڏي تہ دير ئي ڪانهي.” شهزادو جيڪو سوڊي جي ساڌ ٽيڻ تي سرهو ۽ سنتوش ٿيو وينو هيو، تنهن ورندي ڏنس .

“مان ارهو نٿو ٿيان پر سچ ٿو چوان .... سچي جڳ کي خبر آ تہ ٿيون ورهيہ ، مانجو پٽ، ڳڏه لغڙي چوري تي وجي پار واري قراني حاجي ڪوڙي کي پهتو هو، خبر پاڻ کي تي تہ حاجي ڪوڙي وٽ شيءِ پهتي تہ جڻ درياه لوڙهي ويس.ڳڏهہ تہ نہ موٽيو پر اها پڪ پئي تہ چور سوڊو آ. غلامو دايو ۽ ممو نوناري جهڙا حرامي ڪاٽڪو روبڪا بيهاريامانس تہ بہ نہ باسيائين، ٿانءَ جو قسم پئچائٽ اڳيان ڏنو مانس تہ بہ ائين ڪٽي ويو جڻ پاٽيءَ جو وٽو پي ويو... تون الائي چا ٿو ڳالهائين؟” سيٽل سگريٽ دکائي مُٽ تي ڪچ هٽي وري نڙيءَ تي زور ڏنو : “هيڏي شهزادا!....تون خوش نہ ٿيءَ تہ جونءِ نند تي ... هي سيئي ٻڌني ٽا.... بہ تي ڏينهن بيا گذرڻ ڏي، جي سوڊو اجا حرامي نہ نڪري تہ ماجي ڏاڙهي مٽ سان ڪوڙجانءِ!” ماندڙيءَ تي وينل سيئي ڪلڻ لڳا، تہ شهزادي جو ماتا وارو چچريل چهرو صفا رنگ چڏي ويو. سيٽل جي اوڙاپي، نرڙ تي گهنڊ وجهي چڏيس ۽ هو دهوڙجي ويو تہ جي سوڊو اجا حرامي نڪتو تہ پوءِ هن جي نند تہ جائي حرام تي ويندي. هن کي لاڏڪي پنيان لڪي لڪي ڪڏ لڳٽو پوندو . هن دل ئي دل ۾ فيصلو ڪيو تہ هاٽي جي ڪيس پئي ڪنهن واهہ جي گهير ۾ پٽ هٽ اچي ويا تہ اوڏڪي رسم پنج (طلاق) جو نہ سوچيندو ، يا وري سنئون سڌو پروچن وانگر پنهي کي ڳيا ڳيا ڪري ڪهاڙي لوڏيندو وجي ٿاٽي تي پيش پوندو. اهڙو تصور ڪيائين تہ ڏڪي ويو. تڙ تڪڙ ۾ ڪوسي چانهہ جو ڍُڪ هنيائين تہ خيال مٽ تي ويس ، تہ پوءِ وري پهريان ڪان ابتڙ تي سوچڻ لڳو: لاڏڪي ڪجهہ بہ ، پر سندس سرڪيءَ جي سونهن آ، سچي راڄ ۾ ڪو سندس پير جي پنيءَ مَٽ بہ ڪونهي، تڏهن ٿو هر ڪو سڙي. اڳ ۾ سيٽل تہ پنهنجي ڦنجهي جوءِ سنيالي ۽ پوءِ بين ڏي اُجل ڏي. هن جڪون ڪائيندي سيٽل کي آخرڪار ناهوڪي موٽ ڏني: “سچ آ ادا، تہ ڪتو ڪتي کي ناهي سهندو ، هاڻ سوڊو ٿيو آ ساڌ تہ توکي هيانوَ ۾ ڦٽ تي پيا آهن !”

“پوءِ رک پلا شرط تہ سياٽي آزمايونس، جي هوندو ساڌ تہ اڳيون پويون سچيون ڪندو . نہ تہ اڳي وانگر قسم ائين رهڙي ويندو ، جيئن پڪري سگر ڪائي وجي... ڪيئن محمدا؟”، محمدو جيڪو چانهہ کي ميرانجهڙي ڪيڙي سان چاٽي ڪوپن ۾ وجهي رهيو هيو، سيٽل تنهن جو ڌيان چڪائيندي چيو:

“تي وجي شهزادا!” محمدي ٻين وينلن گراهڪن کي اک هڻندي شهزادي کي ٽيڪر ڏني. شهزادي ٽيڪرن کي سمجهندي ٻه سيتل سان سئو روپين جي شرط لڳائي ڇڏي. جو ته ڪيس اها پڪ ڪرڻي هئي ته سوڍو واقعي ساڌ ٿي ويو آهي يا اجا ڪو ڦند ڦير اٿس؟ جي اٿس ته پوءِ لاڏڪي سان وري اوئين ئي وهنوار رکي.

صبوح جو سج نه اڀريو ته سوڍي کي سرڪي ٻاهران سڏ ٿيو . سوڍو ، ‘رام نام ست هئي’ چوندو ٻاهر نڪتو. ڏٺائين ته سيتل ، شهزادو ۽ محمد بينا هيا. هن سيني کي وڏي وجي نوڙت سان هٿ ڏيندي چيو: “يائي حڪم!؟”

“حڪم خيراچا، حوال پوچ!” سيتل وراڻيو . سوڍو سمجهي ويو ته ڳالهه ڪا ڏکيرڙي آهي. هن سيني کي سڏي اڳڻ ۾ کٽ تي ويهاري پڇيو: ““ڏي ادا! حوال.... جيءُ!”

“حوال خيرا! چي سوڍا .... توکي ياد آ ته مانجو ڳڏهه چوري ٿي ويو هو . توکي شڪ ۾ ساک ٻه ڏني هيم ، پر ٻڳوان تو ڄاڻي مانجو دلئون شڪ نه لٿو هو. هاڻي ڄڏهن ڪان تون ٿيو آ ساڌ ، ته تنهنجي زبان تي ايتبار آ. رڳو هڪڙو دفعو ساڌڪي زبان سان چئه ته تونجو چوري ۾ هٿ نه هو ته هي ٻئي ڄڻا ٻڌني ٿا ته مان يا حياتي شڪ جو لئوظ ٻه نه آڻيندس... توسان ڳڏ ياسي، ٻيو مڙيئي خير!”

سوڍي کي ڊڪر چڙهي ويا. ڪي گهڙيون ته اندر جي ساڌ ۽ چور جي ڪشمڪش هلي، پر پوءِ گروءَ جي نصيحت ياد آيس، ته سچ واري جي ٻيڙي لڏندي، پر ٻڏندي ڪونهي، نيٺ سندس اندر جو ساڌ ڪُوڙ جي پئو ساگر مان ٿاقوڙا هڻندو اچي سچ جي ساحل تي رسيو.

“گهرجي ٻه خير يائي!.... مان آزي مجي!” سوڍي ٻانهون ٻڌي چوري ياسي. ‘ساڌ، پاڻ نبيريندين يا پئنچائت ...؟’’ سيتل پڇيس. ‘واڙ مان جيڪو ڳڏهه وٺئي، سو وجي ڪاهه ...!’ سوڍي اتي جو اتي پاڻ نبيرو ڪندي چيو ته متان ڳالهه وائرجي ۽ بدنامي ٿئي.

سيتل اهو سوچي دير ئي نه ڪئي ته زبان آ آلو لڪڻ، متان پوءِ سوڍو ڦري وڃي. ڊڪي وڃي واڙ مان پلوڙ ڳڏه ڪڍيائين ۽ سوڍي جي هانوَ تي مگ ڏريندو هليو ويو. لڪان، سرڪيءَ جي وٿين مان سجو تماشو پئي ڏٺو ۽ ٻڌو پر پوءِ ٻه پڪ خاطر پڇيائينس ته سوڍي ٿڌو ساهه کڻي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايس، لڪان کي پهريون دفعو و يسهه آيو هيو ته سوڍو ڪو سچ ٻه ڳالهائي سگهي ٿو.

محمدي جي ماندڙيءَ تي ميلو لڳي ويو، جنهن ٻڌو هو تنهن کي ڏندين آڱريون هيون. سيتل ۽ شهزادو خوشيءَ ۾ ڪٽي نٽي ماپيا. اهڙي ڳالهه ٻنهي پائرن درشن ۽ ٻيلي ٻڌي ته دير ئي نه ڪيائون، ڊگ پجندا اچي سوڍي جي سرڪيءَ ۾ پهتا . هنن کي ڏسندي سوڍي جو هيانءُ ڪاچي ويو. پر دل ٻڌي مُک تي ساڌ ڪي مرڪ سجائيندي ڪين

ڪيڪاريائين: “پائي! جي ڪيائو!؟”
“اسان کي خبر پئي آ تہ هاٽي تون سچو ساڌ ٿي ويو آ؟” ٻيلي پڇيس. پاڻس درشن وري ٽيڪر وارو ڏنو :” جو نہ ٽيندو سچو ساڌ، پت تہ نيٺ ٻٽيات تي ويندي نہ!؟”
“جيئن سمجهو پائي!” سوڍي نهنائيءَ سان جواب ڏنو.
“اسان تڏهن سمجهئون جڏهن اسان کي بہ پنهنجو حق ڏين!” ٻيلي سنئين سڌي ڳالھ ڪيس.
“ڪهڙو پائي!” سوڍي سمجهندي بہ، نہ سمجهڻ واري انداز ۾ پڇيس.
“ياد ڪر، اُتر!، جيڪو دينا داستي ڪائي ويو هئين، ٻيو ڪهڙو؟” ٻيلي تورو تڪو ٽيندي ياد ڏياريس . هونئن تہ هن کي سڀ ڪجھ ياد هيو تہ گڏهن جي سؤدي ۾ هن اتر ڏيٽو ڪيو هيو پر پوءِ اتر ڪان آنگونو ڪدي ڏنو هيائين. هن کي سمجھ ۾ نہ پئي آيو تہ پري ڏي يا انڪار ڪري . انڪار ڪرڻ لاءِ گنجائش ان ڪري ڪونہ هئي، جو گرؤ سان ٽيل وچن جو پالن پئي ياد آيس. پري ڏيڻ لاءِ اندر جو گهمندي سوڍو پت لڳو ٻيٺو هيو، جنهن کي اورانگهڻ يا پچڻ ڏکيو پئي لڳس. هن همت ڪري گهمنڊ ۽ اهنڪار واري پت اورانگهي تہ زبان ڏوھ باسي ويني: “ها، پائي!ياد آيو.” ائين چئي سرڪيءَ ڏانهن پڳو، پيءُ جي ڪاٺ واري صندوق کولي پنج سئو روپيا ڳٽي اچي ٻيلي جي هٿ تي رکيائين . گهر وريو تہ وري بہ لکان پڇيس . هن پنهنجي پاپن جي ڳالھ پيرائتي ٻڌايس. لکان کي سوڍي تي سورنهن آنہ يقين اچي ويو تہ سوڍو اهو ناهي رهيو ، جيڪو ڪوڙن جو گهڙيل هوندو هيو ، هاڻ جيڪو بہ پڇبس تہ ڏڏڙ ۾ پير نہ هٽندو ، لکان اها ڳالھ دل ۾ رکي خاموش ٿي وئي.
رات جو لکان گهر جا ائوڪا پئوڪا لاهي رامن کي ٻي ڪٽ تي سمهاري سوڍي جي گوڏن ڪان ويهي ڪيس زور ڏيڻ لڳي تہ سوڍي جي ڏڪندڙ لونءُ لونءُ کي فرحت پئي آئي:
“راموءَ جا پيءُ توڪان هڪڙي ڳالھ پڇان؟” ، لکان چيس.
“پڇ!”
“سچ تہ ڳالهائيندين نہ؟”
“اڳي توسان ڪوڙ ڳالهايو ٿم ڇا؟”
“اڳي ڪوڙي سوڍي ڪان پڇندي هيس، هاٽي سچي ساڌ ڪان ٿي پڇان”، سوڍي ڪان چرڪ نڪري ويو. هن کي هُٽ ڪُٽ ٽيڻ لڳي تہ هاٽي وري الائي ڪهڙي ڳالھ مُنهن ڪيندي ، مجبوريءَ ڪان چئي وينو: “پلي پڇ!”
“رڳو اهو ٿي پڇانءِ تہ لاڏڪي تنهنجي پيڻ سمان هئي يا سريت؟”
سوڍو کي گهڙيون تہ گهوماٽن ۾ اچي ويو. هن تہ ائين سمجهيو هيو تہ هن وقت تائين

لکان سندس ڪوڙن کي سچ سمجھندي رهي آهي ، پر اڄ ڪيس لڳو تہ عورت ذات بيوقوف ناهي، جيئن هو سمجھندو آيو آهي.
“لکان! مان پاپي هيس.... اڳ مان توسان ڪوڙ ڳالهايو هيو. “ سوڍو لکان آڏو پاڻ هاري وينو.
“تون تہ مان سان ڏاڏي مَنشي جي قبر تي هٿ رکي ساک ڪنئي هئي؟”
“ان ڳالھ کي ڇڏ لکان، جيڪا تي سا گذري!” سوڍي سندس ڪانچڙيءَ ڪان ڇڪي پر ۾ سمهارڻ پئي چاهيو پر لکان ٻاہ جي جر تي وئي. پڙڪو ڪائي ڪٽ تان لهي بيني: “مان ٻہ ڏاڏي مَنشي جو قسم ڪنيو هيو تہ جي تون لاڏڪي سان هوندين تہ پنج ڪرائيندس.”
سوڍو جيئن سمجھائڻ لڳس تہ لکان ڪاڪڙو ڪرڻ لڳي. سوڍو خاموش تي ويو تہ متان ويڙهي ۾ خواري ۽ ڪو نئون ٻنبال ڪڙو نہ تئي، سو خاموش تي ڪٽ تي اڪيلو ليٽي پيو تہ امرت ويلا تائين لکان ڪجھ ٺڏي تي ويندي تہ هو ڪيس ڏيرج ۽ پيار سان سمجھائي ڇڏيندو .
امرت ويلا جو ٻئي اُٿي ڪڙا ٿيا هئا، پر امرت ويلا زهر ويلا تي وئي، لکان ڏاج واري پيتي ۽ رامن کي ڪٽي ٻاهر نڪتي تہ ٻنهي جي وچ ۾ ڇڪ ڇڪان تي وئي. جنهن نہ ٻڌو هيو تنهن کي ٻہ خبر پئجي وئي تہ لکان چو تي رني وڃي. ويندي ويندي ڪيس ڏمڪيون ٻہ ڏيندي وئي تہ سياڻڪي سچ ۾ پنچائت ڏانهن پيڪا موڪلي ساک تي پنج ڪرائيندي ، هن کي ڪجھ ٻہ سمجھ  نہ پئي آيو تہ ڇا ٿيندو، جڏهن پنچائت ڪانئس ساک پت گهرندي؟ جي سچ ڳالهائيندو تہ سندس هڙ هلي ويندي. جي ڪوڙ ڳالهائيندو تہ جنم جنم جو پاپي ٿيندو ، پٽهنس ڪشت پوڳيندو. هن کي ساڏپي ڪان نفرت ٿيڻ لڳي. پر ڏڏو ڪير ٽٽي ڪيئن وڃي؟ ڪيئن اهو ساڳيو چور ۽ ننگ ٿئي، جنهن سان سڀ ڪو سڌو هيو. هن پنهنجي ذهن کي ائين ولوڙيو جيئن ڪير ۾ سيٻاڻ وڃي ڇاڏيءَ ۾ ولوڙبو آهي. ٿوري دير ڪانپوءِ سٽپ جي ڦٽين جيان ذهن تي ڳالھ تري آيس تہ جنهن ڪيس ساڏپي جو سنگهر وڌو هيو سو ئي لاهي سگهندو. هن پڪو پھ ڪيو تہ ڪيئن ٻہ ڪري ان جنجال مان جان آجي ڪرائي. پوءِ ڪٽي گروءِ اڳيان گهرتان ۽ گيسيون ڪرٽيون پونس يا ڏن جي جهجهي دان سان رام ڪرٽو پويس. ان ڪان اڳ جو ويڙهن ۾ هُو هواءِ تي، راڄ گڏ تي پچ پچ ڪريس، سوڍو اُٿي ڪڙو ٿيو.....
شهر، ڳوٺ ڪان پرتي ڪونہ هيو. ڪلاڪ اڌ جو پنڌ هيو . مهاديو جو مندر ڏٺل هيس، پيءُ سوپي سان ڪيئي پيرا آيو ويو هيو. مندر ۾ پهتو تہ مهاراج شنڪر لال منهن سامهون تي ويس. جيڪو ٻئي ڏهاڙي ڪان شروع ٿيندڙ اڪنڊ پاٺ جي تيارين ۾ مصروف هيو. سوڍو گرو جي پيرن تي پاڻ ڇڏيندي ائين رنيڻ لڳو، جيئن سوئا ڏڳي ڪير ڪان

ڪنهن گهاٽي بن مان وچڙي وئي هجي، “ چا ٿيو ساڌ؟” مهاراج آچريہ وچان پڇيس.
“مهاراج سائين ! تون چيو هو تہ سچ جي ٻيڙي ٻڏندي آ، لڏندي ڪونهي، پر مانجي تہ سچ هڪڙي ڏينهن ۾ ٻيڙي ٻوڙي ڇڏي.” سوڍو منهن پريل رت ڳڙيءَ وانگر ڦسي پيو.
“ڪهڙي ويڌن ٿي وري توسان؟”
“ساڌن جو زمانو ناهي مهاراج!.... مان چور هيس، ٺگ هيس تہ سڀ ڪو سڌو هيو. جڏهن ڪان ساڌ ٿيو آهيان تہ هرڪو ڪيڏ پئجي ويو آ.” سوڍي روئيندي روئيندي مهاراج کي سارا سور سٽايا.
برهمڻ شنڪر لال سندس اوڏڪي لانڍ مان تنگ ٿي چڪو هيو، تنهن ڪتو جواب ڏيندي چيس: “پائي ، مان تہ ڪونہ چيو هيو مانءِ تہ پتا جي جيءَ چڙه!..... جيڪي اکرين ۾ متو وجهندا، اهي مهرين ڪان ناهن ڊڄندا .... شڪتي نہ پئي سمجهئي تہ ساڌ جو پيو ٿئين؟” سوڍي کي يقين ٿي ويو تہ هاڻ ايلازن سان ڪم نہ هلندو تہ هن گوڏ جي پلئہ مان پئسا چوڙي گروَ جي اڳيان رکيا: “مهاراج! هزار روپيا دان جا ٿي .... مانجو ڪو ٽڪو پنجو ڪر... مان گريب جي جان آجي ڪراءِ!” برهمڻ شنڪر لال دان جا پئسا گوڏي هيٺان ڪري ڪنهن ڳوڙهي سوچ ۾ ٻڏي ويو. چڳي جهٽ ڪانپوءِ سوڍي کي چوڻ لڳو: “سوڍا! توکي اها اتڪل تو ٻڌايانءِ جيڪا ڀڳوان ڪرشن مهاڀارت جي يڌ ۾ ، دروڻ آچاريہ کي جيتڻ لاءِ ارجن ۽ يڌشٽر کي ٻڌائي هئي”.
سوڍو وات ڦاڙي ۽ ڪن سرلا ڪري مهاراج کي غور سان ٻڌو لڳو .....
“تون بہ ائين ڪر جيئن يڌ شٽر، دروڻ آچاريہ اڳيان زور سان رڙ ڪندي چيو هيو: “اشوتوما!” آهستي چيو هئائين: “هاٿي’ ۽ پوءِ ٻوڪٽ ڪري چيو هئائين: “مري ويو.....!’ دروڻ آچاريہ ائين سمجهيو تہ سندس پيارو پٽ اشوتوما مري ويو ۽ دل هاري هٿيار ڦٽا ڪيائين....! ڳالهہ سمجهہ ۾ آيئہ؟”
سوڍي ڪنڌ ڏوٽي، ڪِنڪ ۾ نهڪر ڪئي.
“تون بہ لکان کي جيتڻ لاءِ پئنچائت ۾ ساک ڪٽي ڏاڍيان چئہ : “منهنجو لاڏڪي سان پيڻ جهڙو” ۽ دل ۾ چئہ “نہ!” ۽ پوءِ ڏاڍيان چئہ: “وهنوار هيو.” سڄي پئنچائت سمجهندي تہ تنهنجو لاڏڪي سان پيڻ جهڙو وهنوار هيو. ائين لال بہ ليندو، پريت بہ رهجي ايندي ..... پيتو، هاڻي تہ سمجهہ ۾ آيئہ نہ اتڪل!؟” شنڪر لال مشڪندي سمجهايس.
“اي مهاراج!..... ڪاٽي ڀڳوان ۽ مهاورين جو ديماڪ، ڪاٽي مان غريب اوڏ جو .... اتي وري ڪو تو جهڙو پڙهيل هجي ، جيڪو سچ ۾ ڪوڙ ملائي ۽ ڪوڙ ۾ سچ، جو خبر ئي نہ پوي .... گرو جي! مان تہ سنئون سڌو سچ ڳالهائڻ جاڻان يا سنئون سڌو ڪوڙ. مان سان ڪو اهڙو جڳاڙ ڪر جو اهو ساڌپي جو ڪنگڻ سدائين لاءِ لهي وڃي پوءِ سڄي هند

سنڌ جي اوڏڪي ذات ڪي موڪل آ جو مان ڪي پڇن.” برهمڻ شنڪر لال ڪي سنڌس ڄٽڪي جواب تي ڏاڍي منيان لڳي . هن خار مان پيڪي پٽيس: “نڪري وڃ چوانءِ ٿو ڄٽ ڄٽ جا پٽ !..... گڏه هڪليندڙن ڪي گڏه وارو عقل هوندو نه!..... جيئن وٽئي تيئن وڃي ڪارو منهن ڪر. .... پنهنجي پتا جي آتما رول يا جنم جنم جو پاپي ٿيءُ منهنجو چا!”

براهمڻ شنڪر لال ، پئسا مٺ ۾ ڪري اُٿيو ۽ ڀڳوان شو جي مورتي اڳيان مٿو ٽيڪي پرارٿنا ۾ لڳي ويو. هو ڪيس چڱي مهل تائين نماڻن نيڻن سان نهاريندو رهيو. ٻي رخي مهاراج لئوٽو نه هنيو ته هن کي ائين لڳو ڄڻ شو ڀڳوان کي مچرائيندو هجي. هن شو جي مورتي ڏانهن سباجهو تي ڏٺو ته ائين محسوس ڪيائين ، ڄڻ ڀڳوان به ڪاوڙ ۾ ڪيس گهوري رهيو آهي. هن ڪنڌ ڦيرائي مندر جي ڀتين تي ٽنگيل چترن ڏانهن نهاريو ته اهي به ڪيس دياوان نه پئي لڳا. هن کي لڳو ته سيئي ڪائنس چڙيا وينا آهن. جڏهن به سندن ڪاوڙ زر چڙهي ته گڏجي سڏجي سندس ساهه ڪڍي ڇڏيندا. هن جو شرير ڏڪڻ لڳو. ڪنيٽي وڌي ويس. هو مايوسيءَ وچان ٿڙڪندي پوئين پير مندر مان ٻاهر نڪري آيو.

سج لهي ٻڏي رهيو هيو ته سوڍو بس مان لهي ڳوٺ جي لاڙي تي رسيو. گهلبو گهلبو گهر پهتو. سندس لڱ ساٽا تي چڪا هيا. هن ڏڪندي ڏڪندي ٻتي ٻاري ٿُوٽيءَ ۾ ٽنگي، کٽ تي آهليو ته ڄڻ اڌ ساهه ڇڏائجي ويس.

ٻتيءَ جي روشنيءَ تي ويڙهي ۾ چئوپچوءَ ٿي وئي ته سوڍو ساڍ گهر پهچي ويو آهي. مکي هرچند ۽ پئنچن کي اڳيئي ڳٽتي هئي، تن جو ٻڌو ته سرڪي ۾ ڍوڪي آيا. سوڍي، مکي ۽ پئنچن کي ڏسي اُٿڻ جي ڪئي ته اُٿي نه سگهيو.

“هئي ڀڳوان!..... سک شانت ته آهي سوڍا ساڏ؟”، مکي ويجهو ايندي رڙ ڪندي پڇيس.

“ها ، بس مکي ....! “ سوڍو وڌيڪ نه ڳالهائي سگهيو.

“بس چا ؟ .... ٻڌاءِ ته سهي ٿيو چاهي توکي؟” مکي سوڍي جي پيشاني تي هٿ رکيو ڄڻ ٽانڊا پئي ٻريا.

“مکي.....! مان منهن مٿايان ..... ته رامن کي .... ساڏ نه ڪجانءِ .... پل مانجي آتما کي .... اَن ۽ جَل جو .... دان نه ملي!.....”

سوڍي وڏي مشڪل سان، ساهيون ڪٽندي مکي ۽ پئنچن کي وصيت ڪئي.

“کير(خير) جي وائي ڪد ساڌ .....! ائين چو ٿو چئين ....؟ ڏٺي کير(خير) ڪندو!” پئنچن هڪ ٻئي پنيان زور سان چيس ڄڻ ڪنهن ٻوڙي سان ڳالهائيندا هجن.

“آج.... ساڏان ... چا... و... ڪ... ت ..... کو ... نهي..... ادا!..... آ.....ج... سا... ڏا.... ن... چا...”. سوڍو ساڌ وڌيڪ نه چئي سگهيو، تيز بخار جي ڪري مٿائنس غش چڙهي ويو.

## 2.4فليگ آف آنر

صبوح صبوح سان حليم جو پٽ جميل سندس ڪمري ۾ اندر داخل ٿيو. اچڻ سان چيائين:
‘بابا، مان اسڪائوٽ ڪيمپ اٽينڊ ڪيان؟’
حليم پٽ تي ڀرپور نگاهه وڌي.
نائين ڪلاس جو شاگرد، عمر چوڏنهن سال، وارن ۾ ڀڳور، مڇن جي هلڪي ساول، تن هيٺ رتول چپ، ڀريل ڳٽا، لڄاريل اکيون هيٺ ڪري وري مٿي ڏسڻ جي عادت. لڳو ڄڻ هن موت ڪاڏي هئي ...
ڪافي سال اڳ:
يارنهن ڪان سورنهن سالن جا ڇوڪرا، ڳچين ۾ رنگ برنگي اسڪارف وجهيون، اسڪائوٽ ٽريننگ وٺي رهيا ها. هو پنهنجي يونٽ جو هونهار اسڪائوٽ هو. هر ڪنهن جي اکين جو تارو، گروپ ليڊر ڪان وٺي ڪانٽيجنٽ ليڊر تائين. ڪبري ڏاڙهي واري اسڪائوٽ ماسٽر جون اکيون به ڪلڻ لڳنديون هيون، جڏهن هن سهڻل تي نظر پوندي هئس. وس پڄيس ها ته دل جي فرنٽ پاڪيٽ تي ڪنهن بيج وانگر سجائي ڇڏيس ها.
اهڙي شفقت، اهڙي الفت ته ڪيس گهر ۾ به نه ملي هئي! پر هتي هر جاءِ تي ڪيس سرس ملي. سنگنل ڪلاسز، هائيڪنگ، ميوزيڪل ورڪ، ڪيمپس ٽرننگ، سڀ ۾ - ڳنڍين ڏيڻ جو ته ماهر تي ويو جو رين ناٽ، ڪلچ ۽ لائيف سيونگ ته سندس ڏائي هٿ جو کيل هو.
هو جڏهن ساڄي هٿ جون ٽي آڱريون مٿي ڪري واعدو دهرائيندو هيو:
‘آءٌ واعدو ٿو ڪريان ته الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت ، ملڪ جي قانون جي پابندي، ٻين جي مدد ۽ اسڪائوٽ ۾ قانون جي پابندي ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪندس.’
ته ڪيس لڳندو هو ته، هو ڄڻ ڪا وڏي شئي تي ويو آهي.
اسڪائوٽ جا ڏهه قائدا: جن ۾ استاد ۽ والدين جو احترام، ڪفايت شعاري وغيره تي عمل ڪندي ڪيس يقين ٿيڻ لڳو هو ته ، جي اڄ ‘لارڊ بيڊن پاول’ ۽ ‘گل ول’ به هجن ها ته ڪيس ضرور شاباس ڏين ها ۽ پٺي ٺپرين ها ...
تهه سياري جي مند هئي. ڦُري پئي لڳي. اسڪولن جي ڪنٽرول يونٽ جي ڪيمپ لڳل هئي. ميدان تي ميٺوڙي رنگ جا ويهه ڪن خيما ڪتل ها. خيمن آڏو رنگبرنگي اسڪائوٽي جهنڊا پئي ڦڙڪيا. هو پنهنجي گروپ جو پيٽرول ليڊر هو. سندس ڪيمپ اڃي اجري هئي. ٿانوَ ٿپا ترتيب ۾. پرسنل هائيجن ۾ پاڻ ئي شاهڪار هو. جڏهن

انسپيڪشن ٽيم جنهن ۾ ڪانٽيجنٽ ليڊر، ڪئمپ چيف ۽ پروگرام ڊائريڪٽر ’گيجٽ‘ ڏسندي ٽورو ڦيرو وجي سس پس ڪندا هئا. ڪيس الائجي ڇو لڳندو هو ته ’فليگ آف آنر‘ هن جو آهي. ائين ستن ڏينهن جي ڪيمپ دوران ’فليگ‘، پنج ڏينهن هن جي خيمي تي ڦڙڪندو رهيو.

هڪ نه ٻئي ڏينهن ڪئمپ فائر ٿيندي هئي. هن جو آواز جيڪڏهن سنو نه هو ته خراب به نه هو. هن جو آئٽم هو ’اچو اسڪائوٽي ٻار‘ . هن ڏاڍي محنت سان ريهرسل ڪري ائٽم پيش ڪيو:

’اچو اسڪائوٽي ٻار

رهون ملڪ مددگار

ماڻهو چون سڀ

وه .... واه ... وا

وه .... واه ... وا‘

هن کي سين کان وڌيڪ ’سنو ٻيل‘ (داد) مليو. اسڪائوٽنگ ڪليپنگ (تاڙين) سان:

’ٽڙڪ ، ٽڪ ....! ٽڪ ٽڪ ٽڪ!

ٽڙڪ ، ٽڪ ....! ٽڪ ٽڪ ٽڪ!

گرائونڊ ڪيمپ فائر لاءِ هن کي ڏاڍي محنت ڪرڻي پئي هئي. جا هن ڪئي. هڪ ٻيو ڪورس گيت ڪيس پيش ڪرڻو هو. هن جڏهن اهو ائٽم پيش ڪيو، جنهن جا ٻول ها:

’ايسي کير پڪائين جو ساري مل کي کائين

ڪون کائي گا چمچي نال ....؟؟‘

ته وراڻو رکو ڪورس گروپ نه ڏنو پر ٻاهريان به پاڻ تي ڪنٽرول نه ڪري سگهيا. سينو ٺوڪي چيائون:

هم کائينگي، چمچي نال!

هم کائينگي، چمچي نال!

هن جو ائٽم واهه جو لڳو. ڪيس زبردست ٻيل مليو. جڏهن ڪمپيئر حاضرين کان راءِ وٺڻ لڳو:

’ڪيئن ٿيو؟‘

ته هڪدم جواب آيو: ’ڏاڍو سنو!‘

’اڙي ! ڪيئن ٿيو؟‘

’سنو ٿيو!‘

‘بابا ڪيئن ٿيو!؟’
‘بابا! سنو ٿيو!’
حاضرين جي زوردار تحسين ڏيڻ تي ‘جيوري’ مجبور ٿي پئي. پوءِ به ڪو چئي نه پئي سگهيو ته ڇا ٿيندو؟
جڏهن اهو اعلان ٿيو ته سندس ائٽم پهريون نمبر آيو آهي، ته ڪانئن جي باهه جي روشنيءَ ۾ سندس چهرو ٻهڪي پيو. ٻتن ٻتن پاڪرن سان ڪيس مبارڪون مليون. سندس گروپ کي بيسٽ گروپ قرار ڏنو ويو.
ان خوشيءَ ۾ ڪانٽيجنٽ ليڊر ۽ اسڪائوٽ ماسٽر کيس دعوت ڏئي پنهنجي ڪئمپ ۾ رهايو. جيڪو هن لاءِ وڏو اعزاز هو، جنهن جو هو صرف تصور پئي ڪري سگهيو.
نه وسرندڙ خطرناڪ رات
اها آخري رات، سندس سمورين گذاريل راتين جو امتحان هئي. ڄڻ پل صراط ....

هن اجا تصور ڪرڻ جي سگهه پئي ساري ته بظاهر پٽهنس سندس خاموشي ٽوڙي.جيتوڻيڪ اها خاموشي نه هئي:

‘بابا! مون پڇيو پئي ته ڪئمپ اٽيند ڪيان؟’
‘هون!’ حليم هڪ ٻڪو ٿي ڄڻ ماضيءَ مان نڪري آيو.
‘بابا ....!
سر چوي ٿو، اسان جي گروپ کي فليگ آف آنر به ملندو ۽ مان ..’
‘چيم نه ڪونهي ضرورت، فليگ آف آنر جا پٽ ....!!’
حليم چڙٻ ڏئي وراڻيو.
ڄڻ فليگ آف آنر هن جي لاءِ گار هئي.

## 2.5 ڏانديءَ جي رشتي سان ڳنڍيل پيلو پاپڙ

شام جو وقت آهي.
دل مونجهي مونجهي اٿس.
هلندو هلندو گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي جي قلعي نما عمارت جي اوپارين باغيچي ۾ اچي وينو آهي. هُو ڏسي، سوچي ٿو: ’هيءَ انگريزن جي دور جي عمارت ڪيڏي نه رعبدار ۽ شاندار آهي!‘
اَسرنهن جا پيلا پاپڙ ’ڪِڙ ... ڪِڙ!‘ ڪندي، قلابازيون ڪائيندي هيٺ ڪري رهيا آهن.
هڪڙو پيلو پاپڙ سندس آڏو اچي ڪريو آهي، ٻه ڦاڪان ٽيل آهي، پر ڏانديءَ جي رشتي سان اڃا ڳنڍيل آهي. خبر ناهي جو ان ڪي هٿ ۾ ڪٽي ڏسي رهيو آهي.
چوڌاري سدا بهار جا گل هوا جي زور تي ٽر ٽر نچي رهيا آهن . قطار ۾ لڳل سورج مکي جهومي رهيا آهن. باغيچي جي اولهائين وٽ سان گل مور جا رتاوان چڳا وڏي شان ۽ ادمبر سان لڏي رهيا آهن.
فضا ۾ ڪانوَن جي ’ڪان ڪان‘ ۽ ڪٻرين جو ٽيڪو وڌي ويو آهي. ڪجهه ساعتن لاءِ ٻاهران روڊ تي لنگهندڙ رڪشائن جي گوڙ ۾ پکين جو آواز دٻجي وڃي ٿو.
گهڻي عرصي کان پوءِ هن ڪيچلي بلبل کي ڏٺو آهي. جيڪا گلاب جي جهولن سٽيل گلن سان مستيون ڪري رهي آهي.
سِنجهيءَ جي ڏار تي پچ متي ڪري چرڙات ڪندڙ نوريئڙي کي ڏسي  سندس چپن تي هلڪي مشڪ تري اچي ٿي ۽ ذهن ۾ شرارت ٻه.
هو سوچي ٿو: ’هي اهو ئي باغيچو آهي .... جتي اسيمبلي ٿيندي هئي. ترانو گونجندو هو
پاڪ سر زمين شاد باد
ڪشور حسين .........‘
سندس ماضي، حال ٻڌجي وڃي ٿو: ’اڙي! ڇهنديون چو تو پائين ، ماءُ جا ...!‘ هُو ڪنڌ ورائي پنئين چوڪري کي ڪاوڙ مان گُهوري ٿو.
’ڪير تو گوڙ ڪري!؟‘ ڊرل ٽيچر جمال خان سوال سان گڏ بي رحم رول، هوا ۾ بلند ڪري ٿو.
’زنڪ! زنڪ!‘
پنا سيڪاٽجي وڃنس ٿا. اکين ۾ پاڻي تري اچيس ٿو.
’ٽڙنگ!‘

اٽينشن سان بيهي ٿو.
’ٽڙنگ!‘
سلام ڪري ٿو.
’ٽڙنگ!‘
آخري گهنٽي تي، هٽ هيٺ ڪري قطار ۾ هلي ٿو.
هيڊ ماستر جي تيز نگاهن کان بچندي بچندي ڪلاس ۾ داخل ٿئي ٿو.
حاضري لڳي ٿي. هُن جو نالو ڪجي ٿو. وڏي ڦڙتيءَ سان اٿي جواب ڏئي ٿو: ’پريزنٽ سر!‘
پوءِ ڪلاس ٽيچر جو حڪم ٿئي ٿو: ’لکو گلن واري، اي بي سي!‘
سندس هٿ ڏکڻ لڳن ٿا. مس ڪپڙيءَ ۾ اسٽيل جي نب ٽٻي هٽي ٿي. تہ ليکي بوڪ تي A جو حرف لکجندي ڇُپو تي پويس ٿو. ٻي ڀيري احتياط سان نُب ٻوڙي ٿو. بوڪ تي نب جي رهڙجڻ جو آواز اچي ٿو ۽ B لکجي وڃيس ٿي، پر ڪجهہ ڦڏي آهي. وڏي احتياط سان اسٽيل جي نِب ڪپڙيءَ ۾ گهت هٽي ٿي. لکندي پاڻ بہ C وانگر وڪڙ ڪائي وڃي ٿو.
’چا تہ اکر لکجي ويو آهي!‘ هو پنهنجو پاڻ تي رشڪ ڪائيندي دل ئي دل ۾ چوي ٿو.
’سڄي اسڪول ۾ ڪو مون وانگر ، لکي تہ ڏيکاري!؟‘
ٻهرين رسيس جي گهنٽي وڄي ٿي، جڻ ٻرن مان اوچتو ڪوليون نڪتيون هجن. يعقوب جي چولن تي مارو آهي. پوءِ ست ڪٽ ڪيڏڻ جو وارو آهي.
’هہ .... نہ ... ٻو ....!‘
هُن اڄ ارشد کي ست ڪلئي بال (ٽينس بال) سان خوب ڪٽيو آهي. ڪلهہ جو بدلو ورتو اٿائينس.
رسيس کان پوءِ ڪلاس ۾ هلڪو هلڪو گوڙ آهي.
’چرٻتو چا جو آهي؟‘ مئثمتڪ جو استاد زور سان لڪڻ ٽيبل تي هٽي ٿو. ڪلاس ۾ خاموشي ڇائنجي وڃي ٿي. هن کي مئثمتڪ جي ڪلاس کان نفرت آهي.
پنجين پيرڊ کان پوءِ رسيس جي ٻي گهنٽي وڄي ٿي. پاٽيءَ جي ٽانڪيءَ تي مارو آهي. جئين تہ عمر ۽ قد ۾ اڃا ننڍو آهي، ان ڪري پچي نٿو سگهي. رسيس بند ٿيڻ جي گهنٽي وڳي آهي. هو اڄايل اڄايل ۽ ٻي دليو ڪلاس ۾ وريو آهي. ڪلاس ٽيچر آهي جو وڃي ٿو هوم ورڪ تي هوم ورڪ ڏيندو. هن ان وقت خدا کان موڪل جي دعا گهري آهي.
اوچتو گهنٽي وڄي ٿي:

‘ٽڙنگ ... ٽڙنگ .... ٽڙنگ!’
‘ٽڙنگ ... ٽڙنگ .... ٽڙنگ!’
اسڪول مان ورڻ جو منظر ائين آهي، جيئن جهرڪين جا ولر اڏار ڪيو، واهيرن ڏانهن ورن .... ايڏي خوشي جنهن کي لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهجي. گهر پهچڻ سٽ، هن ٿيلهي کي ڪٽ تي اڇليو آهي. ماٺهس جون نظرون ڪپڙن تي آهن.
‘هي ڇا حال ڪري آيو آن، ڪپڙن جو!؟’
ماٺهس جو اشارو سندس مس لڳل ڪپڙن ڏانهن آهي. پر هن کي ڪا پرواهه ڪونهي هاڻ هو سياڻي جي سج تائين آزاد آهي.
هاٽي ڪيس شام جو گرائونڊ تي وڃڻو آهي. ڪرڪيٽ ڪيڏڻي اٿس. صبح جو هوم ورڪ پوري نہ ڪرڻ تي بئنچ مٿان بيهڻو پوندس. اتيئہ ڪري لالٽين جي روشني ۾ هوم ورڪ ڪري ٿو .
هو ٿڌو ساهہ پري هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳي ٿو. سامهون سندس نظر ننڍڙي مگر ڇُهچ ڪاري پکيءَ تي پويس ٿي، جيڪو پنهنجي سنهي چهنب کي چاڻنا روز جي وچ ۾ اڙائي رس پي رهيو آهي. هو پاڻ کي ان پکيءَ سان ڀيٽ ڏئي سوچي رهيو آهي تہ هيءَ بہ ڪڏهن ان وانگر هو ...
‘شايد ڪاري قوسڙي آهي، نہ من موسڙو آهي؟!’ هو منجهي پوي ٿو ۽ دل ئي دل ۾ اعتراف  ڪري ٿو تہ هاٽي ڪيس پکين جا نالا صحيح نموني سانياد ناهن رهيا.
‘خبر ناهي تہ وقت ڪيئن گذري ويو!’ هو وقت کي ياد ڪندي، وري ماضيءَ کي حال ٻڻائي ڇڏي ٿو:
نئون ڪلاس ٽيچر چئي رهيو آهي: ‘هاٽي اوهان نائين ڪلاس ۾ آهيو ... ٻار ناهيو.’
ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڪلي رهيا آهن، ڇو تہ اُهي لفظ انهن ڇهين درجي کان وٺي ٻڌا آهن. انهن کي خبر آهي تہ سڀ ڪلاس ٽيچر هر سال ائين ئي چوندا آهن.
هڪ ڏينهن:
ڪو ڪائنس ڪنڌ ورائي سڙٻاٽن ۾ پڇي ٿو:
‘اوهان جي سياڻي ڪرڪيٽ مئچ آهي نہ ...؟’
‘ها، اوهان ضرو ر اچجو!’
ڪلاس ٽيچر رڙ ڪري ٿو.
‘اها يُڻ .. يُڻ ڇا جي آهي ....؟ پوئٽري بوڪ ڪڍو... !’
ڪلاس ۾ پنن اٿلائڻ جي ‘سر.... سر!’ جي آواز کان سواءِ مڪمل خاموشي آهي.

ڪلاس ٽيچر جي صاف ۽ سريلي آواز پنيان ڪورس جي انداز ۾ ڪلاس روم ۾ شعرگونجڻ لڳو آهي:
“او ميري گو
ڪال دي ڪئٽل هوم
ڪال دي ڪئٽل هوم.”

ٻئي ڏينهن تي -
انٽر اسڪول ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جي فائنل آهي. گورنميٽ هاءِ اسڪول ۽ ميونسپل هاءِ اسڪول جي وچ ۾ مقابلو آهي. اها مئچ هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ٽيندڙ مئچن کان ڪنهن به طرح سان گهٽ نه آهي.
ميونسپل هاءِ اسڪول جي ٽيم هڪ سئو چاليهه رنسون ناهي ورتيون آهن. جڏهن ته هن جي ٽيم جو ٽيون رانديگر به آئوٽ ٿي چڪو آهي ۽ رنسون اڃا ڏهن کان به مٿي ناهن ٿيون .....
ذري گهٽ پاڻ به آئوٽ ٿيو هيو. بال پيڊن ۾ لڳو اٿس. ايل بي ڊبليو جي ڪال ٿي آهي.
‘هائوزي (هائو .. اِٽ از) ...؟؟
هن جي دل ايستائين ڌڙڪندي رهي ٿي، جيستائين ايمپائر ڪنڌ ڌوڻي ‘نو’ نه ڪئي آهي.
هاڻ، هو هر هڪ بال کي احتياط سان کيڏي رهيو آهي، ڇو جو اسڪول جي عزت جو سوال آهي. سيٽ ٿيڻ کان پوءِ، هُو هر لوز بال کي بائونڊري ڏيکاري رهيو آهي.سندس ففٽي نهي چڪي آهي ..... گرائونڊ کان ٻاهران تماشائي داد ڏئي رهيا آهن. ‘هوءَ’ به تاڙيون وڄائي رهي آهي. هُو بيٽ مٿي ڪري فخر سان جواب شڪريو ادا ڪري ٿو.
ٽيم ڪرائيسس مان نڪري چڪي آهي.مخالف ٽيم جي رانديگرن جا منهن پيلا ٿي ويا آهن.
شام جو رائل چوڪ وٽ يعقوب جي دڪان تي رانديگر کير ۾ جليبيون وجهي کائي رهيا آهن.
اسپورٽس انچارج پورن چوکرن کان وڌيڪ سانورن جي پٺي ٺپي رهيو آهي ۽ چئي رهيو آهي: ‘عزت جي رهجي آئي .... نه ته ....؟!’
ٽئين ڏينهن تي، سدائين مٺن ڦوڪيل هيڊ ماستر خوش آهي. سندس واڇون ڪنن سان لڳل آهن. هاءِ اسڪول جو اهو هيڊ ماستر جيڪو دنيا جي ڪهڙي به ماڻهوءَ کي ٿوري غلطي تي بنا ڪنهن هٻڪ جي لڪڻ هڻي سگهي ٿو (اهو ان زماني جي شاگردن جو

ايمان هو تہ سندن هيڊ ماستر ڪي خدا جي طرف کان وڏا پاور مليل آهن.) سو چئي رهيو آهي:

’ويل ڊن ماءِ بوائز ....! ويل ڊن ...!‘

هر طرف ’ويل ڊن‘ جون صدائون گونججي رهيون آهن . وڏي ڳالهہ تہ ’هُن‘ بہ ڪيس ’ويل ڊن‘ چيو آهي.

ڪيس پيو چا گهرجي ...؟! هاڻي هو دنيا جو عظيم انسان آهي، جنهن جي اسڪول، پاڙي ۽ هن جي دل ۾ بہ عزت آهي. ان خوشيءَ جو اظهار هو پپين تي هلڻ يا زوري سلام ڪرڻ سان ڪندو رهندو آهي.

مئٽرڪ جا امتحان ٿي ويا آهن.

اسڪول ۾ الوداعي پارٽي ٿي رهي آهي.

هوءَ چئي رهي آهي: ’ڊونٽ فر گيٽ مي پليز ...‘

هن بہ ڌڙڪندڙ دل ۽ ڏڪندڙ چپن سان چيو آهي:

’ڊونٽ فر گيٽ مي تو.‘

سندس اکين ۾ ڳوڙها تري آيا آهن.

هن ڪنڌ مٿي ڪٽي آسمان ڏانهن ڏٺو آهي. آسمان تي ابابيلن جا ولر اڏامي رهيا آهن . هو بہ خيالن ۾ ابابيلن جيان، پوءِ جي گذرندڙ حياتيءَ مٿان اڏام پريندي سوچي ٿو:

پوءِ جي زندگي؟

گهاٽي جي گرد ڦرندر ڏاند جيان گذري ....

هل هلان ... ڊڪ ڊڪان

چوڌاري آواز اچن ٿا.

’هر شئي دولت سان حاصل ڪري سگهجي ٿي ... هر شئي ...‘ هڪ اڪائونٽس ڪلارڪ جي حيثيت سان ان آواز پنيان بي تحاشا ڊوڙي ٿو ۽ پيچو ڪندڙ معصوم ۽ بي غرض آواز گهٽبو پنتي رهجي وڃن ٿا.

سندس چوڌاري رشوت جا مينار نهندا وڃن ٿا. هو انهن مينارن تي چڙهي پنهنجي عظمت ۽ عزت جتائي ٿو. هٿ لوڏي چوي ٿو: ’خدا جو شڪر آهي، هاڻ وٽس سڀ ڪجهہ آهي.‘ مٿ مائٽ حسد ۽ ساڙ وچان سندس حيثيت ڏسي ٿڌا شوڪارا پرن ٿا. هن کي اطمينان حاصل ٿئي ٿو تہ هاڻ هو عزتدار آهي ۽ خوش آهي.

جڏهن گذرندڙ وقت اکين تان آکيڙيون لاٿيون،

تہ ثابت ٿيو

سڀ مصنوعي خوشيون ۽

اکين جو ڏوُ هيو
اجايو اميدون
۽ آخر ۾ اهو پڇتاءُ ته
‘اولاد لاءِ ڇا ڇا نه ڪيو سي
۽ اولاد ....!؟!؟

هو گهرو ٽڌو ساهه ڀري اٿي ٿو ۽ ڏسي ٿو. سامهون بلڊنگ جي ڪانس تي اڪيلو ڪبوتر پر سوئي رهيو آهي.

شام جا ڊگها پاڇا چوطرف ڦهلجي ويا آهن. آسرنهن جا پن ڪومائجڻ لڳا آهن.

هن ٻه ڦاڪان ٽيل پيلي پاپڙ جي وچ ۾ چيچڪا ڳولڻ شروع ڪيا آهن، اتي ڪو به چيچڪو ڪونهي، هڙ جو هڙ وڪري ويا آهن.

هو آهستي آهستي ٻي دليو گهر وريو آهي.

جوڙس انتظار ۾ ڦوڪي ويني آهي:

‘رٽائر ٿيڻ ڪان پوءِ به توڪي گهر ۾ ويهڻ نه ٿو اچي ...!؟’ هو جواب ڏيڻ مناسب نٿو سمجهي. بي خياليءَ ۾ ڪنيل صرف ان خالي پاپڙ جي ٻن ڦاڪن ڪي ڏسندو رهي ٿو، جيڪو ڏانديءَ جي رشتي سان اڃا ڳنڍيل آهي.

## 2.6 ٽيون سبب

اصلي سبب؟؟؟.....
مسب السباب کي معلوم، پر الحاج رئيس جان محمد جي خيال ۾، مدرسي جي اجڙڻ جا ٻه سبب ٿي پئي سگهيا . هڪ ته اهي اڳيان استاد نه رهيا، جن کي علم سان عشق هيو ۽ ٻيو نه وري اهي طالب جن کي علم سان محبت هئي. هاڻي هيا به ته استاد نانءَ جا، جن کي عالم ٿيڻ جو اشتياق گهٽ، رڳو مرٽو پرٽو ڪائيندڙ وڏي ويا ها. طالب به اڻ گهڙيا ڪاٺ ۽ ڪٿي ڪل وارا کي اوستي محمد ۽ ڳڙهي خيري جا ٻروچ ته ڪي خضدار جا بروهي. جن کي پڙهائڻ ائين هيو، جيئن ڪاري ڪلر ۾ ڪٽڪ پوکڻ.
رئيس جون اکيون تر ٿي ويندون هيون، جڏهن پورن ٽن ايڪڙن جي مدرسي ۾ ٽيهارو کن طالب مس ڏسندو هيو. ڪڏهن ته اتر سنڌ ۾ ڳوٺ غازي خان جو مدرسو چئي ڪٽي بس ڪيو. ناظره ، حفظ ، پارسي، عربي، فقہ و تفسير، حديث ويندي علم ميراث به پڑهايو ويندو هيو. پر جڏهن کان پارسيءَ جو استاد به چڏي پجي ويو ته رئيس کي ائين لڳو هو چڻ خانداني مدرسو اجڙيو کي اجڙيو.
باقي وجي ناظره ۽ حفظ بچيو هيو. ناظره مولوي عبدالحليم پنجن سالن کان پڑهائيندو ايندو هو. سندس ايتري ٽڪڻ جو سبب قناعت پسندي هئي يا تن آسانيءَ ۽ حافظ شمس الدين ٽن سالن کان حفظ ڪرائيندو هو. جيتوڻيڪ حافظ جو طالبن تي ڏندو ڪٽي پڑهائڻ مشهور هيو پر اهو به هلايل هيو ته حافظ، ڪجهه بد عادتو به آهي ان ڪري بد اچا بدنام برا واري افواهه به کيس رهڻ تي مجبور ڪري وڌو هو. نه ته اجڪلهه علت المشائخ واري اوٽائي پوٽائي ڪٿي ناهي؟....
پارسيءَ جي استاد ڪانسواءِ رئيس کي مدرسو ٻسو پئي لڳو. رئيس پاڻ انهيءَ مدرسي ۾ پڑهيو هو. مدرسي جو اوج اکين ڏٺو هيائين، پارسيءَ جو ته عاشق هيو. گلستان بوستان کان وٺي ، يوسف زليخا، مثنوي شريف مولانا ۽ مامقيما تائين پڑهيل هو ، ان ڪري پارسيءَ جي استادن جو قدردان هو. پر خبر ناهي چو پارسيءَ جا استاد سندس مدرسي ۾ ٻن ٽن مهينن کان وڌيڪ ٽڪاءُ نه ڪري سگهندا هيا.
رئيس هڪ ڏينهن جوش ۾ اچي جماعت آڏو انجام اقرار ڪري ڳوٺان نڪتو ته جيستائين مدرسي جي لاءِ پارسيءَ جي استاد جو بندوبست نه ڪندو، تيستائين ڳوٺ نه ورندو.
ٿيو به ائين، موٽيو ته سرخرو ٿي. ساڻس هڪ خوبرو گڏ هيو. عشاءِ جي نماز کان پوءِ رئيس ، جماعت آڏو سندس تعارف ڪرائڻ لڳو:

“سائين جن جو اسم شريف سعد الله خان آهي. پاڻ اصل لاڙ جا، مٽياري شريف جي پرپاسي ۾ رهن ٿا. پنهنجي ملاقات ساڻن، سائين ڏنل شاهه جي مدرسي ۾ ٿي، پهرين ملاقات ۾ سندس ننڍي وهي ڪي ڏسي، مان ته ائين سمجهيو ته وڌ ۾ وڌ ڪريم ، نامہ حق ، پند نامہ، يا گلستان بوستان پڙهيل هوندو. پر جڏهن مامقيما جي ڳالهه ڪيائين ته مان به آزمودي خاطر مامقيما مان پهرئين سٽ پڙهي:
مامقيمان ڪوئي دلداريم!
ته استاد سعد الله هڪدم ٻي سٽ پڙهي:
رخ به دنيا ودين نمي آريم!
مان اتي شعر جي پنجين سٽ پڙهي ته ڏسان ته ڇا ٿو چئي؟ ته چيائين:
به چشمان دل مبين جز دوست!
اتي مان بي اختيار ٿي ، اٺي سندس ڪنڌ تي چمي ڏني ۽ چيم، بيشڪ، تون اهو گوهر يڪتہ آهين، جنهن جي مونکي تلاش هئي. هل، هلي منهنجي مدرسي کي آباد ڪر. پهريائين ته استاد سعدالله اُسگس ۽ نٽ نٽاءُ ڪيو ته اتر جي سخت موسم ۽ ماڻهن ۾ جالي نه سگهندس. پر پوءِ جڏهن يقين ڏياريومانس ته پنجئين آڱريون برابر ناهن، الله ۽ الله جو حبيب ڪندو ته سندس دل لڳي ويندي. ۽ جيڪو طلبيندين، سو توکي ملندو....”
انهيءَ سڄي تعارف دوران استاد سعد الله خان جو ڪنڌ هيٺ هيو. شرمائيندي ڪنڌ مٿي ڪنيائين ته سڄي جماعت ڪيس هينان ڪان مٿي ائين ڏٺو ، جيئن ڪنهن وهڙي کي ڪُرن ڪان وني سگُن تائين جاچجي. جيئن چئبو آهي ته جوءِ جي خبر ڳاٻن مان پوندي آهي. تيئن اترادين استادن جي ڳر مان اندازو پئي هنيو ته ڪنهن چڱي جوءِ جو پليل جوان آهي. ڪٽڪ رنگو، پريل ڳل ، مٿان وري پوري پني نهنڌڙ سونهاري، چيروين اکين ۾ حيا ۽ لڄ الڳ مٿي تي ڪير جهڙي اڇي ململ جي دستار. جي رئيس سندس ڳورو تعارف نه ڪرائي ته ڪير پٽ ڪري ها ته هي ڳڀور به ڪو استاد آهي.
“جي آيا ، پلي آيا... استاد صاحب!... اساڏي سر دا سائين اي،” جماعتن مان سرائي خداداد، پنهنجي ٿلهن شيشن واري عينڪ کي نيڪ ڪندي، راڊ جي روشنيءَ ۾، استاد کي چڱي ريت ڏسڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.
رئيس وري ڪنگهي ڪڙڪي، سڄي جماعت کي هدايت ڪئي:
“بابا، لاڙ جو مهمان آ، سڄي جماعت کي پارت ٿي ڪجي ته استاد جو خاص خيال رکن ائين نه ٿئي ته اترادين کي گلارو ڪري وجهو. اڳيئي لاڙ وارن کي گهٽيون شڪايتون آهن”.
“انشا الله ...! ڪا شڪايت نه ٿيندي، رئيس ....! استاد، ائين نه سجهي ته مزمان آ، پر

ائين سمجهي ته پنهنجي گهر ۾ وينو آ.” جماعت پاران اڳ اڳ ڪندي، ڪمدار الهورائي گرمجوشيءَ سان جواب ڏنو، جنهن استاد جي ڪتابي چهري کي مخصوص اترادي انداز ۾ ڪافي دير ڪان ونئي پئي تڪيو.

آخر ۾ مولوي عبدالحليم ۽ حافظ شمس الدين به روايتي انداز ۾، رئيس کي يقين ڏياريو:

“رئيس ! الله کي پارت آ!”

ٻن ٽن ڏيهاڙن ۾، استاد سعد الله کي مدرسي جي حالت زار جو اندازو ٿي ويو. طالبن جي نشست وبرخواست ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ مان ته منجهن اخلاق حميده اتي ۾ لوڻ برابر آهي. سندس خيال ۾ شاگرد ادب آموخته ڪيئن ٿين؟ جڏهن استادن جي حالت اها هئي، جو مولوي عبدالحليم آرسي ۽ ڪاهل هيو . ان جو سبب اهو به ٿي پئي سگهيو ته اهل عيال وارو هو. جڏهن ته حافظ شمس الدين ، خدا سندس وجهه تي رحم فرمائي، چڙو چاندڻ هئڻ جي باوجود به، منجهنس وضوءَ ڪان سواءِ وهنجڻ جي عادت الاماشيٰ هئي. سونهاري اهڙي اونهاري اٽيي ۽ وچڙيل، جو ڪرڙي هڪ دفعو گهري وجي ته نڪري نه سگهي. پري ڪان سندس بدن مان ڇٽ ڪنيون پئي آئي. هن ان ڪري دل ئي دل ۾ پهريون فيصلو اهو ڪيو ته طالبن کي اخلاق ذميمه مان آجو ڪجي. ان ڪري پهريون هفتو ته هن ويهي طالبن کي اهو سمجهايو ته صفائي اڌ ايمان آهي. ڪين نشست وبرخواست جا ادب آداب ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جا طريقا سمجهايا.

جمعي جي ڏينهن، جڏهن طالبن فجر جي نماز ڪانپوءِ استاد جي چوڻ تي نمر ، ڪبڙ ۽ مساڳ سان پنهنجا ڏند مهٽي سهٽي اڇا ڪيا. ڳچيءَ، سيني، ٽونين، مُرن ۽ پيرن جي مَرُ، سروٽن سان رڳڙي رڳڙي صاف ڪئي، ڌوتل پوتل ڪپڙا پهري، جمعي جي نماز ڪان اڳ، استاد سعدالله جي حجري ۾ اچي وينا ته استاد کي پنهنجين ئي نظرن تي يقين نه پئي آيو ته اهي ساڳيا طالب هيا، کي ٻيا. ڪيس ائين لڳو جڻ صدف جو سينو چيري گوهر ٻاهر نڪري آيا هجن. طالبن جي سرمي ۾ ٽٻ تيل اکين جي اٽين ۽ تيل ۾ جرڪندڙ رخسارن ۾ سندس نظرون اٽڪيون اٽڪيون پئي پيون. پهريون دفعو دل ئي دل ۾، لاڙ ۾ انهيءَ هلايل ڳالهه کي رد ڪري ڇڏيائين ته ڪو اتر ۾ رڳو جن ڀوت رهندا آهن.

مٿئين طبقي وارا طالب، جن جي عمر اندازن چوڏنهن ڪان ويهن سالن تائين هئي. جيڪي پهريائين ڏٺي نه وڻندا هيا. سي سپ تراش خراش ڪان پوءِ آهستي آهستي مثل الماس، پکراج، مرجان ، موتي ، زمرد ۽ زرقون ٿيندا پئي ويا. سواءِ هڪ ٻن طالبن جي. سيني طالبن ۾ وري جيڪو مثل ياقوت احمر پئي لڳو. سو هيو لعل جان. جهڙو نالو

تهڙا ڳڻ هيس، بنهه اسم با مسمي. لعل جان جي عمر چوڏنهن سال ، الف قد، صاف رنگ ، نرگس شهلا جهڙيون اکيون، ابروڪمان، بيني صراحي ، مٺان وري آواز ۾ ميناج جڻ الحان دائودي، مولود پڙهائي تہ بدن مان سيسراٽيون ڪڍي ڇڏي، ڳالهائي تہ صراحي جي ڦُل!ڦُل!... اهي سيپيئي ڳالهيون استاد سعد الله کي متوجهه ڪنديون ۽ موهينديون ويون. پهريائين چڱڙو، پوءِ چڱو ۽ آخر ۾ سندس لاءِ خورشيد درخشان ٿي پيو. پارسيءَ جا گردان، "آمدن آمد آمدم آمدي" پڙهائيندي، جڏهن صراحيدار گردن مٿي کڻي، نرگس شهلا جهڙين اکڙين ساڻ نهاريندو هو تہ استاد جو مرغ دل اڏ ڪنو ٿي چاتيءَ ۾ چڙهيون هڻندو هيو. هر روز رات جو اڪيلائي ۾ استاد کي مرغ دل جي منڊي کي عقل جا ٽانڪا هڻي ڳنڍڻو ۽ سمجهائڻو پوندو هيو تہ ائين نہ ٺئي جو هو پارسيءَ جي انهيءَ مشهور چوٽي جيان ٿي وڃي، آمدم ثواب ڪنم ڪباب شدم. (آيم ثواب ڪمائڻ ڪباب ٿي ويس).
جيئن جيئن دل نادان کي جهلڻ لڳو، تيئن ڪنچا ٽاڻ وڌڻ لڳس. جيئن سمجهائڻ لڳو، تيئن ضد ڪرڻ لڳس. جيئن لوچڻ لڳو، تيئن جهيڙڻ لڳس. آخر بي چئي دل جي چوڻ تي، لعل جان اڳيان، دل جي ڳالهہ زبان تي آڻڻ جي ڪوشش ڪيائين. پر حيا، لڄ، خوف ڪري، زبان مان هڪ اکر بہ نہ اڪلي سگهيس. اهو بہ دل ۾ آيس تہ آسان سنڌيءَ ۾ اشتياق نامو لکي کيس هٿ ۾ ڏئي، پر دل نہ جهلي سگهيو ، تہ متان اهو اشتياق نامو رقيب رو سياهن وٽان ٿيندو ، رئيس وٽ نہ پهچي وڃي. هونئن بہ کيس پليءَ پت احساس هيو تہ اهڙي ياقوت احمر کي هٿ ڪرڻ لاءِ نوشيروان ۽ تيمور جهڙي دل کپي، جيڪا وٽس نہ هئي. آخرڪار دليل دوڙائي اهو فيصلو ڪري ورتائين تہ جيڪا ڳالهہ سئولي سنڌي ۾ نٿو ڪري سگهي. سو پارسيءَ جي محابي سمجهائي سگهي ٿو. چو تہ کيس استادن جو اهو پڙهايل هيو تہ سنڌي ٻولي اهڙي صفا ۽ سڌي آ، جنهن ۾ چند ڪاري هينان نٿو لکي سگهي.
پوءِ ماڻهن ڏنو تہ استاد سعد الله ڏينهن رات ڪري ڏنو، پارسي سيکارڻ ، اهڙو لائي باري ڏنائين جو پهرين مهيني ۾ پهلي پارسي، دعايو، ٿوائيو ۽ ڪريم مدرسي جا طالب ائين چٽ ڪري ويا، جيئن ڪبريون توت ڳهي وڃن. مدرسي م هر سوُ پارسي ۽ جو ٽيڪو لڳي ويو هو . ڳوٺ جا ماڻهو حيران تہ انهن اڳ اهڙو استاد ڏٺو نہ پڙو. رئيس تہ هونئي پارسيءَ جي استادن جو قدردان هيو. اهڙي محنت ڏٺائين تہ خصوصي قربت ۽ توجهه الڳ ڏيڻ شروع ڪيائينس. لاڙي استاد جي محنت ضرب المثال ٿي پئي. مولوي ۽ حافظ لاءِ عذاب ٿي پئي.
استاد سعد الله جي محنت جو جڏهن ڪچهري ۾ ذڪر ٿيندو هو تہ مولوي ۽ حافظ کي

ندامت ۽ شرمساري ٿيندي هئي. ڪچهري ۾ آيو ويو، عموما رئيس کي چوندو هيو ته، ”رئيس! استاد باڪمال آندو تي ... اسان کي ته اهو پئه آ ته جي استاد سال کن رهيو ته اوهان جو سجو ڳوٺ پارسي ڳالهائيندو وتندو“.

” انشاالله ! اوهانجي زبان مبارڪ ٿيندي!“ رئيس فخر مان ڪنڌ مٿي ڪري وراڻيندو هو.

رئيس جي غير حاضري ۾ وري سرائي ۽ ڪمدار، وچ ڪچهري ۾ وينا، استاد سعد الله جي تعريف ۾ ڪهنڊٽيون وجائيندا هئا، جي سرائي هٽندو هو ته ڪمدار ڪٽندو هو.

”استاد صاحب!... هيرائي هيرا... اهند ٽرڻ، اهندا ٻهڻ، اهندا الاوڻ، اهندا مسڪاوڻ، ميڪون ايڏا وٽندا اي، ڪي اهنڪو اپٽي سيني نال لائي رکان.

”سرائي هاٽي تنهنجي وهي آ، هيرن کي سيني تي سجائڻ جي!؟“

جيڪڏهن ڪنهن ڪچهري ۾ ٽوڪيس ته سرائي چڙي چوندو هيو:

”تيڪون ڪهڙي خبر، چليا!.... استاد ، پارس ئي پارس سجي ته سون ڪر چوڙي... الهورايا ! ڪن مين غلط اکيندا آن؟“

ڪمدار الهواريو به گهٽ نه ڪندو هيو:

”استاد ڏيکارڻ جو ڳيورٽو آ... باقي الله حياتي ڏيس، پڙهائي جا اهڙا پانور تس، جو مان جهڙي ڳوڏ کي به پڙهائي ته اهڙو ڪتابي ٿي وڃان ، جو هارين کي سجو ڏينهن فارسيءَ ۾ وينو گاريون ڏيان.“

استاد سعد الله خان، پنهي جي دل ۾ نه ڪندو هو. چو ته کيس ايترو اندازو پئي ٿيو ته بئي ڦڙٻاتي آهن ۽ عمر جي ان حصي ۾ آهن، جنهن ۾ جواني نانگ وانگر نڪري ويندي آهي ۽ پوڙهاپ ان جو پئي ليڪو پٽيندي آهي.

پر هن جي اندر جي ڪنڊ ۾ ڪو لڪل خوف تڏهن ڪر ڪٽي بيهندو هو. جڏهن حافظ شمس الدين ڪنهن جماعتي سان ڳالهائيندي ڳالهائيندي ، هن کي ڏسي خاموش ٿي ويندو هو ۽ پنهنجي ڏاڙهيءَ جي وارن کي پريشاني ۾ مروڙڻ شروع ڪندو هو. ان وقت کيس خيال ٿيندو هو ته حافظ جي دل ۾ ڪا الابلا ضرور آهي. پر پوءِ ان ڳالھ کي ايترو وزن به نه ڏيندو هو ته تازو رئيس جان محمد مدرسي ۾ طالبن کي سنڀالڻ جي ذميواري کيس سونپي هئي. ان ڪري ٿي سگهي ٿو ته رئيس کي پارٽ سفارت ڪرائڻ لاءِ جماعتن کي چوندو هجي . چو ته هن ان ذميواري ڪٽڻ وقت ڪابه دلچسپي ڪونه ڏيکاري هئي. رهندو ٽتائڻ جي ڪوشش ڪندي، رئيس کي چيو هيائين:

”رئيس مولوي عبدالرحيم صاحب جي هوندي، آءٌ ذميواري ڪٽڻ جو پاڻ کي اهل نه ٿو سمجهان !“

رئيس ڪيس سمجهائيندي چيو هو:
“دراصل، مولوي پاڻ انهيءَ ذميواري کان دستبردار ٿيڻ گهري ٿو . چو تہ ويچاري کي ٻہ زالون ۽ ولر ٻارن جو آهي. ۽ رهي بہ مدرسي کان ٻاهر ٿو. ڪائنس طالب سنڀاليو نہ ٿا سنڀالجن. ان ڪري مولوي صاحب کي رڳو رڏي پڪي واري معاملي جي نظرداري کان سواءِ آجو ڪيون ٿا”.
هن وري ٻيو عذر ڏنو هو:
“رئيس! حافظ شمس الدين مون کان وڌيڪ عمر رسيده ۽ تجربيڪار آهي... بهتر اهو نہ ٿيندو تہ .....”
“حافظ صاحب، کي ان ڪري ذميواري نہ ٿو سونپيان جو ان کي رڳو ڏنڊو قيرائڻ اچي. باقي طالبن کي ڪيئن پيار ۽ محبت سان اٿڻ ويهڻ جي تميز سيکارجي ، ان هنر کان اٽواقف آهي.” ان دليل ڏيڻ کان پوءِ ، رئيس مٿائنس زور ڀريندي چيو هو:
“استاد سعد الله خان ، مان هن مدرسي کي باقاعده پنهنجي والد بزرگوار جي زماني وارو ادب گاه ڏسڻ گهران ٿو. اُميد آهي تہ تون انڪار نہ ڪندين. باقي، اهو منهنجو سخن آهي، جيڪو تون وظيفو وڌائڻ لاءِ چوندين، اهو ئي توکي ملندو”.
جيئن تہ رئيس جان محمد ڳالهائڻ لاءِ ڪا گنجائش نہ ڇڏي هئي، تنهنڪري اها ذميواري ڪيس نڀائڻي پئجي وئي. استاد سعد الله کي مٿين طبقي وارن طالبن کي سنڀارڻ ۾ ڏکيائي ڪونہ پئي ٿي . پر ٻي طبقي ۽ خاص ڪري ٽين طبقي جي ڇيچ ٻاچ معصوم طالبن کي سنڀارڻ ۾ ڏکيائي ضرور هئي. جيڪي اڪثر رات جو اڪيلائي ۾ پنهنجو پيءُ ماءُ کي سنڀاري روئيندا هئا.
استاد سعد الله خان، جيڪو پهريائين مدرسي جي ڏاکڻي ڪند ۾، الڳ ٿلڳ حجري ۾ رهندو هو. سو قري وچ مدرسي ۾ ٿي وينو ۽ حافظ شمس الدين سندس جاءِ تي. سندس حجري سان لڳو لڳ وڏي ڪمري ۾ ٻي ۽ ٽين طبقي وارا ويهارو ڪن طالب رهندا هيا. حجري کان ويهارو قدم پرتي وڏن ونگن واري دالان ۾ ٽين طبقي وارا طالب سمهندا هئا. طالبن جي سمهڻ کان اڳ ، استاد کين اخلاق ۽ تهذيب تي هڪ ننڍڙو خطبو ڏيئي، کين شبِ خير چئي حجري ۾ وڃي ويهندو هيو. جتي سندس شب بيداري شروع ٿي ويندي هئي. اهو سوچي پيو ڪڙهندو هو تہ جنهن تي مفتون آهي، ان کي سندس حال جي خبر ڪونهي . جي خبر آهي تہ وري احساس ڪونهي. اها ڪيڏي نہ ستم ظريفي آهي. جيڪو سندس درد جي دوا آهي، سو ڪائنس ٽيهہ قدم بہ پرتي ناهي. پهريون دفعو ڪيس احساس ٿيو هو تہ ويجهو هوندي بہ ڏور ٿيڻ ڇاکي چئبو آهي؟
استاد سعد الله ، جيڪو مهينو سوا اڳ ڪچي جي ماچ ڪاڏل ڊور جيان پاسا هٽي پيو

هلندو هيو . سو اهڙي لاٽ ڪري ويو جڻ ياڳ ناڙيءَ جي بڪن ۾ پاهه تيل وهٽ هجي. پر اها خبر نه هڪ استاد سعد الله کي ۽ بي ان سميع و بصير کي هئي ، جنهن جي آڏو آڏيءَ جو ويهي الاهون ڪندو هو. ڏکيون ڏکيون دعائون گهرندو هو ، جنهن جو خاتمو وجي حافظ جي ان شعر تي ٿيندو هو:

حافظ وظيفه تو، دعا گفتن است وبس
در بند آ مباش ڪ نشنيتد يا شنيتد.

(اي حافظ! تنهنجو ڪم رڳو دعا گهرڻ آهي ۽ بس ان خيال ۾ نه پئه ته هن ٻڌي يا نه ٻڌي).

طالبن جڏهن صيغه هائي زبان پارسي ۽ گردانن ۾ گهٽي حد تائي عبور حاصل ڪري ورتو ، ته استاد سعد الله هڪ ڏينهن سندن پاٽي ڪڇڻ خاطر، پارسيءَ جو هڪ شعر طالبن اڳيان پڙهيو:

”ما وتو ازيڪ گلستانيم از مارو متاب
قدرت قادر ترا گل ڪرد، مرا ڪرد خار“

پوءِ طالبن ڏانهن ڏسندي، ڪين للڪاريائين، ”ڪير آ، جيڪو ان شعر جي صحيح معنيٰ ڪندو ۽ پاڻ ملهائيندو؟“

هن جي حيرت جي حد نه رهي، جڏهن سڀ ڪان پهريائين لعل جان جا لب لعلين، جيڪي تڪي مساڳ جي ڪري ريٽانها تي پيا ها، کلي پيا:

”استاد، جي اجازت هجي نه مان ڪيان!؟“

”بالڪل، اجازت آ!“ استاد کُلي دل سان وراٽيو.

لعل جان شعر جي معنيٰ ڪرڻ لڳو:

”اسان ۽ توهان هڪ باغ مان آهيون. تنهنڪري اسان کان منهن نه موڙ. قادر جي قدرت توکي گل بڻايو ۽ اسان کي ڪنڊو“.

استاد سعدالله، خوشيءَ ۾ داد ڏيندي ايترا دفعا نه واه! واه! سبحان الله !.... جو ورد ڪيو، جو هڙني طالبن کي سندس بي خودي ۽ بي اختياريءَ تي حيرانگي لڳي. پر حقيقت اها هئي نه استاد اهو داد لعل جان کي نه، پر پنهنجي سڪارتي محنت کي پئي ڏنو . پهريون پيرو مايوسيءَ جي بحر مان ، ڪيس اُميدن جو ساحل نظر آيو هو ۽ اعتماد ٿيو هو نه اهو ڏينهن ڏور ناهي، جنهن ڏينهن تي، هو هجر ۽ فراق کان آجو ٿي، وصال کي ويجهو پوندو پوءِ سندس هر روز روز عيد ۽ هر رات شب برات.

اهو پوءِ استاد جو معمول تي ويو هو نه ڪو نه ڪو شعر طالبن اڳيان هر روز رکندو هو ۽ ڪوشش ڪري ان جي معنيٰ لعل جان کان ڪيرائيندو هو نه جيئن لعل جان اشارن

ڪناين ۾ سندس دل جي درد کي سمجهي. پر اڳيان به اترادي معشوق هيو ، جيڪو معنيٰ ڪرڻ کان پوءِ به اهڙي نه پڪائي سان ڪيس تاري ڇڏيندو هو، جيئن ڪو سائل کي، ’معاف ڪر بابا!‘ چئي تڏي تي موٽائي ڇڏي.

طالب جڏهن پارسي مان سنڌي ڪرڻ ۾ پڪا ٿي ويا ته رئيس جان محمد جي خاص الخاص هدايت تي ، استاد هڪ نئون مرحلو شروع ڪرائي ڏنو ، يعني سنڌي مان پارسي ڪرائڻ جو .

رئيس جان محمد جڏهن به اهڙي چٽاڀيٽي ڪندي طالبن کي ڏسندو هيو ته ڪيس پنهنجو نندپڻ ۽ شفيق استاد مرحوم و مغفور مولانا در محمد خاراني ياد اچي ويندو هو . جنهن جو ذڪر، رئيس شدومد سان جماعت آڏو پيو ڪندو هو ۽ ڪيترييون اهڙيون ڳالهيون ٻڌائيندو هيو، جنهن ۾ سندس هم جماعت طالب سنڌيءَ مان غلط پارسي ڪري استاد جي عتاب جو شڪار ٿيندا هيا.

معمول مطابق حجري جي اندر سنڌي مان پارسي ڪرڻ جي مشق هلي رهي هئي. استاد سعد الله جيڪو هڪ ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتو هو، فارغ ٿي جڏهن موٽيو پئي آيو ته اوچتو ڪنهن ناخلف جي آواز ڪيس ڇرڪائي وڌو جيڪو ٻبانگ دهل چئي رهيو هو:

“استاد جو چيلو وهريو آهي، جيڪو ان جي پارسي ڪري ڏيکاري ته انعام ڏيانس!”

“انعام ۾ ڇا ملندو؟” ٻين طالبن ٿهڪ ڏيندي ڪائنس پڇيو “پنهنجي متي سان ٻڌل رومال!”

پوءِ هڪ ٻي ناخلف ان جي پارسي ڪرڻ شروع ڪئي:

“ٻزءِ استاد.... “ استاد پاڻ روڪي نه سگهيو ۽ هڪدم ان نامعقول کي روڪڻ لاءِ حجري ۾ ٽپي پيو:

“خاموش ، بي ادب!... گستاخ!....” استاد ڌمڪي آميز رڙ ڪئي . سيني طالبن تي سڪتو طاري ٿي ويو. استاد ڪاوڙ ۾ ٻنهي طالبن رحيم بخش ۽ الهداد کي گهوريندي بيد وانگر لرزي رهيو هو ۽ سوچيو پئي ته طالبن جي اٺ مسيت تي چاڙهڻ جهڙي شرارت ته برداشت ڪري سگهجي ٿي. پر هيئن اخلاق جا ليڪا لتاڙڻ ۽ استاد جي نانءَ تي ٺوڪ يا مخول ڪرڻ واري حرڪت ناقابل برداشت آهي. هن ڪجهه ساعتن لاءِ ، ٻين طالبن کي ٻاهر وڃڻ لاءِ چيو ۽ پوءِ خطاڪار طالبن سان ، ڪاوڙ وچان مخاطب ٿيو:

“مون ته ائين سمجهيو هيو ته اوهين صرف اٺن جيان بدوضع آهيو. پر هاڻ خبر پئي ته اوهين بدگو به آهيو ۽ يقينن ٻيو ڪجهه به ...”

الهداد ۽ رحيم بخش ٻئي ڪيس ڪنڌ هيٺ ڪيون ٻڌي رهيا ها.

رحيم بخش همٿ ڪان ڪم وٺندي عاجزي سان چيو:

“استاد صاحب ، انسان خطا جو گهر آهي ، اسان جي خطا معاف ٿئي!”
انهيءَ عرضداشت جو استاد مٿان ڪوبہ اثر نہ پيو، اٽلندو استاد ڪاوڙ ۾ وراڻيو:
“خطا لاءِ سزا جو حڪم آهي .... ۽ سزا اوهان کي رئيس ڏيندو !”
اها ڳالهہ ٻڌي ، ٻئي طالب ڌلجي ويا، ڪين خبر هئي تہ اهڙي ڳالهہ ٻڌڻ ڪان پوءِ رئيس ڪين مدرسي مان ، ٻنا دستار بنديءَ جي ڪيڏڻ ۾ دير ئي نہ ڪندو. الهداد، قسمن جي سهاري الاهون ٻلاهون ڪرڻ لڳا، پر استاد جيڪو ڪنهن باه جي مچ تي رکيل ديڳ جيان تپي ويو هو، تنهن ٺڙ ٺپ جواب ڏنو.
رحيم بخش جيڪو استاد جو آتش نما چهرو ڏسي ڌلجي ويو هو. تنهن اوچتو پاڻ کي استاد جي پيرن تي ڇڏيندي چيو:
“ سائين، اوهان کي لعل جان جو قسم!... بس هي پيرو خطا معاف ٿئي:”
استاد ڪان اوچتو ڇرڪ نڪري ويو . ڪيس ائين لڳو ڄڻ سندس پيرن مان ڪنهن زمين چڪي ڪڍي ورتي هئي. هن تہ ائين سمجهيو هو تہ سندس عشق جي ٻاٻور، سندس ڪرامن ڪاتبين کي بہ نہ هوندي، هنن نامعقولن کي ڪيئن پئجي وئي؟! هو اجا حيرت ۾ هيو تہ الهداد بہ ساڳي ڪار ڪئي ۽ چوڻ لڳو:
“جيڪڏهن اوهان معاف ڪندئو تہ انشاءَ الله، اوهان جي هجر جي مهجوري چند ڏينهن ۾ ختم ٿي ويندي!”
استاد، ٻنهہ عجب جي نشاني ٻڌجي، ٻنهي کي تڪڻ لڳو ۽ سوچڻ لڳو، جن طالبن کي هو چاچول باز ۽ ڪند ذهن سمجهندو هو، سي تہ وڏا چالاڪ نڪتا.
استاد چند گهڙيون خاموش رهيو ۽ پوءِ حجري ڪان پر ٻاهر ٻيٺل طالبن کي واپس اچڻ لاءِ سڏ ڪيائين. طالب جڏهن واپس آيا تہ اهو ڏسي ڪين حيرت ٿي تہ استاد ، جنهن پهريائين ويڙهي ڏاند جيان تارا ايا ڪيا ها، سو ڪنهن پوسل ۾ ليٽيل مينهن جيان ٺڌو ٿي چڪو هو. تنهن ڦوڪٽ هٽندي رڳو ايتري تنبيهہ ڪئي:
“سزا ڏيڻ ڪان معاف ڪرڻ بهتر آهي، ان ڪري اوهان کي معاف ڪيان ٿو . پر انهيءَ شرط سان تہ آئنده اهڙي گستاخي نہ ٿئي”.
رحيم بخش ۽ الهداد توبہ ڪندي ڪنن تي هٿ رکيا ۽ پوءِ ڳالهہ آئي وئي.
ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ، طالبن استاد ۾ هڪ عجيب تبديلي ڏٺي تہ استاد جيڪو الهداد ۽ رحيم بخش تي سندن ڪاهليءَ جي ڪري ڄڻ ڦٽ ڪندو رهندو هيو، تن کي درگذر جي دائري ۾ آڻي ڇڏيو هيائين ۽ نہ صرف ايترو پر پهرن جا پهر حجري ۾ ويهاري ساڻن جهڻ پڻ پئي ڪيائين .
۽ حقيقت بہ اها هئي تہ استاد هاڻي رحيم بخش ۽ الهداد سان دل جو حال اورڻ لڳو هو،

ڪڏهن ڪڏهن استاد ڪي ٻنهي طالبن جي اڄ سياڻي وارين ڳالهين ۽ واعدن تي شڪ به ٿيندو هو ۽ ڪيس لڳندو هو ته انجامي ڪوڙا آهن پر ڪيس اهو به احساس هو ته اتراڌي معشوق، لاڙي معشوقن جيان نرم خُو ۽ نرم دل ڪونهن جو هڪ اڌ نياپي ۾ پاڻ هاري ويهن، اهي ته جهولي جي سٽيل سخت جان چيلاٽن مثل آهن . جيڪي عشق جي لڪن ۾ اچا به وڌيڪ خطرناڪ ڏنگيندڙ تي ويندا آهن. ۽ جڏهن ته لعل جان ڪو جهڙو تهڙو ڪونه هو. منجهس معشوقن واريون هڙيئي خصوصيتون يعني ناز وادا، شوخي، سنگدلي، بي پرواهي، ۽ جورو جفا موجود هيون. تنهنڪري وصل جي ايتري تڪڙي آرزو ڪرڻ اجائي هئي. پر چا ڪري، انتظار بي قرار ، لب زرد ۽ آه سرد واري ڪيفيت ڪي .... !؟

آخر اهو ڏينهن اچي ويو، جنهن جو ڪيس اعتبار نه پئي آيو. جڏهن رحيم بخش ۽ الهداد ڪيس مبارڪون ڏيندي ، انتهائي رازداري ۾ خوشخبري ٻڌائي هئي ته لعل جان ملاقات جي لاءِ راضي ٿي ويو آهي، رات جو اويرو، مدرسي جي پٺ ۾ وهندڙ واه ۽ قبرستان واري ڏيڍيءَ ۾، جتي ڪٻرن جا گهاٽا وڻ آهن. اُها ئي وصل جي منزل آهي ۽ پوءِ رات تائين هڪ هڪ پل صدين جيان گذرڻ لڳو.

هن چاٻي واري ويسٽرن گهڙي تي هر هر نظر پئي وڌي، جنهن جا پرنور رڍيم لڳل ڪانٽا، آهستي آهستي سندس صبر آزما گهڙين کي ڳڻيندي اڳتي پئي وڌيا. جڏهن انهن رات جا ٻارنهن ڏيکاريا ته، پير پير ۾ ڏئي ، حجري مان ٻاهر نڪتو. اماوس جي رات ۾، آسمان تي وکريل تارن جا ميڙ اکيون ٽمڪائيندي نظر آيس. هن هڪ نظر اوڏانهن به ڊوڙائي، جتي سندس رقيب روسياه، حافظ شمس الدين لت ڏيون ستو پيو هو . پوءِ الله تي رکي، اوڏانهن روانو ٿيو، جتي قبرستان جي ڏيڍي ۽ گهاٽا ڪٻر هڪ ٻئي سان امبل چمبل لڳا پيا ها. جن جي هينان ڪاري ٻاٽ، ڪاريهر جيان وڪڙ هنيون پئي هئي. هو همٿ ڪري جڏهن اندر گهڙيو ته اونداه ڪيس ايئن وڪوڙي وئي، جيئن بڪايل اجگر، ڪنهن جاندار کي جهٽ هٽي. ٻب اونداه ۾ زوردار ٽڙڦٽڙ ۽ ڪشمڪش جي ڪري سڪل پنن جي ڪڙڪڻ جو آواز ۽ چنگهڻ ڪجهه دير هلندو رهيو ۽ پوءِ خاموشي ٿي وئي.

ماڪ مهل ، جڏهن ڪٻرن جي اونداهي ڪيس اوڳاچيو ته استاد جي ورڻ جو منظر باب السماءُ (تارن جي ميڙ) حيرت ۽ عجب وچان پئي تڪيو. استاد جي پيشاني عرق آلود ۽ دستار ڳچيءَ ۾ لڙڪيل هئي. ڪڇيءَ گپ ۾ گوڏن تائين پريل ۽ پٽڻ تي ڪٽيل ڍور ڪان وڌيڪ جان ۾ رڦٽي هيس ..... هلندي هلندي ٿاٻا پئي ڪاڏائين ..... پير پئي وچڙيس ...... حجري ڏانهن تيزيءَ سان واپس ايندي، هر هر خوف وچان پنٺي شڪ پئي هنيائين

.....

فجر جي نماز تي، رئيس جان محمد ، استاد سعد الله کي غير حاضر ڏٺو تہ ڪجھ اڻ جهڻ تي پيس تہ ، شايد گهٽي ڪم جي ڪري ڪيس نندڻ اچي وئي هجي يا طبعت ناساز هجيس. نماز کان پوءِ اندر جي اُڻڪي کي ختم ڪرڻ لاءِ رئيس، سندس حجري ۾ جهاتي هنئين تہ ڏٺائين ڪاريءَ وارا ڪک نہ استاد، نہ استاد جو سامان . البت هڪ چٺي تڏي تي، سندس هٿ اکرن سان چڏيل هئي. هن ڪٽي پڙهي ، جنهن تي لکيل هو:

الحاج رئيس جان محمد،

السلام عليڪم!

خيريت طرفين مطلوب. مطلب احوال تہ، آءٌ پنهنجي ملڪ وڃان پيو. افسوس! جو اوهان جي ملڪ ۾ جالي نہ سگهيس. ڳالهايو ٻولهايو بخشجو.

خيرانديش

استادسعد الله خان.

الحاج رئيس جان محمد جا تاڪ لڳي ويا. ڪيس سمجھ ۾ ڪجھ بہ نہ آيو تہ آخر سبب ڪهڙو هيو ، جو نہ موڪلائڻ نہ توڪلائڻ ائين الله توهر !؟

## 2.7 سچي ۽ لاجواب ڪهاڻي

هو جئين ئي، ٽڪل ٽتل فيلڊ مان، سروي جو ڪم ڇڏائي ، آفيس ۾ پهتو ته ڪيس پنهنجي ماتحت اسسٽنٽ ٻڌايو: ‘سائين، اوهان جي گهران نياپو آيو آهي ته گهر جلدي پهچو. اوهان جو والد آيو آهي.’

هيڪر ته هن جو مٿو چڪرائجي ويو ته سندس والد ....!!؟؟ پر پوءِ ڪيس سمجهه ۾ اچي ويو ته پڪ سان وري سندس ماءُ ڪي دؤرو پيو هوندو. هن ڪي پنهنجي ماءُ تي ڪاوڙ سان گڏ ڪهل آئي ۽ سوچيائين ، ماءُ اهڙي هستي آهي، جنهن تي ڪاوڙجڻ اولاد کي زيب نٿو ڏي. پيريءَ ڪي ته اولاد جي صورت ۾ مضبوط لٺ ڪيي نه ته پوڙهائپ زندگيءَ جو اهو بي وس ۽ لاچار حصو آهي. جنهن ۾ اداسي ۽ مايوسي جڻ هوا ۾ اُڏيل دز جيان ملامت تي وسندي آهي.

هن دل ۾ سوچيو، رنگ بيڪ Ring back ڪري ، ماءُ کي سمجهائي ڇڏي ته اهڙي قسم جو نياپو يا اطلاع، آفيس ۾ ڪيس ڪلڻ هاب ڪندو. جڏهن ته ڪاغذن ۾ سندس والد فوت ٿيل آهي. هن اهو سوچي، پنهنجو ارادو ملتوي ڪري ڇڏيو ، ته جنهن چوويهن سالن کان وني، ان ڳالهه کي تسليم ناهي ڪيو، سا فون تي چئڻ منٽن ۾ ڪيئن سمجهي ويندي؟

هن فيصلو ڪيو ته ڪيس گهر وڃي ماءُ کي ٺڏي سيني سان سمجهائڻ گهرجي. هن پنهنجي باس کان ٽن ڏينهن جي موڪل ورتي ۽ پوءِ اڏي تان ويگن تي چڙهي پيو. سکر کان لاڙڪاڻو ڏيڊ ڪلاڪ جو پنڌ هيو، ويگن جيئن هلي، هو آسپاس کان بي نياز ٿي ويو. ڏيڊ ڪلاڪ جو اهو مفاصلو، سندس زندگيءَ جي چوويهن سالن جي طويل فلم جو ٽيلر ٿي ويو. هن جي ذهن ۾ خاص منظر ائين ڦرندا ۽ پنتي ٿيندا پئي ويا. جئين دريءَ مان نظر ايندڙ، ڪڏهن سر سبز کيت ۽ ڪڏهن ٻٽ زمين.

پهريون منظر ، جيڪو سندس ذهن ۾ ڦرڻ لڳو هو. اهو گهر جو اڱڻ هيو، جنهن تي جوڳياڻين کان ورتل گهگهڙن سان ويني راند پئي ڪئي ۽ گهر جي ٻاهرين دروازي ڏانهن لوڻو پئي هنيو. سندس ماءُ جون نظرون گهر جي در ڏانهن پئي اڏاميون. جيتوڻيڪ هوءَ پاڻ کي انتظار جي آنڌ مانڌ کان بچائڻ لاءِ رئي تي آر هٽي رهي هئي. ڏاڏي، سندس ننڍڙي پيڻ کي پينگهي ۾ لوڏيندي، دروازي ڏانهن پئي واجهايو. ان ڏينهن تي دروازو کڙڪيو هو. پر پيءُ جي بجاءِ ڪو اوپرو ماڻهو در تي بيٺو هو، جنهن سندس ڏاڏي کي پنو ڏيئي ڪجهه ٻڌايو هو.

۽ پوءِ اهو دردناڪ منظر شروع ٿي ويو. جنهن ۾ سندس ماءُ پنهنجين ڪراين ۾ پهريل رنگ برنگي چوڙين ڪٺ جي ٻانهين تي هٽندي پئي ڀڳيون. هن حيرت ۽ ڪنهن اجاتي

خوف وچان تڪيندي، ڪائنس پڇيو: ’امان، چوڙيون چو ٿي پڇين؟‘ماءُ ڪيس روئندي ٻڌايو. ’پٺهين پاڻ کان رُسي، پرن واري گهوڙي تي چڙهي آسمان تي هليو ويو آهي.‘

هن ڪي ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو ته جيڪڏهن سندس پيءُ، پرن واري گهوڙي تي چڙهي آسمان تي ويو به آهي، ته ساڳي گهوڙي تي چڙهي موٽي به سگهي ٿو. ان ۾ روئڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي ....!؟

سندس گهر اوڙي پاڙي وارين عورتن ۽ مٽن مائٽن سان پرجي ويو هو. مٽ مائٽ عجيب حسرت ڀرين نگاهن سان ڏسندي، ڪيس ڪڇ ۾ ڪٽي خوامخواهه دوکان تان شيون وٺي ڏيڻ لڳا ها. هن جي سامهون سندس پيءُ جون ڳالهيون ڪندي، ٿڌا ساهه کڻندي، خاموش ٿي پئي ويا.

هن کي ماءُ جي ٻڌايل ڳالهه تي ويساهه هيو. جئين دنيا جي هر ٻار کي پنهنجي ماءُ جي ٻڌايل ڳالهين ۽ ڪهاڻين تي هوندو آهي. هر روز شام جو کوٺي تي چڙهي، پيءُ جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. نيري گگن ۾ نيڻ نهار تائين گهوريندو رهندو هيو. هن کي يقين هيو ته هڪ نه هڪ ڏينهن، هو ضرور موٽي ايندو.

هن جون اکيون پرجي آيون هيون. اندرئين منظر کي متائڻ لاءِ ٻاهر ڏٺائين. ويگن ڊيها ڳوٺ ڪراس ڪري رهي هئي. جتي ڏاڙيلن جي ساڙيل بس جو پڃرو ، روڊ جي وٽ ۾ اجڙيو پيو هو. ڪوشش جي باوجود، هو انهيءَ اندرئين منظر کان پيڇو نه ڇڏائي سگهيو. جيڪو پهرين منظر کان وڌيڪ ڏکوئيندڙ هيو.

پرائمري اسڪول جي پڪ سري عمارت جي هڪ ڪمري ۾ هيڊ ماستر، نالو، پيءُ جو نالو، ذات ۽ عمر لکڻ کان پوءِ سندس چاچي کان پڇيو هو، ’ڇوڪري جو پيءُ ڇا ڪندو آهي!؟‘

’پيءُ پوليس ۾ هيس. ڇهه مهينا ڪن ٿيا جو ويچارو گذاري ويو آهي.‘

’ڇه ... ڇه ... ڇه ... ويچارو يتيم آهي!‘ هيڊ ماستر ، افسوس جو اظهار ڪندي وراڻيو.

’ها سائين، يتيم جي پارت هُجيوَ.‘

هو جڏهن گهر موٽيو ته پريو موٽيو. سوالن سان ماءُ تي وڏقڙي جيان وسي پيو.

’مونکي ماڻهو يتيم چو ٿا سڏن!؟‘

ماءُ کو به جواب نه ڏنو. خاموش ٿي وئي.

’منهنجو پيءُ مري ويو آهي؟‘

’نه !‘

’پوءِ چاچا، چو پيو چئي؟‘

’ڪوڙ ڳالهائي پيو .... تنهنجو پيءُ آسمان تي، پرن واري گهوڙي تي چڙهي ويو آهي.‘

‘پوءِ اجا ڪونهي موٽيو؟’

‘چا هو جو ....!’ ماءُ ڪيس ياڪر پريندي چميون ڏئي اکين ۾ آيل پاڻيءَ کي پنجرن جا بند ڏيندي، ڪهاڻي ٻڌائڻ شروع ڪئي: ‘پٽهين، جئين ئي آسمان تي ويو نه ..... پرن واري گهوڙي کي ٻاهر بيهاري .... هڪڙي وڏي دوڪان ۾ گهري ويو.تنهنجي لاءِ ۽ تنهنجي پيڻ لاءِ، گهڻا گهڻا رانديڪا ۽ شيئون ونڻ ....’

‘ڪهڙا رانديڪا ۽ شيون ....؟’

‘طوطو، مور، گهوڙو، هاٿي، شينهن ..... ۽ شين ۾ برفي، پيزا ، لڏون ...!’

‘لڏون نه کائيندس .... ڪنگهه ٿيندي آ.’

‘تنهنجي پيڻ ، راڻي ته کائيندي نه ...’

‘نه، ان کي به ڪنگهه ٿيندي.’

‘چڱو پوءِ، اسان فقيرن کي ڏينداسين.’

‘پوءِ چا ٿيو، امان؟!’

‘پوءِ ابا، ڏائڻ آسماني چور جو آيا ته پرن واري گهوڙي کي چورائي ، ڪٽي پچي ويا .... سو پٽهين ويو آ، چورن کي پڪڙڻ ... انهن کي پڪڙي، سٽي ڪٽي، جيل ۾ وجهي، پوءِ سڀ رانديڪا ڪٽي اچي پهچندو .... پوءِ ڏسجانءِ نه، سڀ ماڻهو ڪيئن ٽا شڪي ٿين ۽ چون، ڏسو! راجا ۽ راڻيءَ جو پيءُ ڪيئن اچي پهتو آ.’

ماءُ جي ڪهاڻي ٻڌندي، سندس اکيون ٻوٽجي ويندڀون هيون. هو خواب ۾ ڏسندو هيو، سندس پيءُ جو گهوڙو وڏن پرن سان پکين جيان ڦڙ .... ڦڙ ڪندو، سندس گهر جي اڱڻ ۾ لٿو آهي. پٽهس جي هڪ هٿ ۾ ٿيلهو آهي، جنهن ۾ رنگ برنگي رانديڪا آهن ۽ ٻئي هٿ ۾ ٽوڪري آهي، جنهن ۾ برفي، مائو ۽ پيزا پيل آهن. هو ڪائنس رانديڪا ۽ شيون وٺي پچڻ جي ڪندو آهي پر ٻه مضبوط هٿ سندس چيلهه ۾ پئجي ويندا آهن. هو مٿي هوا ۾ جنگهون لهرائي، ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پر چمين جو متائنس وسڪارو ٿي ويندو آهي. هو پيءُ جي ڪهري منهن تي رانيوٽا پائڻ شروع ڪندو آهي، پر پيءُ جو ڪهرو منهن ايستائين ڪيس پنيوليندو آهي، جيستائين سندس ڳتا آلا نه ٿي ويندا آهن .....

پوءِ هو صبوح جو اُٿي، ويهاڻي کي اٿلائي پٿلائي ڏسندو هيو ۽ ماءُ کان پڇندو هيو ، ‘بابا ، جيڪي شيون ۽ رانديڪا آندا هيا، اُهي ڪاڏي ويا!؟’ ماءُ جڏهن حيرت کائي ڪائنس پڇندي هئي، ‘ڪهڙا پٽ!؟’ ته هن کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳندي هئي ۽ هو غصي ۾ روئي ويهندو هو.

ويگن، لڪيءَ واري موڙ کان مڙي، ڏکڻ اولهه ڪنڊ ورتي ته هن اهڙن ڏکوئيندڙن منظرن کي ختم ڪرڻ لاءِ پاهر ڏنو.

ٻنهي پاسن کان ڪلراٺي زمين جڻ سندس زندگيءَ جي انهي حصن کي تشبيهه پئي ڏئي، جنهن ۾ هن ڪڏهن خودڪشيءَ لاءِ به سوچيو هو. هن کي ياد اچي ويون اهي ڳالهيون جن سندس معصوم احساسن کي چڪناچور ڪيو هو. ڪيس چٽي طرح ياد هيو ته جئين جئين عمر ۾ وڌو ٿيندو پئي ويو. تيئن تيئن ماءُ کان پيءُ بابت آڏي پچا وڌيڪ پئي ڪيائين. ماءُ وئي ڪهاڻيءَ کي اينگهائيندي ۽ طويل ڪندي، هن کي ان وقت پيءُ جي ڏاڍي تانگهه ٿيندي هئي. جڏهن هو ڪلاسن کي چوندي ٻڌندو هيو: ‘اڙي، موڪلن ۾ مون کي پنهنجو پيءُ ڪراچي ۽ حيدرآباد گهمائيندو ... منهنجي پيءُ کي ايڏا پئسا آهن، جو ڪيسا پريل هوندا اٿس. مان جيڪو چوندو آهيانس وٺي ڏيندو آهي ... منهنجي پيءُ کي ايڏي طاقت آ، جو ڪو وڙهيس ته نونشو ئي هڪڙو هٽيس ته مري وڃي.’

اهڙيون ڳالهيون ٻڌندي ڪيس پيءُ جو تصور عجيب لڳندو هو. هن کي محسوس ٿيندو هو ته پيءُ جي آڳر دنيا جي ماڻهن جي سيني آڱرين کان وڏي هوندي آهي. جنهن کي پڪڙي، پار دنيا جي هر ڪنڊ گهمي سگهي ٿو. پيءُ جو ڪيسو دولت جو اهڙو کوهه هوندو آهي. جيڪو اڻ کٽ ۽ اتانگهه آهي. پيءُ جون ٻانهون تمام طاقتور هونديون آهن، جن سان هو پنهنجي ٻار کي، هر مصيبت کان بچائي سگهو ٿو، پر آهستي آهستي زماني جي ماڻهن ڪيس زوري احساس ڏيارڻ شروع ڪيو هو ته هو يتيم آهي. ڪو به مٽ مائٽ، جڏهن همدردي جي بنياد تي سندس مٿي تي شفقت جو هٿ گهمائيندو هو ته ڪيس ائين لڳندو هو ته اهو مٿي تي زور ڏيئي، سندس سرُ جهڪائي رهيو آهي.

سندس ذهن جي پردي تي اهو نه وسرندڙ ۽ خوفناڪ منظر اپري آيو. جڏهن هو مئٽرڪ ۾ هيو. نئون ڪلاس ٽيچر اڌيڙ عمر جو هيو. تنهن حاضري بوڪ تي سندس نالو ۽ پيءُ جو نالو ڪٽندي بيهجي ويو ۽ چوڻ لڳو:

‘تنهنجو پيءُ پوليس انسپيڪٽر هيو نه!؟’

‘ها سائين!’ هن فخر سان ڪنڌ مٿي ڪندي جواب ڏنو.

‘منهنجو وڏو ڀاءُ جمعدار هيو. تنهنجي والد مرحوم سان گڏ، منهنجو ڀاءُ به انهيءَ ٻيڙيءَ ۾ هيو، جنهن ۾ پوليس جي ٻارنهن ڄڻن جو جٿو سوار هيو. هنن کي پار وڃي آپريشن ڪرڻو هيو. وچ سِير تي، قضا الاهيءَ سان ٻيڙي اونڌي ٿي پئي. ٻارنهن ماڻهو ٻڏي ويا. ڏهن جا لاش لڌا هيا. پر توهان جي والد ۽ منهنجي ڀاءُ جو لاش نه مليو. انهيءَ قضيي کي

نو ـ ڏهه سال ڪن ٿيندا، پر اجا تائين ...' استاد، عينڪ لاهي ٽيبل تي رکي، وهندڙ ڳوڙهن کي هڪدم رومال سان اگهي ورتو ۽ حاضري پرڻ ۾ مشغول ٿي ويو.

ان ڏينهن، جڏهن گهر موٽيو هو ته پهريون دفعو باقاعده ماءُ سان جهيڙيو هيائين ۽ چيو هيائين: 'امان، تنهنجون سيئي ڳالهيون ڪوڙيون ۽ جڙتو آهن ۽ تون وڏي ڪوڙي آهين.' ڪيترائي ڏينهن، هن ماءُ سان نه ڳالهايو هو، پر آهستي آهستي سندس ڪاوڙ ڍري ٿي وئي هئي.

مئٽرڪ ڪان پوءِ هن روزگار جي تلاش شروع ڪري ڏني هئي. ماءُ جي انهن هٿن کي ڏسندي، جيڪي مشين تي ڪپڙا سبندي ڪهرا ٿي پيا ها. چولن ۽ رَون تي هر مچ، نوپيٽو، چند ۽ چڪرو هٽندي، سندس آڱرين ۾ ٽنگ ٿي پيا ها. ويهڪ ڪري سندس جوڙن جو درد وڌي ويو هو. نور نچوئيندي نظر گهٽ ٿي وئي هيس. ماءُ کي جڏهن اها ڳالهه ٻڌائي هيائين ته چڙي پئي هئي.

'تون چا ٿو سمجهين ته چورو چنو آن ... تون ٻڌاءِ ته مان ڪنهن جي آڏو هٿ ٽنگيو آ؟ جڏهن آيو ته چا چوندو پٽهين ته منهنجي راجا کي پورو پڙهائيه ٻه نه .... اڳتي اها ڳالهه نه ڪجانءِ ....!'

هن کي، ماءُ جي جواب تي حيرانگي ٿي هئي ۽ سوچيو هيائين. ماءُ جي دل ٻه عجيب آهي ....! سچ ته ماءُ، عورت جو اهو روپ آهي، جيڪو جذباتي نه پر بذات خود جذبات آهي. جنهن جي آڏو، عشق ۽ محبت جون هڙيئي حدون ختم آهن، ان ڏينهن ڪان پوءِ ، هن وري ماءُ سان ڪڏهن ٻه اهڙي ڳالهه نه ڪئي هئي ...

مدئجي شهر جي گندي ڪڏ مان اٿندڙ بانس، هن جي ذهن جي پردي تي ڦرندڙ، منظرن جي تسلسل کي ٽوڙي وڌو ۽ کيس گهڙي کن، ساهه روڪڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو هو. ويگن جيئن ئي مدئجي جي آخري حد ٽپي وئي، ته صاف شفاف ۽ ٿڌي هوا، واڪا ڪندي، اڌ بند ، اڌ کليل درين مان اندر پئي آئي. ڪن نازڪ طبيعت ماڻهن زور زور سان نچان ڏيندي، درين ڪان وينل ماڻهن کي دريون بند ڪرڻ تي مجبور پئي ڪيو.

آهستي آهستي هو وري آسپاس ڪان بي نياز ٿي ويو ۽ سندس ذهن ۾ اهو منظر ڦرڻ لڳو، جنهن ۾ جذبن جي انتها ۽ عقل دنگ هيو.

شاديءَ واري ڏينهن تي، ماءُ پنهنجي ڏاج واري ٽرئنڪ مان، سانديل فوٽو ڪڍيا ها، جنهن ۾ سندس پيءُ ڪنهن فوٽوءَ ۾، خانگي ڪپڙن ۾ بيٺو هيو ۽ ڪنهن ۾ سرڪاري ڊريس سان. هوءَ ساڻس مخاطب هئي:

'ڏس، تنهنجو راجا صاحب! اڄ گهوٽ ٿيو ٿي ... تو چيو هيو، مان جلد ايندس پر تو اڄ ٻه دير ڪئي ..... مان تنهنجو لائون تائين انتظار ڪندس ... لائون تائين نه آئين ته صبوح

تائين انتظار ڪندس ... گهر جو در ڪليل رکندس ته متان موٽي وڃين، سياٽي به نه آئين ته ٻي ڏهاڙي، ٽين ڏهاڙي ....'

ماءُ ڏانديون ڪندي روئي پئي. هو سراپا حيرت بڻجي ڪيس تڪي رهيو هو. هن جي دل ۾ گهڻو ڪجهه آيو ته اڄ ماءُ کي صاف صاف ٻڌائي ۽ سندس تصوراتي دنيا کي ايئن پچي پورا ڪري، جئين خالي دلي کي پٽ تي ڦهڪائي نيڪراتيو ن ڪبو آهي.

'امان، تون جنهن جو انتظار ڪري رهي آهين، انهيءَ جا ته هڏا به ڳري ويا هوندا. جيڪڏهن اهو سڀ ڪجهه مون کي ريجهائڻ لاءِ ڪري رهي آهين ته مان توکي اڄ ٻڌايان ٿو ته تنهنجين تصوراتي ڪهاڻين کي مون پنهنجي ذهن مان ڌڪو ڏيئي اڇلائي ڇڏيو آهي يا ڪٽي ائين سمجهه ته مان پنهنجي پيءُ کي گهٽو ڏيئي ماري ڇڏيو آهي. مون کي ساڻس ملڻ جي ڪا به تمنا، حسرت يا انتظار ناهي. مان پنهنجي دل هيري وانگر سخت ڪري چڪو آهيان. جيڪڏهن تون پاڻ کي پرچائي رهي آهين ته به غلط ڪري رهي آهيان. ڪيستائين پاڻ کي دولاب ڏيندينءَ ... ڪيستائين رڃ ۾ اجايل هرڻي جيان پڄندي رهندينءَ!؟'

ماءُ جي آڏو، اهو سڀ ڪجهه چوڻ جو ست نه ساري سگهيو. صرف جذبات ۾ ڏڪندو رهيو. شايد ماءُ ان وقت ائين سمجهيو هجي ته سندس پٽ کي به وڇوڙي جي درد ، آنڌ مانڌ ڏيئي ڇڏي آهي، پر قطعي ان وقت ائين نه هو. هن کي ته ان وقت پيءُ بنهه ياد نه هو. جي ياد هيون ته اهي ڳالهيون جيڪي ونيءَ سان ڪرڻيون هيون، جيڪي تجربيڪار دوستن ڪيس ٻڌايون هيون يا ڪتابن مان پڙهيون هيائين.

نئين ديري جي باءِ پاس تي، ڪجهه ماڻهو لٿا ۽ ڪجهه چڙهيا ته هن جو خيال ڪجهه گهڙين لاءِ منجهي ويو. ڪجهه دير ماضيءَ جا منظر اندرين اک تائين هٽي ويا. ان جي جاءِ تي ٻاهرين منظرن ؛ ريل جي بند ۽ ٻونهين اوڳاڇيندڙ شگر مل ورتي. ويگن مڙي، جئين ئي ڏکڻ طرف، لاڙڪاڻي روڊ تي سڌ ڪيو، ته ٻنهي پاسن کان ٻينل ڇهچ ساون بيد مشڪن جي قطارن جي نظارن ۾ موهجي ويو. جڏهن ڪيهر ڳوٺ وٽ، وڏي اسپيڊ بريڪر ڪيس جهٽڪو ڏنو ته پنهنجي دنيا ۾ موٽي آيو ۽ سوچڻ لڳو ، هو ماءُ کي هن پيري، ڪجهه اهڙي نموني سان سمجهائيندو:

'امان، تون منهنجي ڳالهين تي ناراض نه ٿجانءِ. مان توکي دنيا جي هر هستي ۽ شئي کان اتم سمجهندو آهيان. ننڍپڻ ۾ هر بار ، توڙي جو پنهنجن احساسن کي لفظن ۾ ادا ناهي ڪري سگهندو ، پر محسوس ضرور ڪندو آهي ته ماءُ جو اُرهه ۽ پيءُ جو سينو ، سندس سڄي ڪائنات آهن. جڏهن ته تون منهنجي لاءِ ماءُ - پيءُ رهي آهين. مڃان ٿو ته ان وقت، جيڪڏهن تون اهڙيون اميدن پريون ڪهاڻيون نه ٻڌائين ها ته مان ذهني دٻاءُ جو

شڪار تي وڃان ها. منهنجي شخصيت ۾ اهو سنگم ۽ توازن پيدا نه ٿي سگهي ها ۽ ٿي سگهي ٿو ته چورو پاڻ زورو ٿي وڃان ها. پر خدا جي واسطي، هاڻي مون کي يادگيري نه ڏيار. مون کي پنهنجي پيءُ جي پاڇي پنيان نه ڊوڙاءِ. مان ڏاڍو ٿڪجي ۽ چڙي پيو آهيان. هونئن به ماءُ جو سينو سموند جيان ويڪرو هوندو آهي ۽ اولاد شوخ ۽ چنچل لهرن جيان. منهنجي ڪڙين ڳالهين تي ناراض نه ٿجانءِ ... منهنجو صرف توکي هڪڙو ئي عرض آهي ته وساري ڇڏ ته ڪو تنهنجي راڄا جو پيءُ ورٺو آهي ....'

هن پنهنجي رٿيل جملن جي ڪٽ ڪندي اندازو هنيو ته، جيڪڏهن هو ماءُ کي اهڙي ڏيرج ۽ آهستيءَ سان سمجهائيندو ته گهڻو ڪري سمجهي ويندي ۽ ڪيس درگذر ڪري سيني سان ائين لائي ڇڏيندي، جئين ساگر، اواچ لهرن کي سموئي ڇڏيندو آهي.

ويگن لاڙڪاڻي پهچي چڪي هئي. ويگن مان لهي، هن رڪشا ياڙي ڪيو. جيڪو زوڪات ڪندو، ڪچي دونهين کي هوا ۾ اڇلائيندو، سندس گهر سامهون اچي پهتو. هن رڪشا تان لهي، ڪال بيل جي بٽڻ تي هٿ رکيو، دروازو کليو. جڻ سندس بيچينيءَ منجهان انتظار پئي ڪيو ويو. ماءُ سندس سامهون بيني هئي. هن حيرانگيءَ منجهان ماءُ کي تڪيو، جنهن کي شاديءَ جو چمڪندڙ پنيو جوڙو پهريل هيو. ڪنن ۾ سونا جهومڪ ۽ ڪراين ۾ رنگ برنگي چوڙيون پئي ڪڙڪيون. خوشي سندس منهن مان پني ڏيئي پئي نڪتي. ماءُ هن کي ٻانهن کان پڪڙي چوڻ لڳي:

'تون چوندو هئين، منهنجي ڪهاڻي ڪوڙي آهي. جڙتو آهي. هل، هلي پنهنجي اکين سان ڏس ، پٺهين موٽي آيو ٿي ...'

هو ماءُ سان گڏ اندرين ڪمري ۾ داخل ٿيو. سندس جوءِ جي پر ۾ نئون جاول ٻار، منيون پکوڙيندي جنگهون هٽي رهيو هو. هن پنهنجي معصوم پيءُ کي هنج ۾ کڻي ماءُ کي ڏنو ۽ دل ۾ چيو: 'امان، واقعي تنهنجي ڪهاڻي سچي ۽ لاجواب آهي. اهڙي بهترين پڄاڻي واري ڪهاڻي اڄ تائين نه مان ٻڌي ۽ نه وري پڙهي آهي.'

## 2.8 ڏوجهرن ۾ قاتل زندگيون

مهينو جولاءِ جو ۽ وقت صبح جو آهي، آسمان تي هلڪن هلڪن ڪڪرن جي اچ وڃ لڳي پئي آهي. ٻبرن، ٻيرن ۽ نمن جون چوٽيون لڏي رهيون آهن. ڳوٺ ’رانجهي سدوري‘ جي مسيت (مسجد) ۾ ، جهرڪ، جهرڪين ڪي ديڪائي رهيا آهن. ڪنوارو مولوي، زيبيءَ جي ٽابريءَ ڏيءَ کي دير تائين سبق پڪو ڪرائي رهيو آهي. زيبي ، ڏيءَ جو انتظار ڪري تڪجي پئي آهي. سوچي ٿي: ’چوري کي سڏي اچان ته ماني کٽي وڃئون ٻنيءَ تي.‘

زيبي جومڙس عدلو، ڳوٺ جي اولهائين نئين نهيل روڊ جي پرئين پر، ٻنيءَ تي وانگارين سان گڏ روت ۾ مشغول آهي. عدلوءَ جون نظرون رکي رکي ٻچيءَ جي پنن ۾ ڪُپي وڃن ٿيون. جنهن جي سٽڻ جا پاچا ذري گهٽ گوڏن تائين ڪنيل آهن. ٻچيءَ جومڙس ڪوڙيءَ کي اک ۾ ڪيون مرايون هٽي رهيو آهي. ڪوڙي رونبو گهٽ چانجرا گهٽا ڪري رهي آهي.

رحيمان، ٽئي ويڙها ڳوٺ جا ڳولي ڳولي ٿڪي آهي، پر جانداهي ڪوتيءَ جو پتو نہ ڪرو. مونجهاري ۾ آهي تہ ڪڏهن اتو پيسبو، ڪڏهن ماني پچندي؟ جڏهن تہ ڪوتي، ڳوٺ جي مقام ۾ ، ٻوڙن جي اوت ’استاد گهر‘ لڳي پئي آهي.

ڳوٺ جي پهرئين ويڙهي جي آخري لانديءَ ۾، رستم جهانورو مولودن جي ڏم لايون وينو آهي. سندس سُر نهي ئي نٿو. ٽڙيءَ جي سُرڪي ڪيس ماري ڇڏيو آهي. پٽڪي ٿو: ’هيڏو سارو ويڙهو آ ... ڪنهن کي ٿي چار داٽا ڪارن مرچن جا بہ ڪونهن ، جو ڪٽي خدا ڪارڻ ڏين ... پر جي هوندن تہ بہ چوندا، ڪونهن!‘

ڳوٺ جي اوپر ۾، وهنڊڙ آچر واهه جي ٻوڙن مان، اجا نانگن جو جوڙو نڪتو مس، تہ سامهون نور سينو ساهيون بينو آهي. مادي، نر کي سمجهائي جڻ موٽايو آهي تہ، ڇڏيس وات ڳاڙهو آ، وات ڳاڙهي سان اتڪائڻ سني ڳالهہ ناهي ... آچر واهہ جي پرئين پر، خانو ڪبڙن هينان، ڪاني ۾ بليڊ اٽڪايون هينين سنت ادا ڪري رهيو آهي.

وچئين ويڙهي ۾ قادن ماءُ، قلمي قرآن هينان رپين جا بہ سو رکي پارت ڪري رهي آهي: وسيلا! پارت تي مان رن زال جي ... هاٽي ڪُل بہ هزار روپيہ ٿيئي!‘

پرسان واري گهر ۾، جمن جي ڪنوار، وهنجي جنابت لاٿي آهي. اڱڻ تي ڏندي ڏيندي، ڦٽيءَ ۾ اٽڪيل پرپٽن (وڏين جوئنن) کي ڪدي ننهن تي رکي، ماري رهي آهي. اک ديگهہ تي، ڪنگيءَ جو سنوڻ تي رهيو آهي. لانديءَ ۾ هتراڏو تنگ تيل آهي. متان

‘شاهي’ هينان ‘ربل’ بيني آهي، ٻن ٽن سالن جو ٻار ٽنگ مان، هيٺ مٿي ٿي رهيو آهي. ڪڏهن ربل جي هٿن ۾، ڪڏهن شاهيءَ جي هٿن ۾. ٻئي چئي رهيون آهن:

‘ٽنگ سوڙهو، شانو ٿلهو

شانو ٿلهو، ٽنگ سوڙهو.’

ڪنگي ورتل شاني، ٻرڙات ڪندي مُٽي ڏنو آهي.

وچئين ويڙهي جي اوپارين گهر جي ڪونيءَ ۾ حياتان چانورن جو اٽو ڪتن کان لڪرائي، ماٽيءَ ۾ وجهي رهي آهي. سوچي ٿي: ‘وڌ ۾ وڌ مڙسن کي ٽي مهينا ڪتي لڪ ڪارائبي آهي ته ڪتي وانگر پڇ لوڏڻ شروع ڪندا آهن. ٽيون سال آ، هن ماريي کي اثر ئي نٿو ٿئي. جڏهن ڏس تڏهن مچرجي، پاٽيءَ جيڏا ڳوڙها ٿو ڪري چڏي.’

ٻاهر اڱڻ جي ٿلهي تي ڏيرياٽي جنت، ڪير ولوڙي ٿڪجي پئي آهي پر نڪتي اها ئي ٽيگڻي آهي. دبرندي چئي رهي آهي: ‘پڪ اها حسنه ساڙوتي آهي، جيڪا پڙهيا ٿي وجهي.’

حسنه، ڪنڌيءَ جي ٻئي پاسي، ڪنڌ جهڪائي ٻين سان گڏ رلهين جا سيبا ڪري رهي آهي. اوچتو سندس اکين ۾ سَرت پئجي ويو آهي. ماسي نصيبان ڪنَ مان چانديءَ جي والي ڪڍي، ڏوئي ڏيوئي واليءَ جا ڪنارا سندس اکين ۾ گهمائي چئي رهي آهي:

سَرت پيجانءِ؟’

‘پيج.’

‘سرت پيجانءِ.’

‘پيج!’

ستن دفعن کان پوءِ حسنه کي آرام اچي ويو آهي.

ڳوٺ جا ٽابر چورا، اتر پاسي، پاٽيءَ جي ڪڏ ۾ تڙڳي تڙڳي، اکيون جيرا ڪري موٽيا آهن. گوڏ جي پلون ۾مچين جي در ۽ شاڪر قاسايون آيا آهن. ڪن کي وڻ ويڙهيون وات ۾ آهن. ڪن ناڙي جي ڏاندين مان توتاڙيون ناهيون آهن. زور سان وڄائيندي، ڳوٺ جي ڪراڙن ۽ ڪراڙين کي تائي تپائي ڏنو آهن.

‘او بس ڪيو ... آکھ جا ....!’ نانو صالح جنهن کي اڳيئي جادل ذل ڪري ڇڏيو هو، سو ويتر چڙي پيو آهي.

‘او نانا! ڏاڳو وٺي ڏي ... الائي چور تپ ٽيو ٽس.’

‘ڦوت ....! سڄي ڳوٺ ۾، مان هڪڙو چور هيس چا ...؟ ڏاڏنهن ته حج ڪئي کان پوءِ ٻه هٿ مان رسو نه ڪڍيو هو.’

‘نانا، ان جو نٿو لڳيس ... ٽنهنجونانءُ وڏو آهي.’

ناني صالح جو هاڻ نري پيو آهي. هن ڏاڳو وٽڻ شروع ڪيو آهي ۽ چئي رهيو آهي:
’اسان هياسين بادشاهه چور، ڪن ڏاڏنهن وانگر ٻڪريون ٺڪريون ڪاهيندا ها سي ....!‘
جادل مڙس لاءِ سڳو وٽي واپس وري رهي آهي.
پوئين ويڙهي واري نم هيٺان ڇوڪريون گُڏي گڏي کيڏي رهيون آهن. پنهنجين وڏين جي اهل ڪندي، ڪوڙ پڇائيءَ جو جهيڙو ڪري رهيون آهن: ’ها، ها ....! تهان وري متئون لهي آيون آهيو ... شهر جون شوديون ....!‘
’بس ڪر ... ڪدڙي ڪڪڙ!‘
’پاڻ هوندئين ....!‘
هڪڙي ڇوڪري مٿو ڪنهندي، بيزاريءَ جو اظهار ڪري رهي آهي: ’ادي، هاٽي جهيڙي ڪان بس ٻه ڪيو .... اڇو ته سهرا چئون ....!‘ ائين چئي هڪ سهري جو سُر ڪڍي رهي آهي:
ونل جو جورو ڍڪي آ رومال سان،
ڍڪي آ رومال سان وڏي اقبال سان ...‘
’نه ادي، نه ....! اهو نياڳو سهرو ريديي تان ٻڌي ٻڌي متي ۾ سور پئجي ويو آ ...!‘
’ڪهڙو پلا!؟‘
اها ڇوڪري تنگ تي ڪائنس پڇي ٿي. ٻيون سُر ڪڍن ٿيون.
’او، مون کي نٿو وٽي لاڙڪاٽو، ڙي اديون!
او ، مون کي ملڪ وٽي تو اباٽو .... ڙي اديون!‘
وڏي نم جي پر ۾، ڳوٺ جي چڱي مڙس صيفل جو گهر آهي. صيفل جي وڏي ننهن ڳلان ڪوسي خاڪ ۽ ٻيرچون ڪنيون موريز ڏانهن وجي رهي آهي. صيفل جي زال قذي متي کي پيندبون ٻڌي سُتي پئي آهي. صيفل، وڏي پٽ لاءِ پوٽي کان خط لکرائي رهيو آهي:
’لکيس .... ته ڪل خير آهي ... باقي جيڪا ڇوڪر جانب وارن اسان کي ڏيٽي ڪئي هئي ، تو واري رشيد لاءِ. پوءِ قري ويا ها ... قذرت خدا جي، وجي تي ڪڏ مان متي ڪيڻ، پيس پير ترڪي، ڏو تار پاٽيءَ ۾ .... ٻڌي مئي ... دل کي ڏادي فرحت آئي .... ابا، دشمن هن، دشمن جي دانگي پڄي ته ٻه چڱي ... پر مان ڏيکاوَ خاطر مڙيئي در لنگهي، رضا الله جي ڪري آيو مانِ .... پاٽين مجو ڏاڍو ڪاوڙيو، چئي .... اسان کي ڏسي ٻانهون پنيان اڇلي هلندا آهن ... پلا جي اڇلن ٽا ته پنهنجي پُٽ جون مکيون تڙيندا، اسان کي ڇا ڪندا، ڪن نه!؟‘

رشيد، جيڪو انين درجي ۾ آهي. ’ها!‘ چوندي، اڌ گابرو لڪي رهيو آهي. صيفل ڪنگهي ڪڙڪي نڙي صاف ڪري، وري لڪائڻ شروع ڪيو آهي:
’لکيس .... ته ٻيو مڙيئي خير آهي ... باقي دادوءَ کي ڪک سنگهيو هو. ابا، خبر ته هوندءِ .... هسپتال ۾ نانگ واريون سيون ڪو نه ٿيون ملن .... بچڻ مشڪل ٿس. باقي حياتي الله وس آ ... ٻيو ابي کي جوان منهنجي ۽ رشيد لاءِ نيشنل ٽيپ ۽ سعودي مان ريل (ڪيسٽون) وٺيون اچجانءِ ... ائون رپين جا ويهه هزار به ڪنيون اچجانءِ ... جو هيل وڏو خرچ آيو آ ... آبدار کي به ٻوٻو ڏيٽو آ ... ائون ..!‘
اوچتو ڳوٺ ۾ رڙو رڙ مچي وئي آهي. صيفل خط روڪرائي ڪنائي رهيو آهي. خانوءَ کي ٿڪو اچي ويو آهي. ڳالن جو ڪم اڌ ۾ رهجي ويو آهي. عدلو رونبو ڇڏي، ڳوٺ ڏانهن ڀڳو آهي.ڪٽي جو سنيالن ته، پوليس خان ڏني، قادن، مجو، منو، جانب، ۽ دينو، ڇهن ئي کي هنيون ڪنيون وئي آهي. هرڪو هڪ ٻئي کان پڇي رهيو آهي. ڇو ....؟ ڇاتي ....؟ جن ڏٺو، تن ٻڌايو ته ڌاڙيلن جي پويان، ڪچي ڏانهن ويندڙ، پوليس جون به گاڏيون موٽيون پئي آيون. گاڏين کي ڳوٺ وٽ بريڪ لڳي، چيڪات نڪتا. ٻنين واري پاسي کان خانوند، گوڏ، گنجيءَ ۾، گاهه جي ڀري ڪنيون پئي آيو. پوليس وارن سڏي پڇيس: ’هن ڳوٺ ۾ رهندو آن!“‘
’ها، سائين!‘
’ويهه گاڏيءَ ۾!‘
خانڌنو ڀري اڇلائي، گاڏيءَ ۾ ويهي رهيو. قادن ڳوٺ کان نڪتو پئي آيو ، ٻاهرين ڪوهه تي ڏاندن کي پاڻي پيارڻ. پوليس وارن پڇيس: ’نالو ڇا تي!؟‘
’قادن!‘
’جي تون قادن آن ته پوءِ ويهه گاڏيءَ ۾ ....!‘
ائين سيني کي رستي تان جهليندا، گاڏيءَ ۾ وجهي شهر هليا ويا آهن.
صيفل جي گهر ۾ زالين مردين جُهم لڳو پيو آهي. پهه پچار هلي رهي آهي ته هاڻي ڪيئن ڪجي ...؟ جيترا وات اوتريون ڳالهيون آهن. ڪو چوي ٿو، نباب (نواب) صاحب، ايمني (ايم - اين - اي) ڏي هلجي. ڪو راءِ ڏئي ٿو ته، رئيس وڏي اينپي (ايم - پي - اي) ڏي هلجي. سيئي وري ويچارن ٿا ته : جي نباب ڏي وجبو ته جواب ملندو. ٻاهر ويو آ. پڇبو: ڪاڏي؟ ... ته چوندا، خبر خداءِ کي ... جي رئيس ڏي هلبو ته چوندا، ستو پيو آ.
آخر ۾ صلاح اِها بيني ته، ادي پير بئڪ(پير بخش) ڏي ٿا هلون. رهي به پر واري ڳوٺ ۾ ٿو. اڳي ڪٽي ٽنينگ هو، پر هاڻي راهي رسائي وارو ٿي ويو آهي. اڄ ڪلهه هليس به ڇڱي ٿي. اسلان باد (اسلام آباد) به ويندو آ .

اهڙي ڳڻ ڳوت ڪري، صيفل ويڙهن جا ٻه چڱا غلامو ۽ هاشم ساڻ ڪنيا آهن. ادي پير بخش وٽ پهتا آهن. ادي پير بخش سڌي ڳالهه ڪين ته، پنهنجي پر ۾ وس ڪندو ته مفت ۾ ڇڏائي، پر پوءِ ٻه ات پئه ۾ بلو پيٽي ڪري هلجي ته بهتر آ.

ڳوٺ ۾ وٽ سٽ تي وئي آهي. قذي، ماءَ جا آنڊا، ڏڪندڙ هٿن سان اوڏڪي پٽ جي وٿيءَ ۾ پراٽين اگڙين ۾ ويڙهيل گتيل پيسا ڪديا آهن. حسنه مڙس لاءِ رنگهي چنگهي رلهي اديڙي آهي. قادن ماءُ قلمي قرآن هينان ٻه هزار روپيه ڪديا آهن. ڪنجهي ڪرڪي رهي آهي: ‘ڇهندين سان ميڙيا هيم ... وري اهي رٽُ جون مانيون، سورن جو ساڳ ....’ تنهن ڪان سواءِ ڪنهنجو سينڊ قل، ڪنهنجو ٽڪو، ڪنهني نسبي، ڪنهنجو ڪنگڻ، ڪنهنجون واليون لهي، ڳڏ تي، هڪ ڳنڍڻي ۾ پيون آهن.

نهي سنيري اچڻ ڪان پوءِ ، پير بخش پنهنجي اڏوراٽي ڪار ڪدي آهي. صيفل ۽ بين چڱن ڪي ويهاري، پهريائين ڪين شهر جي سوناري ڏانهن وني ويو آهي. سون وڪٽائي سدو ٿاڻي تي آيو آهي. صيفل ۽ ٻه چڱا مڙس ٻاهر بينا آهن. اندر ٿاڻي ۾ پير بخش ۽ پوليس انسپيڪٽر جون ڳالهيون ٻولهيون هلي رهيون آهن. هٽندي ماريندي سجو معاملو سٺ هزار ۾ طئه ٿيو آهي. قدرت خدا جي، مالڪن وٽ ٻه پورا سٺ هزار آهن. سومهياٽي ڏاري همراه ڇُٽي نڪتا آهن. ڳوٺ ڪان شهر پنج ڪلو ميٽر ڪن پرتي آهي. پنڌ هٽي ڳوٺ پهتا آهن. ڳوٺ جي سيني عورتن، مردن ۽ ٻارن جون ننڊون حرام آهن. ڳاراڇو هلي رهيو آهي. ڇُٽل ٻڌائي رهيا آهن ته، ٿاڻي تي، پوليس پهريائين ته ساٽن ڏاڍي وڙهي. چيائون: ‘اونٽ ڏيو ... هجي ڪا ڳائي وائي ته ٻڌايون ... بس جڏهن ادو پير بئڪ (پير بخش) پهتو ته ڌمر لٿو.’

سيني ادي پير بخش جي تعريف ڪرڻ شروع ڪئي آهي: ‘نه ، نه ....! وڏي شابس تس ... اها تسبيح واري جي دعا تس ... جاڪون لاڪون اسلان باد وجڻ شروع ڪيو ٿئين، تاڪون لاڪون اها تسيبح هليس تي، پڙهي ته الائي چا تو!؟’

صيفل ڪي اوباسيون اچي رهيون آهن. وات تي هٿ رکي، اوباسيءَ ڪي روڪيندي، سيني ڪي چوي ٿو: ‘هلو ...! هاڻي سمهي پئه. رب ڪي سنياري ... سياڻي خط پورو ڪرائي ٻه ته موڪلٽو آ.’

سيئي آهستي آهستي ڪک پن تي رهيا آهن. هوڏانهن ادو پير بخش ٻه پنهنجي گهر ۽ ڳوٺ ۾ خوش آهي. سوچي ٿو، ‘ڪجهه ته هانوَ جهل تي ... نانگ ته ناهيان جو مٽي ڪاوان .....’

# 3. صوفي ڪهاڻيون

## 3.1ءِ شهر اونڌو ٿي ويو ....

باک ڦٽيءَ چڪي هئي. ڳاڙهو سج، آهستي آهستي اوپر مان ڪني ڪڍي رهيو هو. ٽڪرين تي ٽڏڙي هير گهلي رهي هئي. چوڏاري هيڙها ۽ بلبلا چهڪي رهيا هيا.
چو ٽنييءَ تي 'قلندر شهباز' پوري جاهه و جلال سان بيٺو هيو. هيٺ تي سڀ اوري جا ۽ پري جا طالب ۽ مريد بيٺا هيا. جيڪي سندس لب ڪشائيءَ لاءِ منتظر هيا.
قلندر شهباز ، جنهن جو ڳاٽ ، ڳچيءَ ۾ وڏل گلوبند جي ڪري ٿورو جهڪيل هيو ، سو اوچو ٿيو. هن ٽڪريءَ تي بيٺل سيني طالبن ۽ مريدن تي طائرانہ نظر وڌي ۽ پوءِ پنهنجي هڪ هٿ ۾ جهليل ڏنڊي کي لهرائيندي فرمايو:
'سيوهڻ جي قلعي واري شهر ۾ رهندڙ ماڻهن کي وجي ٻڌايو ، تہ اسان راتو رات قلعي واري شهر کي اونڌو ڪرڻ وارا آهيون. جو هاڻي انساني بي حسي پنهنجي انتها کي پهچي چڪي آهي. ان ڪري جيڪو ساٿ ڏيندو، اُهو ئي سرخرو ٿيندو ۽ جيڪو منڪر ٿيندو ، اُهو ذليل و خوار ٿيندو!'
سيئي طالب ۽ مريد 'آمنا صدقنا' چئي، شهر طرف ڊوڙيا ـ ۽ پوءِ گهرن، محلن ۽ ماڙين ۾ اِها هُو هُواءِ ٿي وئي، تہ قلعي وارو شهر راتو رات اونڌو ٿي ويندو ـ هر شئي پنهنجي جڳهہ تان هٽي ويندي. اُهي جن پنهنجي مستقبل کي محفوظ ڪرڻ لاءِ حد کان وڌيڪ ناهيو ۽ ميڙيو آهي، اُهي دربدر خاڪ بسر ٿي ويندا. جن جا ڳاٽ نخوت، تڪبر ۽ گهمنڊ جي ڪري مٿي آهن، سي مليا ميٽ ٿي ويندا. ڪجهہ بہ نہ بچندو. جي بچندو تہ صرف نانءُ الله جو ـ
شهر جي اهڙن ماڻهن، جن کي ڪجهہ نہ ڪجهہ احساس هيو، تہ شهر ڏوهن ۽ گناهن جي ڏبڻ ۾ ڦاسي چڪو آهي، سي فڪر مند هيا تہ ڇا ڪجي ...!؟ ۽ اُهي جن جي اندر ۾ بي حسي گهرُ ڪري وئي هئي، سي خوب کليا، تہ هڪ سڄي قلندر کي ڪهڙي مجال جو صدين جو نهيل قلعي وارو شهر، جنهن جي هڪ هڪ سِر زور زبردستي ۽ طاقت جي بنياد تي رکيل آهي، سو هڪ رات ۾ ڪيئن تو اونڌو ٿي سگهي!؟'
جڏهن جاسوسن ۽ مخبرن وٽان اِها ڳالهہ منترين ۽ پوءِ مُک منتري وٽان ٿيندي راجا چربٽ جي ڪنن تائين پهتي تہ راجا چربٽ کِلي کِلي کيرو ٿي پيو.
راجا کِلندي چوڻ لڳو: 'هي قلعي وارو شهر مضبوط جُڙيل آهي ـ جنهن جي بنياد ۾ بي حسي جا پٿر پيل آهن ۽ ديوارون خون سان رنگيل آهن. هن کي سڪندر اعظم جهڙو

حملي آور ته ڌوڏي سگهي ٿو پر هڪ ننگ ڌڙنگ فقير، جنهن جي هٿ ۾ ڪاٺ جو ڏنڊو هجي، ڪجهه به نٿو ڪري سگهي.'
راجا چربٽ جي ان ڳالهه جي تصديق سيني درٻارين، پوري شد ۽ مد سان ڪئي.
راجا اعلان ڪيو ته سڀاڻي شام جو سڀ 'راج سڀا' ۾ حاضر ٿين، ته جيئن ان ڊونگي فقير ۽ سندس ساٿين لاءِ ڪا سخت سزا تجويز ڪري سگهجي. سيني درٻارين اچڻ جو واعدو ڪيو ۽ پوءِ اُٿي ويا.
اُها رات، جڏهن قلعي جي اندر پاڻ کي محفوظ سمجهندڙ ماڻهو گهرن ۾ ستل هيا. ڪي نرم ۽ نازڪ سينن سان چهٽيل هيا. اُن وقت ڪجهه ماڻهو پراسرار جهدو جهد ۾ مصروف هيا. هنن هر اُنهيءَ گهر جو ڪڙو ڪڙڪايو ، جتان ڪين ڪا جُهڻ پڻ ٻڌڻ ۾ پئي آئي. ۽ پوءِ هنن، اُن کي ، من جي سچائيءَ سان مرشد جو پيغام پئي ٻڌايو ـ ۽ ماڻهن مرشد جو پيغام ٻڌي 'آمنا صدقنا' پئي ڪئي ۽ يقين پئي ڪيو ته قلعي وارو شهر هاڻ ضرور اونڌو ٿيندو.
جيئن ئي باڪ ڦٽي ۽ صبوح ٿيو ته هر اڪ ڏٺو ته قلعي وارو شهرواقعي اونڌو لڳو پيو هو .....
وڏن دروازن کلڻ کان پوءِ، قلعي کان ٻاهر رهندڙ سادا سودا ماڻهو، جڏهن ڪمي ڪارين قلعي ۾ پهتا ته اهو ڏسي دنگ رهجي ويا ۽ سوچڻ تي مجبور ٿيا ته چا ائين به ٿي سگهي ٿو ....!؟ ۽ پوءِ اُنهن قلندر شهباز جي شان ۾ عقيدت جا گيت ڳايا ۽ اهو چوندي ٻاهر هليا ويا ته واقعي اهو هڪ انقلاب آهي.
شهر ۾ جيڪي گهر اونڌا نه ٿي سگهيا هيا ته صرف ڪجهه خاص درٻارين جون ماڙيون ۽ راجا جو محل ـ جيڪي نهايت مضبوط هئن ۽ سخت دل ڪاريگرن جا نهيل هيا.
شام جو جڏهن دربار لڳي ته راجا چربٽ ۽ درٻاري پوري وقت تي پهتا، پر مُک منتري غائب هيو.
راجا، درٻارين کان پڇيو: 'مُک منتري ڪٿي آهي؟'
منترين وراڻيو: 'خبر ناهي!'
راجا ڪاوڙجي حڪم ڪيو: 'مُک منتري کي هڪدم گهرايو وڃي، جو اسان پنهنجي شهر جو حال معلوم ڪرڻ چاهيون ٿا.'
دربار جو خاص قاصد اجان اُٿڻ وارو هيو ته مُک منتري گهبرايل گهبرايل انداز ۾ اندر داخل ٿيو.
'چا ڳالهه آهي؟' راجا چربٽ پڇيو.
'جان جي امان هجي ته عرض ڪريان؟'

‘جان جي امان آهي. جلد ٻڌاءِ ته شهر جو ڇا حال آهي؟’ راجا جان جي امان ڏيندي پڇيو.
مُک منتري وراڻيو: ‘جهان پناهه ...! قلعي واري شهر جا اڪثر گهر اونڌا ٿي چڪا آهن. ماڻهو اونڌا ٿي چڪا آهن. ذهن اونڌا ٿي چڪا آهن. شهر جي هر شئي پهريان کان مختلف ۽ اُبتي ٿي چڪي آهي.’
‘اِهو تون ڇا ٿو چئين، مُک منتري!؟’ راجا حيرت مان وراڻيو.
‘ها راجا ...! جن گهرن جا ماڻهو اڳ لڪشمي جي پوڄا ڪندا هيا، اُهي صبوح جو مندرن ۾ نه پهتا .... ۽ نه اچڻ جو سبب اهو ٻڌايائون ته هاڻي اسان کي ظاهري لڪشمي جي ڪا به ضرورت ڪونهي. جي آهي ته اندر جي لڪشمي جي، جيڪا اسان کي حاصل ٿي چڪي آهي.’
‘۽ ماڻهو ..!؟’ راجا ماڻهن بابت پڇيو.
‘اُهي به اونڌو وهنوار ۽ واپار ڪري رهيا آهن. ڪو به تور ۽ ماپ ۾ بي ايماني نٿو ڪري ... ڪو به سون ۾ ٽامو نٿو ملائي ... هر ڪو بازار ۾ هيري کي هيرو ۽ پٿر کي پٿر چئي وڪڻي پيو.’
مُک منتري تفصيل سان ٻڌايو.
‘۽ ذهن ڪيئن اونڌا ٿي ويا آهن!؟’ راجا مُک منتري کان بي چين ٿي پڇيو.
‘راجا ...! افسوس ته اِهو آهي ته اسان جي شهر جا ماڻهو نفرت کان نفرت ۽ محبت سان محبت ڪن ٿا. ‘مني ڪوڙ’ جي جڳهه تي ‘ڪڙو سچ’ ڳالهائن ٿا. فقيرن جي عزت ۽ اميرن کي ڪنگهن ئي نه ٿا.’
‘هڪ رات ۾ ايڏو وڏو انقلاب ڪيئن ممڪن آهي!؟’ راجا، پريشاني وچان مک منتري کان پڇيو.
‘اِهو اُن فقير ۽ درويش جو پيغام آهي، جنهن کي ماڻهو قلندر شهباز چون ٿا. جڏهن اسان غفلت جي ننڊ ستل هياسين ته اُهو پيغام گهر گهر پهچي ويو ۽ ماڻهن جو ضمير بيدار ٿي ويو.’
‘آخر اُهو، اهڙو ڪهڙو پيغام آهي، جو ماڻهن ۾ ايڏو اعتماد اچي ويو آهي!؟’ راجا چربٽ تجسس وچان پڇيو.
مُک منتري وراڻيو: ‘قلندري پيغام اِهو آهي ته هر انسان جو روح پير، وجود مريد، دل مرشد ۽ فهم طالب آهي. ان ڪري حق ۽ سچ جي وات اُتان ئي ملندي، ٻي وات ونڻ جي ڪا ضرورت ڪونهي.’
پيغام ٻڌي، راجا چربٽ کان ڇڻ ساهه ڇڏائجي ويو. هن جهيڻي آواز ۾ چيو:
‘مُک منتري ....! واقعي شهر اونڌو ٿي ويو.’

## 3.2 اصلي چهرا

اوچتو هڪ ڏينهن اهڙو طوفان آيو، جو شهر جي ماڻهن جي چهرن تان ماسڪ لهي ويا.
ماڻهو هڪ ٻئي جا اصلي چهرا ڏسي ايڏو ته ڊنا، جو سيني ڪٽي جهنگ مُنهن ڪيو.
جهنگ جي جانورن جڏهن شهر جي ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏٺو، ته توبهه توبهه ڪندي چيائون: 'بدشڪل ته ڪيڏا آهن ....!؟ هنن انسانن کان ته اسان جانور به چڱا آهيون.'
*

## 3.3 جاگيردار صوفي

هڪ محفل ۾ جاگيردار صوفي، دعويٰ ڪندي پئي چيو:
'صوفيت ئي اُهو واحد نظريو آهي، جنهن جي ذريعي سڄي دنيا ۾ امن ۽ آتشي کي آڻي سگهجي ٿو.'
'سائين! پوءِ اوهان پاڻ سان هٿياربند باڊي گارڊ ڇو ٿا کڻيون وتو؟'
محفل ۾ ويٺل هڪ همراهه ڪائنس سوال ڪيو.
'اسان جي گادي تي ٻيا به دعويدار آهن. ان ڪري سر بچاءُ فرض آهي.'

## 3.4 سزا ڏيندڙ منصف

پاپ نگر ۾ هڪ شخص جو ڏوهه اِهو هيو ته هُن ڪو به ڏوهه نه ڪيو هو. شهر جي قاضي تعذير جاري ڪندي چيو:
'هن کي اِن ڏوهه جي ٻڌي سزا ڏني وڃي ٿي.'
جلاد پريشان ٿي ويو ته قاضي ٿوري وضاحت ۽ رعب سان چيو:
'هن کي هڪ ئي وقت پوڙيو ۽ ساڙيو وڃي.'
اُهو ٻڌي عام ماڻهو پريشان ٿي ويا پر جلاد کي ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي، جو آخر جلاد هيو. هو اُن مجرم کي ماڻهن جي هجوم ۾ درياهه تي وٺي آيو. پهريان اُن کي چوني جي ٻوري ۾ وڌائين، پوءِ ٻوريءَ جو منهن بند ڪري، درياهه ۾ اڇلايائين.ٿوري دير کان پوءِ ٻوريءَ کي ٻاهر ڪڍي کوليائين ته سين کي ٻي ڏوهي مجرم هڪ ئي وقت ٻڏل ۽ سڙيل

نظر آيو. وقت جي وهندڙ درياهه تي بيٺل ماڻهوءَ شهر جي قاضيءَ جي تعريف ڪندي چوڻ لڳا:
’عدل ڪرڻ برابر نٿو اچيس، پر سزا ڏيڻ جو سوئر (ماهر) آهي.‘

## 3.5 اسرارِ خودي

هڪ ڏينهن بندي جي خودي، جڏهن چوٽ چڙهي، آسمان سان گسڻ لڳي ته خدا پڇيس:
’بڌاءِ، آخر تنهنجي مرضي ڪهڙي آهي؟‘
’بندي وراڻيو:
’تون هيٺ لهي آءُ، ته مان مٿي چڙهان.‘
پوءِ خدا هيٺ لهي آيو ۽ بندو مٿي چڙهي ويهي رهيو.
اُن ڏينهن کان پوءِ بندو لهڻ جو نالو ئي نٿو وٺي ۽ خدا ڪيس حيرت مان تڪي ۽ سوچي رهيو آهي، ته ڇا بندي جي اسرارِخودي  اِها آهي ...!؟

## 3.6 رَمــلُ

هڪ رمل جي علم رکندڙ چيو:
’رَملُ اُهو علم آهي، جيڪو نقطي ۽ لڪير جي مدد سان ماضي ۽ مستقبل ڪي بيان ڪري سگهي ٿو.‘
بي علم همراهه اُن کي چيو:
’ماضي ته ماضي آهي پر مون کي مستقبل کان واقف ڪر!‘
رمل جي عالم وراڻيو:
’تنهنجو مستقبل اونداهو آهي ۽ تون هڪ ڏينهن ضرور مرندين!‘
بي علم همراهه وراڻيو:
’اِها ته مون کي به خبر آهي!‘
’بس ته پوءِ تون به رملَ جو وڏو عالم آهين!‘

*

## 3.7 ٻہ انا پرست

هڪ انا پرست چيو:
‘منهنجي انا ايڏي وڏي آهي، جيڏي هيءَ خدائي آهي.’
ٻي انا پرست وراڻيو:
‘منهنجي انا ايڏي وڏي آهي، جيڏي هيءَ خدائي بہ ناهي.’

## 3.8 معاف ڪندڙ

هڪ ڏينهن، خدا هڪ عبادت گذار کي چيو:
‘آءٌ تو مان بيزار ٿي ويو آهيان.’
‘ڇو!؟’ عبادت گذار حيرانگيءَ مان وراڻيو.
‘توکان تہ اُهي دهريا بہ چڱا، جيڪي نہ واعدو ڪندا آهن ۽ نہ ڦرندا آهن.’
‘ڪهڙو واعدو؟’ عبادت گذار، خدا کي چيو.
‘تو ن عبادت وقت، مون سان هر ڀيري برائي نہ ڪرڻ ۽ صراط مستقيم تي هلڻ جو واعدو ڪري، وري ڦري وڃين ٿو.’ خدا عبادت گذار کي ياد ڏياريندي چيو.
عبادت گذار وراڻيو:
‘اي خدا! آءٌ توکي ان ڪري ئي تہ مڃان ٿو، جو تون معاف ڪندڙ آهين.’

## 3.9 ناشڪُرو

خدا، هڪ ڏينهن بندي کي چيو:
‘تو مون کي ڏاڍو خوار ڪيو آهي!’
‘آءٌ تہ اوهان جي عبادت لاءِ مسجدون، مندر، گرد وارا، ڪليسائون، پگوڊا ۽ عبادت گاهون جوڙايون آهن.’ بندي وراڻيو.
‘ان ڪري ئي تہ چوان ٿو تہ تو مون کي ديوارن ۾ مقيد ڪري، پنهنجو قيدي بڻائي ڇڏيو آهي.’
بندي وراڻيو: ‘اي خدا! ناشڪرا تہ انسان هوندا آهن، تون ڪڏهن کان ٿيو آهين؟’

# .4 گرو چيلو ڪهاڻيون

## 4.1 بکيو

‘دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو بکيو ڪير آهي؟’
گرو ، چيلي کان پڇيو:
چيلي وراڻيو: ‘اُهو جنهن کي سڄي دنيا جي زمين ملي ، ته به چوندو ، ته ڪجهه نه مليو!!’

## 4.2 روشنيءَ جو انڌو

گرو:
‘روشني جي انڌي ۽ اوندهه جي انڌي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟’
چيلو:
‘گرو جي!
اوندهه جو انڌو، ڏسڻ چاهيندو آهي. مگر ڏسي ناهي سگهندو. ۽ روشني جو انڌو ڏسي به ناهي ڏسي سگهندو!

## 4.3 تون ۽ مان

گرو: ‘رن جي چور کان وڏيڪ برو ڪيرُ؟’
چيلو: ‘ اَن چور ڪوئو ...!
گرو: ‘نيڪ ... اَن چور ڪوئي کان وڏيڪ برو ڪيرُ؟
چيلو: ‘ دک بلو ... ڏنوان ...!
گرو: ‘نيڪ ... دک بلي ڏنوان کان وڏيڪ برو ڪيرُ؟
چيلو: ‘ ڏرمي ڪتو ...!
گرو: ‘نيڪ ... ڏرمي ڪتي کان وڏيڪ برو ڪيرُ؟
چيلو: ‘ سياسي سوئر ...!
گرو: ‘نيڪ ... سياسي سوئرکان وڏيڪ برو ڪيرُ؟

چيلو: ' مقدس ڳئون ...!
گرو: 'نيڪ ... مقدس ڳئون کان وڏيڪ برو ڪيرُ؟
چيلو: ' مقدس پيءُ ...!
گرو: 'نيڪ ... مقدس پيءُ کان وڏيڪ برو ڪيرُ؟
چيلو: 'پڳوان ...!'
گرو: 'پڳوان کان وڏيڪ برو ڪيرُ؟
چيلو: 'انسان...!
گرو: 'انسان کان وڏيڪ برو ڪيرُ؟
چيلو: 'تون' ...!
گرو: 'تون' کان ڏيڪ برو ڪيرُ؟
چيلو: ' مان' ...!
گرو: 'تون' ۽ 'مان' ۾ ڪھڙو فرق آھي؟'
چيلو: 'تون بہ تون آھين، تہ مان بہ مان آھيان ...!'

## 4.4 لانگ بوٽ وارو

گُرو ، چيلي کان پڇيو: 'متي ۾ عقل ڪنھن کي ھوندو آھي؟'
چيلو: 'جنھن جي ڦتل ھوندي آھي!'
گرو: 'نيڪ ... اک ۾ عقل ڪنھن کي ھوندو آھي؟'
چيلو: ليکڪن کي.
گرو: 'نيڪ ... وات ۾ عقل ڪنھن کي ھوندو آھي؟'
چيلو: سياستدانن کي.
گرو: 'نيڪ ... دل ۾ عقل ڪنھن کي ھوندو آھي؟'
چيلو: عورت کي.
گرو: 'نيڪ ... غريب کي عقل ڪنھن ۾ ھوندو آھي؟'
چيلو: پيٽ ۾.
گرو: 'نيڪ ... آفيسر کي عقل ڪنھن ۾ ھوندو آھي؟'
چيلو: ڪياڙيءَ ۾.
گرو: 'نيڪ ... طاقت ور ڌر کي عقل ڪنھن ۾ ھوندو آھي؟'
چيلو: 'لانگ بوٽ ۾.'

گرو: ’نيڪ ...هاڻ ٻڌاءِ ته تون عقل ڇا ۾ رکڻ چاهين ٿو؟‘
چيلو: ’لانگ بوٽ ۾.‘
گرو: ’ڇو؟‘
چيلو: ’لانگ بوٽ وارو عقل طاقتور هوندو آهي، ڪنهن کي به بي سبب چيپاٽي سگهي ٿو.‘
ائين چئي چيلي، پنهنجي لانگ بوٽ سان، گروءَ کي چيڀٽ ڏئي ڇڏي.
ته گرو رڙ ڪري چيو: ’بيشڪ، تون وڏو عقلمند آهين!‘

## 4.5 جنت ارضي

پنهنجي ملڪ ۾، چيلو ڪيترن ڏينهن جي رلڻ پنڻ، گهمڻ ۽ ڦرڻ کان وٺ، گُروءَ جي آشرم ۾ پهتو. ته گرو ڪائنس پڇيو:
’ايترا ڏينهن ڪاٿي هئين؟‘
چيلي وراڻيو: ’گرو جي! پنهنجي ملڪ جي سير و سفر تي ويو هيس.‘
’توکي پنهنجو ملڪ ڪيئن لڳو؟‘ گرو پڇيو.
پاڳلن لاءِ رحمت ۽ عاقلن لاءِ زحمت‘ چيلي وراڻيو.
’تون ڇا ٿيڻ چاهين ٿو، پاڳل يا عاقل؟‘
’پاڳل!‘ چيلي وڏي اعتماد سان وراڻيو.
’ته پوءِ تنهنجي لاءِ هي ملڪ جنتِ ارضي آهي. جئين وڻئي، تيئن ڪندو وت.‘
اِهو ٻڌي چيلو چرين وانگر ٽهڪ ڏيندي اُٿيو ۽ زمين تي پيل هڪ پٿر کڻي پنهنجي گروءَ جي متي ۾ هڻي ڪڍيائين.

## 4.6 اڪيو ن بوٽ ته ملڪ ئي ميدان

چيلو تاريخ جو هڪ وڏو ڪتاب پڙهڻ ۾ مصروف هيو.
گرو کيس ڏسندي پڇيو.
’چيلا! تون ڪيترن ڏينهن کان وٺي تاريخي ڪتاب پڙهڻ ۾ مصروف آهين. آخر تو تاريخي ڪتابن مان ڪهڙو سبق سکيو آ؟‘
’گرو جي! تاريخ جي ڪتابن کي پڙهندي ائين محسوس ٿئي ٿو ته اسان جو ماضي به ڪو چڱو ناهي گذريو .... تاريخ رت سان ڀري پئي آهي.‘ چيلي ڏوڪويل انداز ۾ وراڻيو.

‘چڱو، ماضيءَ تي سوچڻ ۽ پاڻ کي دکي ڪرڻ بدران حال تي سوچ ته ڪا حال ۾ مثبت تبديلي اچي سگهي ٿي؟’ گرو چيلي کي سمجهائيندي چيو.
‘کهڙي مثبت تبديلي ايندي ....؟ ڏسو پاڻ ٿا ته حال بي حال لڳو پيو آهي. جئين پوءِ تيئن برائي ۽ بڇڙائي وڌندي، چڱائي ۽ سُنائي سوس ڪائيندي پئي وڃي!’ چيلي تاريخ جي نيپيل ڪتاب تي نوٽ رکندي وراڻيو.
‘چڱو، اکيون بند ڪري، ڌيان گيان سان اندر جي اک کولي ڏس ته مستقبل مان ڪا چڱائي جي اميد رکي سگهجي ٿي؟’ گرو، چيلي کي حال جي فڪرات مان ڪڍندي چيو.
چيلي ٻاهر جون اکيون بند ڪري، اندر جي اکين کي کولي، مستقبل کي ڏسڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ پئو وڃان رڙ ڪندي چيائين:
‘گرو جي ....! تون ۽ اسان ته مستقبل ۾ ڏاڍا ذليل ٿينداسين. چئو ته اُها منظر ڪشي ڪري ٻڌايانوَ؟’
‘نه منظر ڪشي ڪرڻ جي ضرورت ڪونهي. هاڻي تون هيئن ڪر جو ٻاهريون ۽ اندريون اکيون بند ڪري ڏس ته ڇا ٿو ڏسين؟’
گرو چيلي کي سمجهائيندي چيو.
چيلي ائين ئي ڪيو ۽ ٿوري دير کان پوءِ رڙ ڪندي چيائين: ‘گرو جي! سڀ اکيون ٻوٽ ته ملڪ ئي ميدان لڳو پيو آهي!’
‘ته بس هاڻي، اِهو ئي ملڪ ڏسندو رهه. جتي پنهنجو نه ماضي آهي، نه حال آهي نه مستقبل آهي. رڳو اڄ ئي اڄ لڳي پئي آهي.’

## 4.7 جڳ جهڙا

گرو گيان ڌيان ۾ وينو هيو ته اوچتو چيلو سهڪندو اچي پهتو.
چيلو: ‘گرو جي ....! گرو جي ....!’
گروءَ جو گيان ڀنگ ٿي ويو. ڪاوڙ مان اکيون کولي وراڻيائين
‘ڇا آهي ....؟ جو ائين ڪُتي وانگر سهڪندو اچي پهتو آهين؟’
چيلي سهڪندي وراڻيو: ‘گرو جي غضب ٿي ويو!’
‘وري ڇا ٿيو؟’ گروءَ حيرت وچان پڇيو.
‘ادب ۾ مرتب منصف ٿي ويا .... چور شاعر ٿي ويا .... ڏاڙيل ناول نگار ٿي ويا ....!’
چيلي انڪشاف ڪندي چيو.
‘اِهو سلسلو ته گهڻي وقت کان هلندڙ آهي. تو ڪهڙو نئون انڪشاف ڪيو آهي!’

‘پر اِهو سلسلو ادب ۽ ٻولي لاءِ هاجيڪار آهي؟!’
گرو ٺهڪ ڏيندي وراڻيو:
‘بيوقوف! اها ئي ته سماجي تبديلي آهي، جو اڳي اديب جڳ کان چڱا ۽ هاڻي جڳ جهڙا ۽ اڳتي هلي جڳ کان به ڪنا ٿي ويندا!’

## 4.8 حق

‘مان توکي ڪهاڻيڪار نٿو مڃان!’
‘نه مڃ ....! اِهو تنهنجو حق آهي.’
‘پوءِ تون لکين ڇو ٿو؟’
‘اِهو منهنجو حق آهي.’

## 4.9 ادبي ڪچهري ۽ عقلِ ڪل

هُو عقلِ ڪل هيو. سڄي دنيا جو علم هُن جي پيٽ ۾ هيو. هو جڏهن شراب پي ڪچهري ۾ ڳالهائيندو هيو ته عقل هاربو هو.
هڪ ڏينهن هن انڪشاف ڪندي چيو ته ‘جڏهن هُو هِن دنيا ۾ نه رهندو ته سچ نه اُڀرندو.’
‘سائين! اِها ڳالهه ته سوين سال اڳ، سنڌ جي هڪ گدڙ به ڪئي هئي، ته ان جي مرڻ کان پوءِ سج نه اُڀرندو. پر سج ته اُڀرندو رهي ٿو.’
‘بيوقوف .... جاهل .... آءٌ اُن سج جي ڳالهه نه پيو ڪيان. آءٌ سنڌي ادب جي سچ جي ڳالهه پيو ڪيان.’ عقل ِ ڪُل جوش ۾ ايندي چيو.
ادبي ڪچهري ۾ نئون آيل همراهه حيران ٿي ويو! ۽ پوءِ اهو سوچي اُٿي ويو ته چڏ منڍي کي کيڙيءَ ۾!

## 4.10 ردي ڪتابچو

هڪ گهڻ پڙهئي دانشور ، دعويٰ سان چيو: ‘جهڙي ريت آءٌ دنيا جي عظيم اديبن کي گهرائي ۽ گيرائي سان پڙهيو آهي. دنيا جو ڪو به ماڻهو ائين نٿو پڙهي سگهي.’
سامهون ويٺل همراهن مان گهڻن هڪ زبان ٿي چيو:

‘بيشڪ اوهان ڏاهپ جا ڏٽي آهيو.’
‘جيئن مون دنيا جي عظيم ليکڪن کي سمجهيو آهي، ٻيو ڪو به ائين نٿو سمجهي سگهي.’
دانشور پنهنجي ذهانت جي پاڻ واکاڻ ڪندي چيو.
سامهون وينل همراهن مان ڪافي ڄڻن تائيد ڪندي وراڻيو: ‘بيشڪ اوهان جي سمجھ ۽ ٻُڌي نرالي آهي.’
ڪتابي دانشور انڪشاف ڪندي چيو:
‘اوهان کي اهو ٻڌي حيرت ٿيندي ته آءٌ دنيا جا سڀ ڪتاب پڙهي ڇڏيا آهن.’
‘بي شڪ اوهان بي مثال شخصيت جا مالڪ آهيو.’ سامهون وينلن مان گهڻن حيرت سان گڏ اقرار ڪيو.
هُن وينلن تي طنز ڀريي انداز ۾ نظر وڌي ۽ پوءِ چيو: ‘هاڻي ان تلاش ۾ آهيان ته باقي ڪهڙو ڪتاب بچيو آهي، جنهن کي پڙهي ڇڏجي. جي اوهان کي معلوم هجي ته مون کي ضرور ٻڌائجو.’
هڪ خاموش همراهه جنهن ڪافي دير کان وني ڪتابي دانشور جو جائزو پئي ورتو. تنهن جرئت ڪندي چيو: ‘اي پاڙهو دانشور! تنهنجي ڏاهپ، سمجھ ۽ ٻُڌي ۾ ڪو شڪ ناهي. پر افسوس اِهو آهي، ته تو اجا هڪ اهم ۽ بنيادي ڪتاب ناهي پڙهيو.’
‘اهو ڪهڙو وڏو ڪتاب آهي، جيڪو مون اڃ تائين ناهي پڙهيو.’ دانشور ڪاوڙ ۽ پريشاني وچان ڪائنس پڇيو.
‘جي فرصت مليوَ ته ڪڏهن پاڻ کي به پڙهڻ جي ڪوشش ڪجو!’
‘ان سان ڇا ٿيندو؟’ گهڻ پڙهئي ڪتابي دانشور، اُن ڪندائتي وينل همراهه کان ٽوڪ واري انداز ۾ پڇيو.
‘اُن سان اِهو ٿيندو ته اوهان پاڻ کي ڪنهن خسيس ۽ ردي ڪتابچي جيان محسوس ڪندؤ!’
اُهو ٻڌي گهڻ پڙهيو دانشور ائين سسي ويو، جئين پريل ڦوڪڻي کي سئي لڳي ويندي آهي.

## 4.11 ساڳيو ئي تئو

ملڪ جو سربراهه انگريزيءَ ۾ قوم کي خطاب ڪري رهيو هو. چاچو امام بخش غور سان ٻڌي رهيو هو. ٻيري هڪ دفعو ٽي وي کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته چاچي

امام بخش جهليس. بيري ڪيس حيرت مان تڪيو جو ڪيس خبر هئي ته چاچو امام بخش پوري اڙدو به ناهي ڄاڻيندو. جڏهن خطاب ختم ٿيو ته چاچي امام بخش کان بي ساخته نڪري ويو.

’ڏاڍي ٻڌائين، بيو!‘

’ڇا ٻڌايائين؟‘بيري ٽيبل تان ڪوپ ۾ بسي ڪٽندي اچرج وچان پڇيس.

’گهڻو ڪجهه ٻڌايائين!‘

’نيٺ ...!؟‘ بيري حجت هلايس.

’ڇڻ توهان کي خبر ئي ناهي ته اهڙي موقعي تي ملڪ جا والي ڇا چوندا آهن!؟‘

’ڇا چوندا آهن؟‘ بيرو به ضد تي لهي آيو.

’اهو ساڳيو ئي ٿئو مُنهن سان گهمايائين توهان جي ... بيو ڇا چيئين !‘

ائين چئي چاچو امام بخش ٽيبل تي چانهه جا ڏهه روپيه اڇلائي، نڪري ويو.

## 4.12 ڏکي ڪهاڻي

هڪ ڏکي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائڻ لڳي. ڪڏهن روئڻ ، ڪڏهن کلڻ لڳي. سُڏڪن، هڏڪين ۾ آهن جو هڪ عجيب امتزاج هئي.

ڪهاڻيڪار سوچيو ته اها هڪ بهترين ڪهاڻي ٿي سگهي ٿي.

لکڻ وينو ته لکي نه سگهيو.

۾ دل ئي دل ۾، اعتراف ڪري وينو ته ڪي ڪهاڻيون لکي نه ٿيون سگهجن، صرف ٻڌي ۾ محسوس ڪري سگهجن ٿيون.

## 4.13 ڊاڪٽريٽ

هڪ تعليم جو ماهر، پنهنجي ملڪ جي تعليمي نظام جي آسان ۾ سهل هجڻ جي حق ۾، دليل ڏيندي ليڪچر ڏئي رهيو هو:

’اسان وٽ مئٽرڪ کان انٽر ميڊيٽ سولي آهي. جو ته ايستائين شاگرد رٽي هڻڻ جو ماهر ٿي ويندو آهي.

انٽر ميڊيٽ کان بيچلر جي ڊگري وٺڻ سولي آهي، جو جو شاگرد، نقل ۾ عقل استعمال ڪرڻ جي لائق ٿي ويندو آهي.

ماسترس ڊگري وٺڻ اجا آسان آهي، جو شاگرد، ٽيڙيون آڱريون استعمال ڪري بہ ڊگري ڪڍي ويندو آهي.
رهيو سوال ڊاڪٽريٽ جي ڊگري جو، تہ اها وري سيِن ڪان آسان آهي ...'
'اُهو ڪيئن؟'
آڊيٽوريم ۾ وينل هڪ همراهہ صبر نہ ساري سگهيو ۽ وچ ۾ پڇي وينو.
تعليم جي ماهر وراڻيو: 'اُهو هيئن تہ اسان وٽ ٻين جي عقل تي، پنهنجي بيوقوفي کي ظاهر ڪرڻ واري کي، ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ڏني ويندي آهي.'

## 4.14 گونگو

هُو جڏهن ڄائو تہ وات پٽيو هو. هر شيءِ کي حيرت ۽ عجب وچان گهوريندو رهيو. ڪيس اچي ۽ ڪاري جي تميز ڪو نہ هئي. لعل ۽ ٽانڊي کي، هڪ ڪري پئي ڄاتائين. 'پيرڙو پنڌيرو' جي آواز تي نڌڙيون وکون کڻي هلڻ لڳو. ڪڏهن ڪريو پئي، ڪڏهن هليو پئي. لفظن جي تهہ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو.ورجائي، سکي ويو ٻولي ڳالهائڻ. پر پوءِ محسوس ڪيائين تہ لفظ بہ گورک ڌنڌو آهن. لفظ ظاهر ۾ جيڪي ٻڌڻ ۾ اچن ٿا، سمجهڻ ۾ اچن ٿا، اُهي ناهن. اقرار ۾ انڪار ۽ انڪار ۾ اقرار لڪيل آهي. محبت ۾ نفرت ۽ نفرت ۾ محبت چپ هنيون ويني آهي. ڏکها جملا اظهار جون ڪوڙڪيون آهن. سچ کي بہ سونا ورق چاڙهيا پون ٿا، سونهن کي بيان  ڪرڻ لاءِ صرف 'سونهن' چوڻ ڪافي ناهي. ان جي بہ ايڊرٽائيزمينٽ ڪرڻي پوي ٿي. ان ڪري ڳالهائيندي ڳالهائيندي خاموش ٿي ويو. پوءِ خاموشي هن سان ڳالهائڻ لڳي. ۽ هو خاموشيءَ سان.
ماڻهن سمجهيو گونگو آهي.

## 4.15 سمجهہ

هڪ دوست، ٻي دوست کي چيو:
'ويهہ سال ٿيا آهن، توسان دوستي نڀائيندي، پر مان اڃا توکي سمجهي نہ سگهيو آهيان. تہ تون ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهين؟'
ٻي جواب ڏنو:

‘تنهنجي سمجهہ ئي ايتري آهي تہ مان ڇا ڪريان؟ مان تہ اُهو ئي آهيان، جيڪو ويهہ سال اڳ هيس.’

## 4.16 سازش

هڪ صحافي هڪ وزير باتدبير کان بار بار وڪڙ هڻي اهو سوال پئي پڇيو:
‘آخرڪار اوهان جي دور حڪومت ۾ ايتريون خودڪشيون ڇو ٿيون ٿين!؟’
وزير وراڻيو: ‘دراصل اسان جي حڪومت خلاف اها هڪ وڏي سازش آهي’
‘ڪير ڪري رهيو آهي، اِها سازش؟’
صحافي سوال مان سوال ڪيندي پڇيو:
وزير وراڻيو:
‘ملڪ دشمن!’

## 4.17 نہ ڪٽنڌڙ وسيلا

هڪ سرڪاري ڌر جي ماهر معاشيات کان صحافين ڏاڍا تيز ۽ تکا سوال پئي ڪيا.
‘اسان جي ملڪ جي معاشي حالت ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندي ٿي وڃي، خطرو اِهو آهي تہ ملڪ ڏيواليٽي جو شڪار نہ ٿي وڃي. ائين ٿيندو تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟’
ماهر معاشيات اطمينان سان وراڻيو:
‘اسان جي ملڪ جي معيشيت ڪڏهن بہ ڪمزور ٿي نہ ٿي سگهي. اسان وٽ نہ ڪٽنڌڙ وسيلا آهن. ان ڪري پريشاني جي ڪا ڳالهہ ڪونهي.’
صحافي مطمئن نہ ٿيڻ واري عادت کان مجبور ٿي وري سوال ڪيو:
‘اُهي نہ ڪٽنڌڙ وسيلا ڪهڙا آهن، جيڪي اسان کي ڏيواليٽي کان بچائيندا؟’
‘اسان کي پنڌ جا هڪ سو هڪ طريقا ايندا آهن. اسان تہ اڃا، پنجويهہ فيصد بہ اِهي طريقا استعمال ناهن ڪيا.’
ماهر معاشيات وڏي اطمينان وچان گهرو ساهہ کڻندي وراڻيو.

## 4.18 سياست

هڪ پراڻو تماشبين، ڪافي عرصو ٻاهر رهڻ کان پوءِ جڏهن پنهنجي ملڪ ۾ آيو، تہ ڪيس چڪلي وڃڻ جي ڀاڙ ستايو.
چڪلو گهمندي ڦرندي ڪيس حيراني ٿي تہ هر طرف بازار ۾ ويراني ڇانيل هئي. نہ فضا ۾ اُهي سُر هيا، نہ تال ، نہ پائل جي اُها جهنڪار هئي، نہ تماشبينن ۾ اُها ڏيڻ وٺڻ جي تميز هئي. ائين لڳي رهيو هيو، ڄڻ هڪ عجيب قسم جي بدتميزي جو طوفان هيو. نظرن ئي نظرن ۾ ڄڻ طوائفون ۽ تماشبين هڪ ٻئي کي کائي رهيا هيا.
هِن هڪ غمزده پوڙهي ڪجر کي ڏٺو. جيڪو هڪ ڪوني جي آخري ڏاڪڻ ڏاڪي تي، ڪنڌ هيٺ ڪيون، ڪچو شراب واپرائي رهيو هيو. هن وڏي وجي ڪجر کان پڇيو: ’ڇا ٿي ويو آهي چڪلي کي ....؟ ڪنهن جي نظر لڳي ...؟ جو ائين هر شئي بي رونق ٿي وئي آهي!‘
پوڙهي ڪجر ڪنڌ مٿي ڪري، ٿڌو ساهہ ڀريندي جواب ڏنو:
’بائوجي ....! جڏهن کان چڪلي ۾ سياست آئي تہ چڪلو تباهہ ٿي ويو.‘
*

## 4.19 اُداسي

’رات ڪيڏي نہ اداس آهي ...!‘ هڪ مايوس شخص، ٽن پيگن هڻڻ کان پوءِ، فليٽ جي بالڪوني ۾ ويهي، رات جي خاموشي تي تبصرو ڪندي چيو.
رات هڪ زوردار ٽهڪ ڏيندي وراڻيو:
’بيوقوف ..! اداس آءٌ نہ، پر تون آهين. تنهنجي ئي پر واري فليٽ ۾، تہ آءٌ رنگين لڳي پئي آهيان.‘
*

## 4.20 ڊگري يافتہ گڏهہ

هڪ شخص، سينگاريل گڏهہ کي ٻيني گلقند پيئي کارايو ۽ ٻئي ٻيني گلاب پاشي پئي ڪئي.
اِهو ڏسي، ڪجهہ واٽهڙو حيران ٿي ويا.

هڪڙو طنزيه انداز ۾ چوڻ لڳو: ’چا گڏهه چا گلقند ....!؟‘
ٻئي ميار واري انداز ۾ ڏيک ڏيندي چيو: ’گڏهه مٿان گلاب هاريندي حيف ٿئي!‘
گڏهه جي ٿنڌوالي ڪرڻ واري هڪ شخص کي منيان لڳي، جواب ۾ چوڻ لڳو:
’هي ڪو عام رواجي گڏهه ڪونهي. ڊگري يافته آهي، پت نه اچيو ته سندس ڳچيءَ ۾ ٻڌل ڊگريون ڏسي سگهو ٿا.‘
واٽهڙو حيران ٿي گڏهه جي پرسان آيا ۽ اهو ڏسي ويتر حيران ٿي ويا ته گڏهه جي ڳچيءَ ۾ ماسٽرس، ايم فل ۽ پي ايچ ڊي جون ڊگريون ٻڌل هيون.

## 4.21 چور جي تلاش

هڪ همراهه هوٽل تي ويٺي ٻين ماڻهن کي ٻڌائي پيو:
’منهنجي زال دنيا جي خوبصورت ترين عورت آهي. هن جا وار گهٽائن جهڙا، چپ گلاب جون پنکڙيون، گردن صراحيدار، چيلهه چهبڪ جيان ڪٽڪائون رنگ، چشم آهو، ابرو ڪمان، نگاهه ناز ڪري ته ماڻهو مُرغِ بسمل ٿي وڃي.‘
ويٺل همراهن مان هڪ شخص کيس سمجهائيندي چيو:
’تون ڪو نهايت سادو ماڻهو ٿو لڳين ... پائو، هيءَ دنيا ڏاڍي ظالم ٿي. ائين نه ٿئي ته ڪو تنهنجون ڳالهيون ٻڌي، تنهنجي زال چورائي وڃي.‘
همراهه وراڻيو:
’آءٌ اِهو ئي ته چاهيان ٿو!‘

## 4.22 نئين حڪمت عملي

دهشت گرديءَ جي خاتمي لاءِ، ملڪي سطح جو هڪ مذاڪرو ٿي رهيو هيو. سرڪاري سطح تي مجيل دانشورن، سياستدانن ۽ مضبو ط دل جي ماڻهن کي گهرايو و يو.
پهريان هڪ دانشور ڳالهايو:
’دهشت گردن کي زوري ’عدم تشدد‘ وارو فلسفو پڙهايو وڃي. جڏهن هو عدم تشدد وارو فلسفو پڙهندا ته پاڻهي دهشت گردي ڇڏي ڏيندا.‘
پنڊال ۾ هڪ اڌ تاڙي وڳي ۽ ڪي ماڻهو سندس ان ڳالهه تي کليا.
اُن ڪان پوءِ هڪ سياستدان جو وارو آيو. ان فرمايو:
’دهشت گردن سان ڊيل ڪئي وڃي ۽ پوءِ کين مراعتون ڏيئي ڪرپٽ ڪري، سندس ويڙهاند واري جبلت کي گهٽايو وڃي ته دهشت گردي پاڻهي ختم ٿي ويندي.‘

پنڊال ۾ چڱن ماڻهن تاڙيون وڄايون ۽ رايو ڏنو ته اها پراڻي تجويز آهي، بهرحال پوءِ به نيڪ آهي.
آخر ۾ مضبوط ڌر جو ماڻهو آيو. هن رعبدار ۽ ڪڙڪيدار آواز ۾ تقرير ڪندي چيو:
’جئين هيرو هيري کي ڪٽيندو آهي، زهر زهر کي ماريندو آهي. تئين دهشتگردي کي، دهشت گردي سان ختم ڪري سگهي ٿو.‘
پنڊال ۾ وينل ماڻهن، اُٺي بيهي تاڙيون وڄايون ۽ رايو ڏنو ته ڪيڏي نه شاندار ۽ نئين حڪمت عملي آهي!

## 4.23 شوبز جو ماڻهو

هڪ شوقين مزاج شخص وڏي شهر جي هوٽل ۾ رهندي، ’ڪال گرل‘ کي گهرائڻ لاءِ هڪ پڙوي سان رابطو رکيو. پڙوي هُن کي البم ڏيکاريو. هن هڪ فوٽو تي هٿ رکيو، جنهن جا چپ ڏاڍا خوبصورت هيا. خوبصورت چپ هن جي ڪمزوري هيا. پڙوي هن کي اُن جو ريٽ 20 هزار ۽ پنهنجو محنتاڻو 2 هزار روپيه ٻڌايو. شوقين مزاج شخص هڪدم ’واليٽ‘ مان ٻاويهه هزار روپيه ڪڍي پڙوي کي ڏنا جو ڪيس پڙوي اڳ ۾ ئي اهو ٻڌائي ڇڏيو هيو ته اڄڪلهه ’ڪال گرلس‘ ايڊوانس ۾ پئسا وٺن ٿيون.
پڙوو پئسا وٺي رمندو رهيو ۽ شوقين مزاج انتظار ڪندو رهيو. منجهند کان رات ٿي وئي ته شوقين مزاج شخص آسرو لاهي ويهي رهيو. ڪيس اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي ته پڙوو ساڻس ڌوڪو ڪري ويو، جئين اڪثر وڏن شهرن ۾ ٿيندو آهي.
منجهند جو ويل پڙوو، جڏهن اڌ رات جو موٽيو ته هتين خالي هيو. شوقين مزاج شخص جڏهن پڙوي کي ڏٺو ته ڪيس ايڏي ڪاوڙ آئي جو دل ۾ آيس ته انهيءَ ڌوڪيباز پڙوي جو نڙ-گهٽ پٽي ڪڍي.
پڙوي ڏاڍي تعظيم سان روداد ٻڌائڻ شروع ڪئي:
’سائين! اوهان جي من پسند ’ڪال گرل‘ جو سيليولر فون مسلسل بند هيو. ان ڪري ڪيس مون شهر جي ڪيترن ئي اڏن تي ڳولهيو. ۽ آخري اڏي تان اها خبر پئي ته هڪ ’فيوڊل لارڊ‘ ڪيس ’بوڪ‘ ڪري ملڪ جي ڳادي جي هنڌ ڏانهن وٺي ويو آهي.‘
’پوءِ!؟‘ شوقين مزاج شخص ڪيس ڪاوڙ ۾ گهوريندي پڇيو.
’پوءِ هي اوهان جا ويهه هزار .... باقي منهنجو محنتاڻو ته ڪرائي ۾ هليو ويو!‘ پڙوي شوقين مزاج ماڻهوءَ کي پئسا موٽائيندي چيو.

شوقين مزاج همراه حيران ٿي ويو ۽ پئسا وٺندي چوڻ لڳو: ’مون تہ ٻڌو آهي، وڏن شهرن جا پڙوا پئسا وٺي ڪائي ويندا آهن ۽ تون آهين، جنهن پئسا موٽائي ڏنا آهن!؟‘

پڙوي مشڪندي وراڻيو: ’سائين آءٌ پڙوو ضرور آهيان، پر شوبز جو ماڻهو ناهيان جو اوهان جا پئسا وٺي ڪائي وڃان!‘

## 4.24 جدوجهد

ڪاليج ۾ شاگرد تنظيم جي اڳواڻ، پنهنجي يونٽ جي ساٿين کي ليڪچر ڏئي رهيو هيو. هُن ليڪچر جي پڇاڙيءَ ۾ انقلاب ۽ آزاديءَ جي نعمتن جو ذڪر، درياهہ کي ڪوزي ۾ بند ڪندي فرمايو:

’جڏهن انقلاب ايندو ۽ آزادي ملندي تہ هن ذِتڙيل سماج ۾ هڪ اهڙو نظام ايندو جو اهي ٽڪي ٽڪي جا سرڪاري ملازم اسان جي گهرن جو دروازو کڙڪائي، پئسا هٿن ۾ کڻي، باادب ٿي چوندا:

’ڪامريڊ! هي وٺو ، پنهنجي منٿلي ... پنهنجو ڀتو ...‘

يونٽ جي ميمبرن زوردار تاڙيون وڄايون ۽ نعرا هنيا.

پر يونٽ جو هڪ ميمبر جيڪو حد کان وڌيڪ جذباتي هيو، تنهن اٿي سوال ڪيو:

’ڪامريڊ ! اسان کي اهو ٻڌاءِ تہ جيستائين، اهڙو عظيم انقلاب برپا ٿئي، تيستائين اسان ڇا ڪيون ...؟ ڇا تيستائين اسان ڪتاب آڏو رکي پڙهندا رهون!؟‘

شاگرد اڳواڻ وراڻيو:

’نہ ...! تيستائين، اوهان ڪلاسن جو بائڪاٽ ڪرائي، جدوجهد کي جاري رکو.‘

## 4.25 نحوست

هڪ مرد چيو:

’عورت جي حڪومت ۾ نحوست هوندي آهي.‘

اُهو ٻڌي عورت وراڻيو:

’واقعي اُها عورت بدقسمت هوندي، جنهن تو جهڙي منحوس کي چٽيو هوندو!‘